طنز و مزاح جا ڪالم

سوا سائينءَ منهنجي کي چوان



گل مڪڙو

سو سائين منهنجي ڪي چوان

طنز و مزاح ڪالم

مصنف

گلاب هڪڙو

مهراڻ پبليڪيشن ڪراچي.
9/8 رمپا پلازه، ايم اي جناح روڊ، ڪراچي.

هن ڪتاب جا مڙئي حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ آهن

نالو : سو سائين منهنجي کي چوان
موضوع : ڪالم
ليکڪ : گلاب هڪڙو
ٽائيٽل : منور ابڙو
:
پهريون ڇاپو : پهرين جون ٢٠٠١ع
ڇپيندڙ : حيدري پريس، لياري، ڪراچي.
ڇپائيندڙ : مهراڻ پبليڪيشن، ڪراچي.
ڪمپيوٽر لئي آئوٽ : درياخان گوپانگ
: تنوير ساگر
مُلهہ : ١٠٠ رپيا

ملڻ جو هنڌ
٩/٨ رمپا پلازه، ايم اي جناح روڊ، ڪراچي.

All rights reserved for the Author

"SO SAAIN MUHANJAY KHAY CHAWAAN"

Columns by : Gulab Hakro

First Edition : 01.06.2001

Title : Munwar Abro

Composing : Darya Khan Gopang
Tanveer Sagar

Price : Rs. 100/=

نالي

* امان ۽ بابا جي

* ڀينرن ۽ ڀائرن جي

* گھر واريءَ ۽ ٻچڙن جي
جن مون کي ادبي سفر ۾
اڳتي وڌڻ ۾ ڀرپور ساٿ ڏنو

گلاب ھڪڙو

ڌيان سان پڙهو

ڪراچي ڪان حيدرآباد جي وڏي شاهراهه تي سگا طرفان قائم ٿيل "ڊاڪٽر ياسمين ايمرجنسي ميڊيڪل سينٽر" اٽڪل ١٩٩٣ع ڪان انسان ذات لاءِ هيٺ ڏنل خدمتون انجام ڏيئي رهيو آهي.

* مذڪوره مصروف ترين شاهراه تي ٿيندڙ ننڍن وڏن حادثن جي زخمين کي ترت ۽ مُفت علاج مهيا ڪرڻ.
* حيدرآباد يا ڪراچي جي ويجهي اسپتال ڏانهن حادثاتي زخمين کي ضروري علاج ڏيڻ ڪان پوءِ منتقل ڪرڻ.
* پسگردائي جي ڳوٺاڻي آبادي کي مفت علاج جون سهوليتون مهيا ڪرڻ.

هن مرڪز ۾ انسان ذات لاءِ ٿيندڙ خدمتن کي وڌيڪ موثر بنائڻ لاءِ هيٺ ڏنل پروگرام هٿ ۾ کنيا ويا آهن.

١. ليبارٽري جو قيام، جنهن لاءِ نئين عمارت تيارين جي مرحلن ۾ آهي.
٢. ماءُ ۽ ٻار صحت مرڪز لاءِ عمارت رٿي وئي آهي.
٣. آپريشن ٿيٽر جي تياريءَ تي ڪم هلي رهيو آهي جيڪو ايندڙ مهينن اندر ڪم شروع ڪري ڏيندو.

سگا هڪ سماجي ادارو آهي جنهن جي ڪمن جو تسلسل هميشه اوهان جي سهڪار ۽ مالي امداد سان هلي رهيو آهي. هن مرڪز کي وسيع بنيادن تي هلائڻ لاءِ اوهان جي خلوص انسان دوستيءَ واري سهڪار جي اميد رکون ٿا.

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن
٩/٨ رمپا پلازا ايم اي جناح روڊ ڪراچي

ڊاڪٽر ياسمين شيخ
ميموريل ايمرجنسي ميڊيڪل سينٽر
ڪلو ڪوهر سپر هاءِ وي، نوري آباد
ضلع دادو
فون نمبر: 02202 ـ 660136

پنوتري

ارپنا ______ 3
ڏيان سان پڙهو ______ 4
پنوتري ______ 5
ڇپائيندڙ پاران ______ 7
گلاب جا گل ______ 8
ٽي اکر ۔ ڊاڪٽر سليمان شيخ ______ 9
مهاڳ ۔ سنڌ امڙ جو سيواڳر ۔ تاجل بيوس ______ 11
چار اکر ۔ رئوف نظاماڻي "گل ۽ سنڌس لڪٽيون" ___ 17
اڌ اکر ۔ گلاب هڪڙو ______ 21
ٻاڙي جو مونجهارو ______ 23
انصاف ۾ هٽرادو ڏار ______ 27
موٽروي: گڏهه جي ڪوسٽر سان ريس ______ 29
آسرن ۾ تو سهٽا رلائي ڇڏيو ______ 32
درشهوار سيد جي عظمت کي سلام ______ 36

ايڏي پڇي ويڃڻ جي ڳالھ نہ ڪر ________ 42
منهن جو هر هڪ موتي داڻو هو ________ 46
ڪجھ تہ سوچيو سھڻا سائين ________ 50
اها خبر ڏاڍي دير سان پئي ________ 54
هاٿي جا ڏند ________ 58
مان بري تون ڏوهي ________ 62
تقدير جو مالڪ ________ 67
الجهيل فارم ۾ منجهيل عوام ________ 72
مَدي جن جي من ۾ ________ 76
سون تي سيڻ متائڻ ________ 80
سهڻا ڏتا ـ ڪوڙا واعدا ________ 84
نيلام گهر بند ٿيڻ گهرجي ________ 87
غضب ڪيوسين پاڻ سان ________ 90
قرض ڪاريهر نانگ ________ 95
لاڙڪاڻي ۾ شور ________ 99
محرم ۽ معاشرو ________ 103
وهنواري تعاون ________ 107
مڪ مڪاءُ ڪاميٽي ________ 112
ڪر ڌماڪو رک مولا تي ________ 116
محبتن جو پيرم ________ 119
ولائتي ڪتن جا ناٽ ________ 124
ٻاڙو نہ ٻول واعدا نہ توڙ ________ 128
گورنر چو آهين مجبور ________ 131
چا ڪانو مري ويا ________ 135
حڪومت جا چار ڌماڪا ________ 139

ڇپائيندڙ پاران

ادب جي دنيا ۾ جتي ٻين ڪيترين ئي صنفن تي سنڌي اديبن پاڻ موڪيو آهي، اتي طنز و مزاح واري صنف تي لکڻ وارن ۾ به تمام گهٽا ناليوارا اديب اچي وڃن ٿا.

حقيقت ۾ ڪجهه اهڙا اديب هاڻ اسان سان نه رهيا آهن، پر وري به جيڪي ڪجهه خير سان اسان وٽ موجود آهن، سي ڪن اڻتر سببن ڪري ماٺ ٿي ويا آهن، تڏهن به لک آفرين آهي حليم بروهي ۽ امر جليل صاحب جن کي جيڪي اڄ سوڊو ساٺ نڀايو پيا اچن. جڏهن ته انهن دوستن جي گس تي ٻيا ڪيترا هلڻ جي ڪوشش ڪن پيا، تن مان هڪ گلاب هڪڙو به ٻانبڙا پائي پيو. انهيءَ سلسلي ۾ هي سٽون لکندي بيحد خوشي محسوس پئي ٿئي ته مهراڻ پبليڪيشن ڪراچي صرفان گلاب هڪڙي جي طنز و مزاح وارن ڪالمن جو هيءُ ٽيون ڳٽڪو "سو سائين منهنجي کي چوان" ڪتابي صورت ۾ اوهان سڄڻن جي خدمت ۾ پيش ڪري رهيا آهيون. انهيءَ سان گڏ اسين انهن مهربانن جا به ٿورائتا آهيون، جن هن ڪتاب جي ڇپجڻ ۾ اداري سان مالي سهڪار ڪيو.

اسان کي اميد آهي ته گلاب جو هيءَ ڪتاب هن گهُٽَ ٻوست واري ماحول ۾ اوهان جي ذهني پيڙائن کي تفريح مهيا ڪرڻ سان گڏ لاپائتي جاڻ ڏيڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو، تڏهن به اسان کي اوهان جي راءِ جو اوسيئڙو برابر رهندو.

پبليشر

پرويز حيدر



ٽي اکر

محترم گلاب سائين حڪم ڪيو آهي تہ سندس ڪتاب لاءِ ٽي "٣" اکر لکان. سندس هي ڪتاب "سو سائين منهنجي کي چوان" ڪالمن جو ڳٽڪو آهي. جيڪي هن نومبر ١٩٩٧ع کان جون ١٩٩٨ع دوران "هلال پاڪستان" لاءِ لکيا آهن. هن ڳٽڪي جا ٽي رخ آهن:
پهريون رخ آهي، "دڙو دادا" جو جيڪو هڪ عام سنڌي شهري آهي حساس دل رکندڙ ۽ ملڪ جي ڀلي ۽ ڀلائيءَ جو اونو رکندڙ آهي.
ٻيو رخ آهي، نومبر ٩٧ع کان جون ٩٨ع وارو پاڪستان جي تاريخ جو هڪ نهايت اهم سنسني خيز ۽ تاريخ جو هڪ ڊيچاريندڙ رخ.
ٽيون رخ آهي سنڌ جي سڄڻ جي جدائيءَ جو ڏکارو اپٽار شايد ان سبب ٿي سائين حيدربخش مون کي زور ڏيئي چيو تہ آئون ٽي اکر لکان.
هن اهم ڪتاب تي ٣ صفحا لکڻ بہ ان سان انصاف نہ ٿيندو. سڀ کان پهرين تہ ڪالم لکڻ هڪ ڏکيو فن آهي دڙو دادا جي شخصيت جو تخليق ڪار هڪ ايماندار قلم جو مالڪ آهي، جنهن بنا ڪنهن مصلحت جي پنهنجي دور جي اهم سياسي ۽ سماجي واقعن جو ذڪر ڪيو آهي ۽ انهن تي پنهنجي راءِ جو بہ برملا اظهار ڪيو آهي. هن آڏو سپريم ڪورٽ جي بيعز تي - چيف جسٽس جي معزولي - نئين صدر جي چونڊ - آدمشماري - ڪالاباغ ڊيم - ائٽمي ڌماڪا مهانگائي - سماجي تنظيمن جي ٻاهرين ڌن تي ڌمال سڀ اهڙا مسئلا آهن جيڪي سڌيءَ طرح عام ماڻهوءَ تي اثر انداز ٿيا آهن جن عام ماڻهوءَ جو

اتساهه جهڙو ڪيو آهي ايمان ڪمزور بنايو آهي ۽ ملڪي نظام ۽ قانون تان ويساهه ڪٽي ورتو آهي.

ذڪر ڪيل اٺ مهينا پاڪستان جي تاريخ ۾ پاڪستاني ادارن جمهوريت جي اصولن ۽ قانون جي پاسدارن لاءِ بنياد اکيڙڻ وارا ثابت ٿيا آهن. انهيءَ دور ۾ ڪيل فيصلن فيڊريشن جي بنيادن کي لوڏي وڌو آهي.

سنڌ ۾ عام ماڻهو نراس - ويچارو ۽ وياڪل ٿي ويو آهي. اسان جي سماجي ماڻهوءَ جي ڪمزور ووٽ کي بي عمل ۽ بي وس ڪيو ويو آهي. ان دور کان پوءِ جون حالتون وڏيڪ گينير ٿيون آهن. جڏهين انصاف جي ايوانن مان آس ٽٽي پوي ته پوءِ عام ماڻهو ڪهڙي طرف وڃن!

مذڪور دور ۾ خصوصا ڊسمبر ١٩٩٧ع ۽ جنوري ١٩٩٨ع جا مهينا اهڙا گذريا جن ۾ هر هفتي سنڌي ادب، سماج، فن جي دنيا جو ڪونه ڪو نامور اسان کان هميشه لاءِ جدا ٿي ويو. ڏڙو دادا ڊاڪٽر در شهوار سيد جي ڏک ۾ هنجون هاريون آهن، ته شيخ اياز ۽ اياز قادري جو وڇوڙو به ڪيس جهوري ٿو. پروفيسر اعجاز قريشيءَ تي شاگردن ياران حملو پڻ ڏکوئي ٿو. ڏڙو دادا سنڌ جي شخصيت جو روپ آهي. سنڌ جي چهري تي دل تي ۽ دماغ تي جيڪي به اندريان ۽ ٻاهريان حملا ٿين ٿا انهن تي احتجاج جي صدا بلند ڪري ٿو.

سائين حيدربخش "گلاب" پنهنجي قلم سان سنڌي ٻوليءَ کي هڪ نئون طنزيه انداز ڏنو آهي، جنهن جي جهلڪ هن ڪتاب ۾ عيان آهي. سنڌيءَ ٻوليءَ جي ڪالم نگارن ۾ محمد عثمان ڏيپلائي - نور عباسي - حسين شاهه راشدي - قمر شهباز هن اسلوب جا شاهه قلم ڪار آهن. پر اسان جي هن پرخلوص ساٿيءَ جي محنت ڪنهن به ريت پٺتي نظر نه ٿي اچي. گلاب پنهنجي خلوص جي پگهر مان سنڌ جي رت جا گلاب تيڙيا آهن. شال لکندو رهي. سدا سکي رهي.

سنڌي ٻوليءَ جو خادم
ڊاڪٽر سليمان شيخ

ڪراچي
5 سيپٽمبر 1999ع



گلاب هڪڙو

سنڌ امڙ جو سيواگر ۽ پريمي ڪالم نگار

منهنجي سامهون طنزو مزاح تي ٻڌل تيهن ڪالمن جون فوٽو اسٽيٽ ڪاپيون آهن، جن کي آچر جي ڏينهن جو فائدو وٺندي، مون سڀ جا سڀ ڪالم پڙهي، پورا ڪيا آهن. طنز جي معنيٰ ٽوڪَ يا چٿر ڪئي ويندي آهي، ۽ مزاح، کل ڀوڳ يا چرچي طور ڪم آندي ويندي آهي، جا اسٽائيل نثري ادب جي هڪ شاخ يا حصو سمجهي وڃي ٿي. ادب ۾ طنزو مزاح جو دائرو تخليقي ۽ اخلاق اندر هوندو آهي، جنهن

جي تخليق ڪرڻ جو خاص مقصد اصلاحي (Reformatory or Capa-ble of being set to right or cured) سمجهڻ گهرجي، چو تہ عام ماڻهو جي ٽوڪ ۽ چرچي گهٽي ڪان هڪ ڪالم نگار جي طنز مزاح جو انداز تخليقي ۽ تعميري هوندو آهي. ٻئي صورت ۾ اهڙيءَ تحرير کي سماج سڌار ادب ئي چيو ويچي ٿو، جنهن بابت جرمن دانشور هيگل هن طرح چيو آهي:

"ادب هڪ اها تاريخ آهي، جنهن مان ڪنهن بہ ملڪ يا قوم جي هر دؤر ۾ بدلجندڙ قدرن جون لفظن ۾ چٽيل تصويرون پسي سگهجن ٿيون."

مون لاءِ اصلاحي ادب هڪ اهو نغمو آهي، جنهن جي روح جي پاتال کي ڇهڻ ڪان پوءِ، اسان سماج جي خوبصورتي ڏسي سگهون ٿا، جتي ڪُنڊ پاسي ڪان ڪڏهن بدصورتي بہ جهلڪندي نظر ايندي آهي. ائين چئجي تہ جيئن سونهن سان سينگار جو ميلاپ، سون تي سهاڳي جو ڪم ڪندو آهي، تيئن ادب جي فڪري اڏام بہ ادب کي چار چنڊ لڳائي ڇڏي ٿي.

اِن ۾ ڪوبہ شڪ ناهي تہ ڪالم نگاري هڪ بين الاقوامي صنف آهي. اسان وٽ ڪالم نگاري، پوءِ اها طنز و مزاح، علامتي يا صحافتي انداز ۾ هجي، يورپ ۽ آمريڪا جي ڀيٽ ۾ لڳ ڀڳ هڪ صدي پوءِ شروع ڪئي وئي، جڏهن تہ يورپ ۾، خاص ڪري انگلستان ۽ فرانس ۾ اهو اٺويهين صديءَ جي شروعات وارو زمانو هو، جڏهن يورپ جي شاعرن ۽ نثرنگارن جي قلم مان رومانوي ادب (Romanticison) سرجي رهيو هو، ۽ ادب جي اهڙي خوبصورت دؤر ۾ اخبارن جي مالڪن ۽ ايڊيٽرن شاعرن ۽ نثرنگارن جي نبض سڃاڻي، اخبارن جا صفحا وڏائي ڇڏيا هئا، ۽ ائين ڪيترن جڳ مشهور شاعرن ۽ نثر نويسن اخبارن ۾ ڪالم، رپورتون ۽ رپوتار لکڻ شروع ڪيا هئا. هن ڏس ۾ ڪولرج، سڊي، ڊڪنس، هيمنگوي ۽ سارتر وڏي ميجتا ماڻي. آمريڪي مارڪ

ٿوين ۽ واڪاڻ جي بلندين تي رسيو.

گلاب هڪڙي جا ڪالم ۽ ادب ۽ صحافت جو هڪ حصو آهن، جن جو سڌو سنئون تعلق زندگي، زندگي جي مسئلن ۽ مسئلن جي حل تلاش ڪرڻ سان آهي. گلاب جا ڪالم پڙهي، "ادب جو زندگيءَ لاءِ هجڻ" ڪان وڏيڪ، هن طرح چئي سگهجي ٿو: "ادب جو سماجي، معاشي ۽ سائنسي تبديلين يا انقلاب لاءِ هجڻ" اسان جو ليڪڪ ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجي، انٽرنيٽ ۽ اِي ميل واري دؤر ۾ پيو رهي، جنهن دؤر ۾ دنيا جا ترقي يافته (Developed) ملڪ انساني مسئلا حل ڪري، زندگيءَ کي ٿاهي، ٺاهوڪڙو ڪري، اَگهي، اڄو اُجرو ڪري، خلائن (SPACE) ۾ گهَرَ اڏڻ لاءِ ڪم ڪري رهيا آهن، ۽ اسان پنهنجو روزگار اڄان ۾ هَرَ جي جاڻ ۽ گهوڙيءَ ۾ تلاش ڪري رهيا آهيون!

گلاب هڪڙي جي لکڻين جي واڪاڻ جوڳي هڪ فني خوبي هيءَ آهي ته هُو وقت جي حڪمران سان مخاطب ٿيڻ وقت، اڪيون اکين ۾ ملائي، طنز ۽ مزاح جي آڌار تي ڪيس سچ چئي، واردات واري هنڌ تان آسانيءَ سان پيرن جا نشان ڏاهيو، يا پاتوڙي ۽ ٿالن سان لڪايو چڏي، يا پوئين پيرِ ڪم ٿيو وڃي، مثال طور:

(١) باقي دلبر! رک مؤلا تي - علي سخي آ. ڏنڊي تي منزل آ - عيش ۾ حاڪم آ. عوام پيرين پنڌ آ. الله خير ڪندو.

(٢) وڏيڪ راز جا راڻا، پاڻ سياڻا، عاقل، بالغ وات وڪيل آهيو. باقي اڪتي الله سائين خير ڪندو (آمين)

(٣) پوءِ اهڙي امن جي جاڪوڙ لاءِ ڪنهن جو متو ڦاٽي، چنگهه پڄي، يا ڪٽي ڪو مري ۽ وڃي ته ڪا وڏي ڳالهه ناهي. آخر امن امان ۽ ڪا شيءِ آهي. سو جتوئي صاحب! دٻ ڪِليءَ کي - الله سائين خير ڪندو. (آمين)

(٤) ...... ۽ پوءِ الله ڪندو ته اسان جي ترقي ۽ خوشحاليءَ کي ڪير ۽ روڪي ڪونه سگهندو، ۽ خير سان سڀ قرض ۽ لهي ويندو، ۽

پوءِ الله ڪندو سڀ ڀلي، ڀلي.

گلاب هڪڙي وٽ ڪالم کي ختم ڪرڻ، يا ڪالم کي ڪلائيمڪس يا انٽي ڪلائيمڪس تي پهچائڻ جو پنهنجو ڏانءُ ۽ ڏات آهي. استحصالي قوتن، سوبہ مارشل لاجي باقيات کي سچ چٽي، مُنهن تي نقاب اوڙهي. اک بچائي، گلاب ائين گم ٿي ٿو وڃي، جو پڙهندڙ دنگ رهجي ٿو وڃي، ۽ ڪنهن کي خبر بہ نٿي پوي تہ گلاب ڪو قطار ۾ بہ بيٺل هو.

گلاب هڪڙو هوندءِ بہ سنڌ، سنڌي ٻوليءَ ۽ ثقافت جو عاشقڙو آهي. سچ پچ هُن پاڻ کي سنڌ ـ امڙ جي سيوا لاءِ ارپي ڇڏيو آهي، ايتري قدر جو پاڻي پيارڻ کان ونئي، ڪُرسين تي وهارڻ ۾ پورو نہ پوندو آهي. اڄوڪي دؤر ۾ سنڌي فرد جي اِها عظمت، اعليٰ آدرش ۽ واکاڻ جوڳي صوفياڻي مسلڪ آهي، جنهن روش جي هِن وقت سنڌ کي ضرورت بہ آهي. سنڌ گريجوئيٽس ائسوسئيشن ۽ سنڌي ادبي سنگت جا ادبي ۽ علمي اوتارا، گلاب هڪڙي جي خدمتن جا خاص ٿاڪَ ۽ ٿاڻا آهن. مان پيار ۽ پاٻوهہ وچان ڪيس گلاب هَڪڙو بدران، گلاب هِڪڙو ڪري مخاطب ٿيندو آهيان.

اسان جي لائق ليکڪ گلاب هڪڙي جا ڪيترا ڪالم معلوماتي بہ آهن، جيئن "محرم ۽ معاشرو" مهاڳ لکڻ جي بهاني سان ۽ سندس تيهن ڪالمن کي شوق سان پڙهڻ ڪري، ڏڙو دادا منهنجي معلومات ۾ بہ ڪافي اضافو ڪيو آهي. ڪالمن ۾ ڪيترائي ڏاهپ ڀريا نقطا ۽ تاريخي حقيقتون بہ آهن، جن مان ڪجهہ هن طرح آهن.

(۱) خدمت جي نيڪ جذبي جي حوالي سان ميان صاحب کي ياد هوندو تہ سندس آقا ۽ سياسي رهبر بہ پنهنجي ساک جي مقبوليت کي چار چنڊ بخشڻ لاءِ ڪيتريون ئي ڪميٽيون ناهيون هيون، جنهن ۾ شورا ڪاميٽي، صلواة ڪاميٽي، زڪوات ڪاميٽي، پنچات ڪاميٽي وغيره قابل ذڪر آهن.

(٢) ... نالي متائڻ سان به فطرت ۾ ڦيرو نٿو اچي، چو ته وچون، وچون آهي، وچون کڏهن ڪرڙي ٿي نٿو سگهي. چور، چور آهي، پاڪيو، پاڪيو آهي.

(٣) ... سو سائين ون يونٽ ته برابر ٽٽو، پر پنجاب سنڌ جي ماڇي ۽ نور شاهه وارو علائقو ڪسي ورتو.... ون يونٽ کان اڳ اهو علائقو سنڌ جو هيو، پر ون يونٽ ٺهڻ بعد اوباڙي جي يونين ڪائونسل ماڇڪو ۽ نور شاهه کي پنجاب جي تعلقي صادق آباد جي انتظاميه جي حوالي ڪري ڇڏيو، ۽ اهڙيءَ طرح سان جڏهن ون يونٽ ٽٽو، ته ساڳو علائقو پنجاب وٽ ئي رهجي ويو.

(٤) سو اهڙي دباءَ جي موٽ ۾ ڪير وارن جي من مستيءَ کي مُنهن ڏيڻ واسطي گورنر صاحب عوام کي اپيل ڪئي ته ماڻهو ڪجهه ڏينهن ڪير پيئڻ ڇڏي ڏين، ته ڪير وارن جا پاڻهي هوش ٺڪاڻي ٿيندا.

(٥) سو ڳالهه پئي ڪئي سون موٽروي جي بهاني سان ملڪي خوشحالي جي ـ سو ناراض نه ٿجانءِ. دلبر! تون پاڻ ٻڌاءِ، اچي ٿي ڪٿي نظر خوشحالي به ها هڪ شيءِ نظر ضرور اچي ٿي، سا آهي موٽروي جي بدحالي.

(٦) ميان ملڪ مان بيروزگاري ختم ڪرڻ لاءِ پنهنجي اڳين دؤر ۾ ييلو ڪئب اسڪيم تحت روزگار ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي. اسان ايڏا به بي مُروت ناهيون، جو ميان صاحب کان اُن اسڪيم تحت ڪيس مليل ڪميشن لاءِ پڇون.

(٧) سائينَ! ناراض نه ٿجو. حقيقت ۾ ڏنو وڃي ته توهان جي ولائت ڪُتن به ڪو چڱو ڀوتو نه ڀاريو آهي. ڀلا جڏهن ولائتي ماڻهن مان پاڻ کي ڪو فيض حاصل ناهي ٿيو، ته وري اُنهن جي ڪُتن مان ڇا حاصل ٿيندو..!

(٨) ..... ۽ جڏهن اُهو قافلو سفر ڪندي سيال موڙ واري رستي تي پهتو ته قافلي مان هڪ گڏهه موٽر وي جي اصولي قاعدي قانون جي

لتاڙ ڪندي، مسافر ڪوسٽر سان ريس لڳائڻ شروع ڪئي، جنهن سبب ڪري، موٽروي جو سارو نظام درهم برهم ٿي ويو، ۽ هرڪو گڏهہ جي پويان، گڏهہ کي پڪڙڻ ۾ لڳي ويو.

(٩) ڏس پلا چوڪنڊي قبرستان جي پلاٽ تي ڪيئن مينهن جي واڙن وارن جو قبضو آهي. پيو تہ ٺهيو، پر ميوا شاهہ ۽ ڏوبي گهاٽ کان سواءِ تون مورڙي واري قبرستان جي حالتن کان تہ پلي پت واقف آهين. ايڏي صاحب! پنهنجي ٻن جاين تي قبضو ٿيڻ تي هاڻ لاهي وينو آهين! هتي سنڌ ساري سورن سان ستي پئي آهي، چو تہ هن ڌرتي ۽ ڌرتي جي وسيلن تي بہ قبضي خورن جو قبضو آهي، ويندي پاڻيءَ تائين، تنهن ڪري، هاڻي تون پاڻ فيصلو ڪر تہ:

تون ڪنهن تي ڪنهن تي دانهيندين،
جت قـتـڪـي تـو انـصـاف مـري!.

(١٠) جڏهن تہ اسان برابر خوش ٿيا آهيون، تہ اڌ صدي گذرڻ بعد ملڪ کي سُونهاريءَ وارو باريش صدر تہ مليو. هونءَ ڏسجي تہ رفيق تارڙ صاحب اُنهن ويهن خوبين جو مالڪ آهي، جيڪي ميان صاحب نئين صدر ٿيڻ لاءِ مقرر ڪيون هيون. سو امڙين اشتهاري خوبين تي پوري لهندڙ، رمضان ۾ ماڻهن کي اسر جو اُٿاري روزا رکائڻ، واري بہ خوبي هئي. سوهن پيري ڏڙو دادا رمضان شريف ۾ راتين جو اڪثر ٽي وي کولي رکندو هو، تہ متان هي نيڪ ماڻهو ايوان صدر مان ٿي نشرياتي رابطي سان من قوم کي روزا رکائي.

تاجل بيوس
آچر 5-7-1999

چار اکر

گل ۽ سندس لکڻيون

انسان اُهو واحد جانور آهي، جيڪو رڳو پنهنجي جبلتن سهاري جيئرو نہ ٿو رهي سگهي. ڪيس پنهنجي زندگيءَ کي ڪا معنيٰ، ڪو دليل ۽ جواز ڏيڻوئي پوندو آهي. بلڪہ ائين چئجي تہ عهو انسان ئي ان ڪري آهي جو هو پنهنجي زندگيءَ کي پنهنجي ليکي ڪا معنيٰ ڏيڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. اِهو مختلف ماڻهن لاءِ مختلف هوندو آهي. ڪنهن جي لاءِ مال ميڙڻ، ماڙيون ناهڻ ۽ پنهنجي اولاد کي سک ڏيڻ لاءِ چوويهہ ڪلاڪ ئي نار جي ڍڳي وانگر وهڻ ئي سڀ ڪجهہ هوندو آهي جڏهين تہ ڪو علم جي حصول ۽ ڦهلاءُ کي پنهنجي حياتيءَ جو مقصد ڪري ليکيندو آهي. ڪِن ماڻهن لاءِ سماجي خدمت ۽ ٻين جي ڀلي لاءِ ڪم ڪرڻ ئي ذهني سڪون ۽ آٿت جو باعث هوندو آهي.

سماج جي تاجي پيٽي کي برقرار رکڻ ۽ اُن کي مضبوطي ڏيڻ ۾ اُنهن ماڻهن جو اهم ڪردار هوندو آهي. جيڪي پنهنجن ضروري ذاتي مفادن کان مٿيرا ٿي اجتماعي مفادن لاءِ جاکوڙيندا آهن.

اڄ جي دور ۾ بظاهر اهڙا ماڻهو تہ سون جي تعداد ۾ ملندا جيڪي مختلف ادبي، سماجي ۽ سياسي پليٽ فارمن تي سرگرم آهن. پر منجهن اهڙن فردن جو تعداد شايد آڱرين تي ڳڻڻ جيترو بہ ناهي جيڪي واقعي اُن مقصد سان سچا آهن. جنهن جي هو دعواي ڪن ٿا. اين جي اوز جي ڏاڪڻ اڄ مختلف تنظيمن سان لاڳاپيل ماڻهن لاءِ مالي ۽ ٻين ذاتي فائدن حاصل ڪرڻ جو هڪ اهم ذريعو بڻجي ويئي آهي. بهرحال اتي ۾ لوڻ جوڪردار ادا ڪندڙ اهڙا ماڻهو پڻ موجود آهن، جيڪي پنهنجي بي غرضي ۽ خلوص وسيلي ان ڳالهہ جي ثابتي ڏين ٿا تہ هِن سماج ۾ اڃا زندگي جون نشانيون موجود آهن.

حيدربخش گل يا "ماستر" ڪي اهڙن ٿي ماڻهن ۾ ڳڻي سگهجي ٿو. هو بنيادي طور "سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن (سِگا)" سان لاڳاپيل آهي پر ساڳي وقت هو "سنڌي ادبي سنگت" ۽ سنڌ جي معاملن سان لاڳاپيل ٻين تنظيمن ۽ فردن سان پڻ واسطي ۾ آهي. ائين ڪٿي چئجي ته ٻيجا نه ٿيندو ته سنڌس ڪردار سنڌ سان لاڳاپيل مختلف پاسن ۾ هڪ لاڳاپي پيدا ڪرڻ واري شخص جو آهي. ممڪن آهي سنڌ ۾ اهڙا ٻيا ماڻهو به موجود هجن پر في الحال سنڌس ڪو ڏس پتو نظر نه ٿو اچي.

سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن سنڌ جي هڪ اهم اين جي او آهي. هن تنظيم جي شروعات هڪ رضاڪارانا تنظيم طور ٿي هئي ۽ سندس بنيادي ڪم سنڌ جي عام ماڻهن جي خدمت ڪرڻ هو. اين جي او پيشي ور يا پروفيشنل ماڻهن تي ٻڌل هڪ تنظيم هوندي آهي، جنهن کي پنهنجن مقرر ڪيل مول متن جي روشنيءَ ۾ ڪم ڪرڻو پوندو آهي ۽ ساڳي وقت پنهنجن ڊونرز جي راضپي جو به خيال ڪرڻو پوندو آهي.

سِگا جيئن ته هڪ عام اين جي او ناهي ۽ اُن جو هن وقت جو ٺهيل اميج ورهين تائين رضاڪارانا طور جاڪوڙيندڙ ڪارڪنن جي اڻٿڪ محنت جو نتيجو آهي. هِن وقت به اهڙن ڪارڪنن جو هڪ وڏو تعداد سِگا ۾ سرگرم عمل آهي. سوال رُڳو اِهو آهي تہ اِها پنهنجي رضاڪارانا ۽ پيشي ورانہ پاسن ۾ توازن ڪيئن ٿي قائم ڪري. اِها ڏاڍي ڏکي صورتحال آهي. ڇاڪاڻ تہ اين جي اوز جي ترغيبن جو دٻاءُ گهڻو مضبوط آهي، جنهن جي نشاندهي ڪندي حيدربخش گل پنهنجي ڪالم "ٻاڙي جو مونجهارو" ۾ لکي ٿو تہ "سائين معاف ڪجو، ورلڊ بينڪ جي ٻاڙي جو مقصد مال جي ان چاري جيان آهي جو ڪڏهين ڪير ڏيندڙ جانور جڏهن کير نہ ڏيندو آهي تہ پوءِ ان کي چارو ڏئي کير حاصل ڪبو آهي. سو بلڪل اهڙي طرح سان ورلڊ بينڪ اين جي اوز کي مختلف پراجيڪٽس جي بهاني ڊالرن جو ٻاڙو ٿي ڏئي ٿي. جڏهن تہ

بلڪل اهڙي طرح غريب مُلڪن ڪي ڊالرن جو پاڙو ڏئي ڪري ڪيئي حڪومتون ۽ مُلڪ ورلڊ بينڪ پنهنجي زيردست ڪري ڇڏيا آهن. هونئن بہ ڏٺو وڃي تہ بغير مقصد جي ڪوئي ڪنهن کي ڏڪو بہ نٿو ڏي. سو ان پاڙي چگن پلن مخلص ڪارڪنن کي پنهنجو عادي بڻائيء ڇڏيو آهي، سو جيئن پاڙي تي نهيل مال ڪير نہ ڏيندو آهي، تئين اين جي اوز جو پاڙي تي پاڙڻ مستقبل ۾ خطري کان خالي نہ ٿو لڳي."

هي حيدربخش گل جي ڪالمن جو ٽيون مجموعو آهي. ماڻهوء جو هر عمل سندس شخصيت جو اظهار هوندو آهي. چڱائي، برائي، مونجهارو، سادگي سيڪجهہ ان اظهار جون ئي صورتون هونديون آهن. تحرير پڻ ماڻهو جي شخصيت جي ئي هڪ صورت آهي. بہ چاپڙائي، ڏيکاءُ ۽ ناهہ ئوهہ واري هِن سماج ۾ اڪثر ليکڪ هتراڏو وڏا نالا ۽ چوٽيون وجهي اِها ڪوشش ڪندا آهن تہ سندن لکتي عام پڙهندڙ جي سمجهہ ۾ نہ اچي تہ جيئن ڪين وڏي ليکڪ هُئڻ جي سَنَدَ ملي سگهي. ان لحاظ کان ڏٺو وڃي تہ گل جون لکثيون سندس شخصيت وانگر ئي ساديون ۽ عام فهم هونديون آهن. پر اِها ڳالهہ بهرحال ڪنهن بہ ليکڪ جي قدڪاٺ کي گهٽائي نہ ٿي. اُن جي برخلاف ان سان اِهو ظاهر ٿئي ٿو تہ ليکڪ پنهنجي مطالعي ۽ مشاهدي کي ڪيترو هنئين سان هنڊايو آ هي ۽ سندس لکثين ۾ ڪيتري بي ساختگي ۽ عام پڙهندڙ تائين پهچ جي ڪيتري قوت آهي.

رڳو ليکڪ جو اسٽائيل يا انداز سندس قدبت جي تعين ڪرڻ لاءِ ڪافي ناهي هوندو. اِهو تہ ماڻهن تائين پهچڻ جو هڪ ذريعو هوندو آهي. اصل ڳالهہ سندس سوچ ۽ خيال هوندو آهي. ۽ ڏٺو اهو ويندو آهي تہ اِهو مؤثر انداز ۾ ماڻهن تائين ڪيئن ٿو پهچي. آئون شروع کان گل جي لکثين جو پڙهندڙ رهيو آهيان. سندس اسٽائل ۽ انداز جيتوڻيڪ ساڳيو آهي پر سندس سوچ ۽ پيشڪش جي انداز ۾ هڪ پختگي جو احساس ٿئي ٿو. سندس ڪالم رڳو هڪ يا ڪُجهہ موضوعن تائين محدود ناهن پر سندس دائرو پورو سماج آهي. ڪتاب ۾ شامل ڪالمن

جي موضوعن تي نظر وجهڻ سان اِها ڳالهہ چٽي تي سامهون اچي ٿي.
"پاڙي جو مونجهارو"، موٽروي گڏهہ جي ڪوسٽر سان ريس"، ايڏي پڇي وچڻ جي ڳالهہ نہ ڪر"، الجهيل فارم ۾ منجهيل عوام، نيلام گهر بند ٿيڻ گهرجي"، "لاڙڪاڻي ۾ شور"، "محرم ۽ معاشرو"، "مڪ مڪاءُ ڪاميٽي"، "ڪرد ماڪو رڪ مولا تي"، "ولائتي ڪتن جا ناٽ" ۽ "گورنر چو آهي مجبور" وغيره.

انهن ڪالمن ۾ تشبيهن ۽ نون خيالن جو بيساخت استعمال ٿيل آهي. مثال طور "دڙو دادا حيران آهي ۽ ۽ سوچي سوچي "سَجي" پيو آهي." "سائين منهنجا شيخ اياز پڪل ميويدار وڻ جيان هو. پر ميوي سان ٽمٽار لامون جُهڪڻ بدران هميشہ اوچو ڳاٽ ڪيو بيٺيون هيون." وغيره.

انهن لکڻين جي خاص ڳالهہ اُنهن جي رواني آهي. پڙهندڙ جڻ انهن سان گڏ سفر ڪري ٿو ۽ هُو انهن بيان ڪيل سينن وارتائن جو جڻ پاڻ اکين سان مشاهدو ڪري ٿو ۽ انهن تجربن مان گذري ٿو. لکڻين جي ان سادي اندازَ مان ٿي شايد ڪي پڙهندڙ اِهو تاثر وٺن ٿا تہ منجهن گهرائي جي کوٽ آهي پر مُنهنجو خيال ان جي ابتڙ آهي. خاص طور تي زيرنظر ڪتاب ۾ شامل ڪالمن جي حوالي سان اِهو چٽي سگهجي ٿو تہ انهن ۾ طنز جو عنصر وڌيڪ چيندڙ ۽ گهرو آهي جنهن کي لکڻين جي سادگي ايجا وڌيڪ دلڪش بڻائي ٿي. ليکڪ جي ان انداز تحرير جو سبب اِهو ٿو نظر اچي تہ هُو هڪ فعال سماجي ۽ ادبي ڪارڪن پڻ آهي، جنهن جي ڪري هُو ڳالهہ کي جيئن آهي ۽ جيتري آهي بيان ڪرڻ ۾ ڪا هٻڪ ۽ تڪليف محسوس نہ ٿو ڪري.

حيدربخش گل جي شايع ٿيل ٻن ڪتابن وانگر يقيناً سندس هي ٽيون ڪتاب بہ سنڌي ادب ۾ هڪ واڌارو ليکيو ويندو.

رئوف نظاماڻي
25-12-1999

ليک پاران

اڌ اکر

سو سائين منهنجي ڪي چوان، اڄڪلهه جي زندگيءَ واري ڊُک ڊوڙ ۾ جتي هر هڪ ماڻهو هڪ ٻئي کان اڳرو ٿيڻ جي جنون ۾ اڳيرو آهي ته اتي وري اهڙن ماڻهن جي به کوٽ ناهي جيڪي پاڻ سان گڏ ٻين کي به اڳتي وڌڻ جي لاءِ همت ڏياريندا رهن ٿا، سو آءٌ به اهڙن خوش نصيبن مان هڪ آهيان، جو مون کي ان مالڪ مهربان اهڙا دل گهريا ۽ همدرد دوست ڏنا، اهڙن پيارن ۽ قربدارن جي محبت ۽ همتا ٿيندڙ خلوص وارن جذبن مون کي اڄ ٽين ڪتاب جو ليک بڻائي وڌو سڀ کان وڏي اها ڳالهه ته سنڌ جي مهان شخصيتن وقت به وقت منهنجي بي سواد ۽ ڪچن ڦڪن ڪالمن تي پنهنجي مضبوط قد آور ۽ سلڇڻن قلمن جي نوڪ سان موتين جي مالها پوئي منهنجن ڪتابن کي دواميت بخشي آهي.

اهڙن مخلص همدرد دوستن قمر شهباز، علي احمد بروهي، بدر ابڙو، ڊاڪٽر سليمان شيخ، مهتاب اڪبر راشدي، ممتاز مرزا، ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ، بخش علي لاکو، ستار پيرزادو، رؤف نظاماڻي، امير ابڙو، رزاق سهتو، بشير منگي، شڪور نظاماڻي، نقش ناياب منگي، ڊاڪٽر محمد انور "فگار" هڪڙو، فتاح هاليپوٽو، ولي محمد روشن،

مريد علي لاکو، سلطانہ وقاصي، ڪمال چامڙو، ابو حيدر آزاد، شاهہ محمد پيرزادو، نواز الله قل، منور ابڙو ۽ لنگوٽي يار ضياءُ شاهہ سان گڏ سنڌي ادبي سنگت ڪراچي شاخ ۽ روزانو هلال پاڪستان جا ٿورا مڃڻ ڪانسواءِ رهي نٿو سگهان.

حقيقت ۾ سچ تہ هي آهي،
مون ڪي تہ پنهنجو پاڻ تي ڪو اعتبار نہ هو،
سنگت جي ساٿ مون کي انمول ڪري ڇڏيو.

سو هن ڀيري بہ ڊاڪٽر سليمان شيخ، محترم تاجل بيوس ۽ ياءُ رؤف جن منهنجي زندگيءَ جي مختلف رنگن سان گڏ ذهني پيڙائن جي پورهئي تي پنهنجي پنهنجي معتبر خيالن جو بنا هٻڪ ۽ رڪَ رڪاءُ جي اظهار ڪري مون مسڪين تي وڏو وڙ ڪيو آهي. سندن لاءِ موت وٽ دعائن ڪان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ناهي. مهراڻ پبليڪشن جي دوستن جو پڻ بيحد ٿورائتو آهيان، جن جي قربائتي ورتاءَ سان هي ڪتاب اوهان جي هٿن ۾ آهي. مون کي اوهان جي پنهنجي راءِ جو بہ سدائين اوسيئڙو رهندو.

پر جناب عبدالرحمان شورو، جناب امتياز احمد بارڪزئي ۽ شفافضل قلباٽي سان گڏ ٻين جو بہ ٿورائتو آهيان جن هن ڪتاب جي ڇپجڻ ۾ مالي مدد ڪئي.

منهنجي مداين جي ڪل پريان پيئي،
ڪڏهن ڪوسا نہ ٿيا ڏوراپا ڏيئي،
ساجن سيپئي ڍڪين ڍول ڍولائيون.
(شاهہ)

سدائين گڏ
گلاب هڪڙو
15 اپريل 2000ع
ڇنڇر 9 محرم الحرام

ياڙي جو مونجهارو

سو سائين منهنجي کي چوان، گذريل هفتي خزاني جي وزير اڻ منداڻتي بجيٽ پيش ڪرڻ سان دولت جي حوس پرست اميرن جي من جون مرادون تہ ضرور پوريون ڪيون آهن پر انهيءَ سان گڏوگڏ عام زندگي گذارڻ وارن جا تہ تڪڙ ئي تيان ڪري ڇڏيا آهن، تنهن هوندي بہ خزاني جو وزير فرمائي ٿو تہ "اسان پيٽرول ۾ ڪجهہ پئسن جي نالي ماتر واڌ آندي آهي، جنهن جو عوامي زندگيءَ تي ڪوبہ اثر نہ پوندو ڇاڪاڻ تہ اگهن تي اسان جو مڪمل ڪنٽرول آهي." اهو چوڻ تہ ائين

آهي جيئڻ معصوم دل رڪندڙ عوام جي اکين ۾ ارمانن تي گهوگهائي مرچ برکڻ بجاءِ زوريءَ ٽنبڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي ويئي.

سو سائين منهنجا. صاحب موصوف کي ڪير سمجهائي تہ سندس سرڪاري اجازت نامي بغير پيٽرول جي سروس چارجز ۾ 5 سيڪڙو اضافو اڳي ئي ٿي ويو آهي، پر ان کان علاوه جيڪڏهن هو صاحب پيرن پنڌ ڪري پاڻ سيڌو سامان وٺڻ بازار وڃي تہ کيس خبر پئجي ويندي تہ دالين سان گڏ عام واهپي وارين شين جي اگهن ۾ بہ ازغيبي واڌ ڪيئن ٿاڦي ويئي آهي تہ پوءِ "سهڻا سائين" پاڻ ڏسي وٺ پنهنجي ڪنٽرول جو تماشو" چو تہ بي آءِ اي وارن ڀرين نومبر کان 10 سيڪڙو ڀاڙو پاٺمرادو وڌائي ڇڏيو جڏهن تہ ٽرانسپورٽرن 5 نومبر تي ڀاڙي جي وڌائڻ لاءِ هڙتال جو سڏ ڏنو آهي. ڪو زمانو هوندو هو تہ پگهاردار ماڻهو سڄو سال ان لاءِ دعا ڪندو هو تہ سالياڻي بجيٽ ۾ پگهار وڌائڻ سبب ڪجهہ من جو منجهارو هلڪو ٿيندس پر هاڻي شايد دل جون اهي مرادون بہ وتائي فقير جي دعا وانگر پوريون ٿيون اٿس، (وتائي فقير جي ڳئون جو چارو پاڙي وارن جو گڏه کائي ويندو هو ان کان تنگ اچي فقير گڏهہ جي مري وڃڻ جي دعا تہ ڪئي پر گڏهہ بدران سندس جي ڳئون مري ويئي) سو سال بدران هر ٻئي ٽئين مهيني بجيٽ جو زيبت نڪاءُ تو ڪري جنهن سبب سندس خوشحاليءَ بدران واپاري ڪڳيون ٿو هڻي. جڏهن تہ پاٺمرادو جي پگهار پاڙن ۾ ئي پوري ڪونہ ٿي ٿئس، باقي رساڪار رشوتي ڪامورن جون تہ "ويهہ ئي آگريون گيهہ ۾". چو تہ هو بہ پنهنجي تعلقاتي ڪمن ڪارين جي اگهن ۾ اضافو ٿا ڪري ڇڏين. سائين منهنجا. جيستائين ٽرانسپورٽ جي ڀاڙي جو سوال آهي تہ اڄڪلهہ گهڻي قدر گاڏيون جي گئس اين ايس تي بہ هلن ٿيون، جنهن سبب کين ڪمائي ۾ چڱو خاصو فائدو ٿو آهي پر پوءِ بہ ڀاڙو پيٽرول وارو ٿا وٺن، ڪير چئي، ڪير آکي؟ انهن جا تہ حق واسطا آفيسرشاهي وٽ بلڪل محفوظ آهن.

سائين منهنجا، هڪ ڳالهہ ضرور ڪبي تہ جيئن جيئن ٻاڙو ٿو وڌي تيئن تيئن سواري ۾ بہ ڏينهون ڏينهن اضافو ٿو اچي. الائي ڪيئن!؟ هوائي جهاز ۾ ڏس سواريءَ جي رش، ريل گاڏيءَ ۾ سواري جي رش، پوءِ بہ ائين چئجي ريلوي جي اداري ۾ مالي خسارو آهي. ٽئڪسي، رڪشا، ويگن، بس ۽ ڪوچ وغيره ايستائين جو ٽانگي جي سواريءَ ۾ بہ رش لڳي پئي آهي. الله سائين ڪوڙ نہ چوائي باقي ورلڊ بينڪ جي ٻاڙي تہ پاڪستان جهڙن دنيا جي ڪيترن ئي ٻين ملڪن ۾ بيچيني وارو مانڌاڻ مچائي ڇڏيوآ هي، ايستائين جو اين جي اوز ۾ تہ ان ٻاڙي سبب ئي مونجهارا پيدا ٿي پيا آهن. ڇو تہ هن کان اڳ ورلڊ بينڪ غريب ملڪن کي ترقي وترائڻ جي بهاني سان حڪومتي ڪارندن کي پئي امدادون ڏيندي هئي، جنهن سبب حڪومتي ماڻهن اهڙي مفت جي مالي ڏيڻ ۾ ڦاسي ڪري عوام جي نظرن ۾ پنهنجي ساک ختم ٿيڻ سان گڏوگڏ ملڪي وهنوار ۾ بہ اڪيچار مسئلا پيدا ڪري ڇڏيا. سو اهوئي وڏو سبب هو جنهن ڪري ماڻهن پنهنجي مدد پاڻ جي جذبي تحت سماجي تنظيمن جو بنياد وجهي زندگيءَ جي گهڻن ئي مشڪل مسئلن کي حل ڪرڻ سان گڏ ملڪي خوشحاليءَ ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو. سو انهيءَ ڪري ماڻهن جي دلين ۾ اين جي اوز پنهنجي محبت ۽ اعتماد پيدا ڪري ڇڏيو جڏهن تہ سياستدان اهو ويساهہ وڃائي چڪا آهن."

سو سائين منهنجا، چئن چڱن ماڻهن جي اين جي اوز ماٺ ميٺ ۾ ماڻهن جي مسئلن کي حل ڪرڻ سان گڏ ملڪ سنوارڻ شروع تہ ڪيو پر هو ورلڊ بينڪ جي تيز نظرن کان بچي نہ سگهيا ۽ ورلڊ بينڪ وارن انهن کي پنهنجو مٺو زهر (ٻاڙو) ڏيڻ شروع ڪيو آهي. مٺي زهر جي ان مٺاس سان اين جي اوز جي مان مرتبي ۾ نہ صرف چار چنڊ لڳا آهن پر ان سان گڏ اين جي اوز جي ڪارڪنن جو شان بہ ڏينهون ڏينهن شانائتو ٿيندو ٿو وڃي. جيڪي اڳ بنا ڪنهن لوڀ لالچ جي

انساني خدمت كي "حقوق العباد" سمجهندا هئا سي هاڻي پاڙي جي مئاس ۾ مست ٿي گد گد ٿيڻ لڳا آهن. نہ صرف ايترو پر ان پاڙي سبب اين جي اوز ۾ پڻ پيچ ڊاهہ وارو عمل شروع ٿي ويو آهي جنهن كري نيون نيون قرباني تنظيمون يعني اين جي اوز صرف ورلڊ بينڪ جي پاڙي جو مئاس حاصل كرڻ لاءِ وجود ۾ ايندي رهن ٿيون.

سائين معاف كجو. ورلڊ بينڪ جي پاڙي جو مقصد مال جي ان چاري جيان آهي جو كڏهن كير ڏيندڙ جانور كير نہ ڏيندو آهي تہ پوءِ ان كي چارو ڏيئي كير حاصل كبو آهي ۽ ان چاري كي پاڙو چئبو آهي، پر كڏهن كڏهن مال جون اكيون بند كري پاڙو ڏيئي بہ كير حاصل كبو آهي. سو بلكل اهڙي طرح سان ورلڊ بينڪ اين جي اوز كي مختلف پراجيكٽس جي بهاني ڊالرن جو پاڙو پئي ڏيئي، جڏهن تہ بلكل اهڙي طرح غريب ملكن كي ڊالرن جو پاڙو ڏيئي كري كئين حكومتون ۽ ملڪ ورلڊ بينڪ پنهنجي زيردست كري ڇڏيا آهن. هونءَ بہ ڏٺو وڃي تہ بغير مقصد جي كوئي كنهن كي ڏكو بہ نٿو ڏي. سو ان پاڙي چگن ڀلن مخلص كاركنن كي پنهنجو عادي بڻائي ڇڏيو آهي، سو جيئن پاڙي تي نهيل مال كير نہ ڏيندو آهي تيئن اين جي اوز جو پاڙي تي پاڙڻ مستقبل ۾ خطري كان خالي نہ ٿو لڳي.

بقول دڙو دادا جي تہ هر هر جي بجيٽ سان پاڙي جي وڌڻ سبب عام ماڻهو جي زندگي زهر ٿيندي پئي وڃي، جڏهن تہ ورلڊ بينڪ جي پاڙي اين جي اوز ۽ سماجي كاركنن ۾ مونجهارو پيدا كيو آهي. كٿي ائين نہ ٿئي تہ ان پاڙي جي وبائي بيماري حكومتي ادارن جيان كاركنن مان بي لوث خدمت وارو جذبو ختم كرائي ڇڏي، پوءِ ٿيندو ڇا الله خير كري.

ڇنڇر 1 نومبر 1997ع
روزانو هلال پاكستان

انصاف ۾ هتراڏو ڏار

سو سائين منهنجي کي چوان گذريل ڏينهن ملڪ اندر پيدا ٿيل آئيني بحران قومي زندگي کي بيحد متاثر ڪرڻ سان گڏوگڏ ملڪي معيشتت ۾ به مانار پيدا ڪري ڇڏي جنهن ڪري هر ماڻهو ذهني ڪشمڪش جو شڪار ٿيڻ جي باوجود به حالتن جي سڌاري لاءِ پڻ دعاگو هو. پر اوچتي ئي اوچتي جڏهن صدر صاحب استعيفيٰ ڏني، جنهن جي ماڻهن کي توقع نه هئي ته صدر اهڙي نموني گهر پيڙو ٿيندو، ان نموني واري عمل سان چيو ٿو وڃي ته آئيني بحران ٽري ويو آهي جنهن ڪري ميان جا وفادار نه صرف ڪڇيون هڻڻ لڳا آهن پر خود ميان صاحب به دل ئي دل ۾ گد گد ٿيڻ لڳو آهي.

پر سائين منهنجا، دڙو دادا حيران آهي ۽ سوچي سوچي سُڃي ويو آهي ته ڪالهه جي ڪيل وفائن جي واعدن اقرارن ۾ اوچتو ئي اوچتو ازغيبي جفائن جي پرمار ميان صاحب پنهنجي تقرير ۾ کهڙي نه فاتحانہ انداز سان بيان ڪري پاڻ کي پاڪ پوتر بنائڻ جي اڻ سونهندڙ ڪوشش ڪرڻ سان گڏ اعليٰ عدالتي احترام جو پاڻ کي پڪو حبدار ٿو ڀانئي.

دلبر سائين، ٽاٽن، سيشن ڪورٽن ۽ سٽي ڪورٽن تي حملن ۽ ججن صاحبن کي ٽيبلن هيٺان جان بچائيندي مار ڪائيندي ويندي مرڻ تائين برابر هنن گنگهار اکين ڏٺو. پر سائين منا، سپريم ڪورٽ جي عمارت تي حملو ڪرڻ ۽ محترم ججن جي ڀڄي ڪري جان بچائڻ وغيره ته پنهنجي جاءِ تي پر وڏي ڳالهه اها جو هڪ طرف ان ساري هلڙ بازيءَ جي اڳواڻي قومي اسيمبليءَ جو معزز مشهور ميمبر ڪري رهيو هو ته ٻئي طرف وري سپريم ڪورٽ جا حفاظتي دستا بت بڻايل هئا. اهڙي حالت ڏسي ائين ٿي لڳو ڄڻ اعليٰ عدالتن جي انصاف ۾ هترادو ڏار پيدا ڪيا ٿا وڃن ۽ اهڙي عمل سان پنهنجا ڪنڌ دنيا آڏو شرم سان جهڪيل آهن. تنهن ڪري ضروري آهي ته اهڙن ماڻهن کي ڳري ڪان

ڳريون سزائون ڏيئي ڪري انصافي تقاضائون پوريون ڪيون وڃن، نہ تہ، ٻئي طرف اهو سمورو عمل ڪٿي وقت جي حاڪم واري حساب ڪتاب ۾ لکيو نہ وڃي باقي جيستائين اعليٰ عدالتن جي ججن جو هڪدم پڙڪو ڪائي اٿڻ واري عمل جيڪا گروه بندي پيدا ڪئي سا بہ گهڻ معنائن سان پريل هڪ پنڌار آهي.

سو سائين منهنجا، اسين اهڙي پارليامينٽ بہ نٿا چاهيون جنهن سان ملڪ کي حصا ٽڪر ڪيو وڃي، جيئن اڳ ٿيو آهي. پر اسين دنيا جي اهڙي مضبوط پارلياماني نظام حڪومت جي حمايت ڪريون ٿا جنهن سان انساني بنيادي حقن جي آزادي سان گڏ نہ صرف عدالتون مضبوط هجن پر خودمختيار ۽ آزاد بہ هجن. ڇاڪاڻ تہ قانون جو احترام ڪرڻ نہ صرف اسلامي فرضن ۾ شامل آهي پر انهيءَ سان گڏوگڏ معاشري جي چڱن قدرن جو اهڃاڻ بہ آهي، ڇو تہ دنيا جي ڪنهن بہ حصي يا خطي ۾ اگر امن وسڪون آهي تہ اهو صرف ۽ صرف قانون جي احترام ڪرڻ جي بدولت آهي. پر دنيا جي ڪنهن بہ هنڌ قانون جي لتاڙ ۽ بيقدري ڪندي قانون جو مذاق ڪيو ويو تہ اها قوم سدائين ڦيٿاري واري غيريقيني صورت حال ۾ عذاب واري زندگي گهاري پنهنجي مثبت قدرن کي پاڻ پائمال ڪري ٿي ڇڏي. تنهن ڪري ڏڙو دادا آمريت جي بوءِ سان سلهاڙيل اهڙي جمهوري حڪومت جي پٺيرا ئي بلڪل ڪونہ ٿو ڪري، جت، هڪ ئي لٺ سان سيني کي ڏکي ڪري عوامي امنگن محبتن ۽ انصاف جي ترازيءَ جي ڏسٽيءَ ۾ هٿرادو ڏار پيدا ڪري، پر دعاگو آهي تہ سڀ ڌريون پاڻ ۾ ڪير ڪنڌ ٿي اهڙي مضبوط پارليامينٽ جوڙين، جنهن سان عدليہ جو وقار، آزادي ۽ خود مختيار هئڻ لازمي هجي. اهوئي اهو گس آهي، جنهن سبب سکي زندگي گذارڻ سان گڏ ملڪ بہ ترقي ڪري سگهندو. باقي الله خير ڪري.

چنڇر 13 ڊسمبر 1997ع
روزانو هلال پاڪستان

موٽر وي: گڏهه جي ڪوسٽر سان ريس

سو سائين منهنجي کي چوان پنهنجي پياري پاڪستان ۾ موٽر وي ٺهڻ سان ميان نواز شريف جي اهڙي جرئت مند قدم جتي سندس ناماچار ۾ چار چنڊ لڳائي ڇڏيا آهن تہ ٻئي طرف وري مخالف ڌر جي سائين جا ڏند کٽا ڪري ڇڏيا آهن، جنهن ڪري اهو چيو ٿو وڃي تہ پوري قوم جو پئسو ان موٽر وي تي لڳائي هڪ مخصوص طبقي کي فائدو پهچايو ويو آهي جڏهن تہ عام ماڻهوءَ کي ان مان ڪوبہ فائدو نٿو پهچي. سو دلبر سائين، جيستائين فائدي جي ڳالهہ آهي سا تہ برابر بلڪل سچ آهي جو تہ ملڪ ٺهڻ سان ئي هتي صرف مخصوص طبقي کي فائدو رسيو آهي بلڪہ ان چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ نہ ٿيندو تہ ملڪ ٺهيو ئي مخصوص طبقي لاءِ، باقي عام ماڻهو ڪلهہ وانگر اڄ بہ ويچارونئي آهي. پر اسين ڳالهہ موٽر وي جي ٿا ڪريون، سو ملڪ کي صنعتي ترقي ڏيارڻ لاءِ اهو سٺو قدم آهي. باقي اسلام آباد کان لاهور واري جنهن علائقي کي اپر پنجاب ڪوٺيو ٿو وڃي سو تہ صنعتي لحاظ کان مشهور ۽ مالدار پڻ آهي اهوئي سبب آهي اتي زمين خريد ڪري موٽر وي جو منصوبو جوڙيو ويو جيڪڏهن ائين بہ ڪٿي چئجي تہ موٽر وي جي ٻنهي پاسن واري زمين ميان صاحب جي آهي تہ ان ۾ ڪهڙو گناهہ ٿيو!؟

سو سائين منهنجا ان علائقي ۾ جڏهن عالمي صنعتي مارڪيٽ ٺهي راس ٿيندي تہ پوءِ لازمي آهي تہ فائدو بہ مخصوص طبقي کي ٿيڻ سان گڏ ڪم ڪندڙ ماڻهو بہ مخصوص طبقي جوئي هوندو. سو ئي ترقي ڪندو. باقي اسان جي پهچ ايتري ۽ اهڙي سوچ ڪٿي جو ان قسم جا منصوبہ جوڙيون، پر اگر ڪٿي هيڪڙ ٻيڪڙ ڪو منصوبو جوڙيو بہ

ويو تہ ان ڪي رڻ ۾ رولڻ وارا بہ مخصوص طبقي وارا آهن. پر ڪڏهن نڪ جي پڪائي سان تورو گهٽو ڪم ڪن بہ تہ ڪم ڪندڙ عملو ٻاهريون هوندو ويندي مزدور تائين. سو بقول دڙو دادا جي ميان صاحب تہ ان معاملي ۾ ضرور ڪيرون لهڻي جو سندس اڳوڻي وقت جو رهيل منصوبو هن پيري پنهنجن هٿن سان پورو ڪري پنهنجي ڌرتي ۽ ڌرتيءَ وارن سان سچي هئڻ جو ثبوت ڏنو آهي اها سندس بهادري ئي آهي پر جيڪڏهن اهڙي عمل سان ڪو ٻيو ناراض ٿيو آهي تہ لک دفعا ٿئي ان جي هن ڪي پرواهہ نہ اڳ هئي ۽ نہ هاڻي چو تہ، هن اڳي ئي.

"هڪ ئي لٺ سان ڪيو هن ٻن ڪي گهر پيڙو

نہ رهي اها عدالت نہ بحران، نواز ٿي پيو هيرو"

ها سائين باقي جيستائين موٽر وي تي حادثن جي ڳالهہ آهي سو سهڻا سائين ظاهر آهي نئون نئون رستو آهي ۽ سندس تعريف بہ ايتري ڪئي ويئي آهي جو هر ماڻهوءَ جي دل ۾ خواهش آهي موٽر وي ڏسڻ ۽ گهمڻ جي. انهيءَ ئي خوشيءَ ۾ شاهي سواري ڪندڙ جيستائين پاڻ سنڀالين چو تہ موٽر وي جون هوائون بہ تہ مست ڪيو ٿيون ڇڏن تہ پوءِ حادثا نہ ٿيندا تہ ڇا اسمگلنگ ٿيندي!؟ پر سائين منهنجا جي اها شروع بہ ٿي وئي آهي تہ بہ ڪا وڏي ڳالهہ ناهي چو تہ ايڪسائيز، ڪسٽم، اينٽي نارڪوٽڪس يا اسپيشل اينٽي اسمگلنگ نارڪوٽڪس فورس وغيره اجان مقرر ناهي ٿيو بابلا تنهن ڪري مخصوص طبقو بغير ڪنهن "مُڪ مڪاءُ" جي ان ڏنڌي ڌاڙي ۾ لڳي ويو آهي تہ پوءِ ڇا ٿي پيو، سياڻي ڪئي ڏيتي ليتي ڪري اهڙي عمل ڪي هميشہ جيان جائز ڪري ڇڏينداسين تنهن ڪري گهبرائڻ جي ڳالهہ ناهي سائين.

ها! پر سائين منهنجا، دڙو دادا هڪ ڳالهہ جي ڪري گهبرائجي ضرور ويو آهي تہ ڪٿي موٽر وي تي سفر ڪندي، ڪوٽ رنجيت شيخو پوره واري علائقي وٽ ڦرجي نہ وڃي، جيئن ڏهين ڊسمبر تي ڦورن موٽر وي جي پاسن کان لڳايل حفاظتي جنگلي ڪي توڙي مروڙي ۽ وٽن جي ڌارن سان رڪاوٽون وجهي ڪري هڪ ڄڄ سان گڏ ڇهن ٻين گاڏين

جي مسافرن ڪي موٽر وي تان پاسيرو اوندھہ ۾ لاھي ڦرڻ سان گڏ مارڪٽ ڪندي، پنجابي فلمن وانگر فاتحانا انداز سان هوائي فائرنگ ڪندي هو هوا ٿي ويا. سو ٿي سگهي ٿو تہ ڦرجي اهڙي واردات جي تاريخي لسٽ ۾ پنهنجو پهريون نالو لکرائڻ جي خواهش انهن جوانن ۾ بہ پيدا ٿي هجي ۽ حقيقت واري فلمي شوٽنگ ڪرڻ آيا هجن ۽ چوندا هجن تہ هم بي پڙي هين راهون ۾ ڪجهہ تہ خيال ڪريو سهڻا. تنهن ڪري انهن جي اهڙي دلي آرزو پوري ڪرڻ لاءِ تن ڪلاڪن تائين حفاظتي موٽر وي وارو عملو بہ خير سان غائب رهيو تہ ڪا وڏي ڳالهہ ناهي ڇو تہ اسان جي بهادر پچڙيوال پوليس يا اسڪواڊ هوڻ تہ هر هنڌ هر وقت هر جڳهہ موجود تہ ڇا پر حاضر ناظر هوندي آهي بس صرف اگر ڪڏهن مجبوريءَ سبب غائب ٿيندي آهي تہ صرف اهڙن ئي موقعن جي وقت. تنهن ڪري دڙو دادا دلگير نہ ٿئي وچ سائوٿ ايشيا جو نئون تازو موٽر وي آهي پر ڪنهن جي دل گهري ٿي ان کي ڏسڻ ۽ گهمڻ لاءِ. اهڙي ئي خواهش رکندي گوجرانوالا کان هڪ ثقافتي قافلو تفريح لاءِ نڪتو ۽ جڏهن اهو قافلو سفر ڪندي سيال موڙ واري رستي تي پهتو تہ قافلي مان هڪ گڏهہ موٽر وي جي اصولي قاعدي قانون جي لتاڙ ڪندي مسافر ڪوسٽر سان ريس لڳائڻ شروع ڪئي جنهن سبب ڪري موٽر وي جو سارو نظام درهم برهم ٿي ويو ۽ هر ڪو گڏهہ جي پويان پڪڙڻ ۾ لڳي ويو پر گڏهہ ڪنڌ زيل ڪندي حوصلي سان پنهنجو ڳاٽ اوچو رکيو ٿي آيو. شڪر آهي جو گڏهہ جي جان بچي. سياڻي ٿي سگهي ٿو تہ متان لياريءَ جا شوقين بہ گڏهن جي ريس موٽر وي تي ڪرائين پوءِ جيستائين «منعتي ترقي ٿي تيستائين من اٿ». گهوڙن ۾ بہ اهڙو شوق پيدا ٿئي. سو الله سائين جيئن گڏهہ جي جان بخشي تيئن هر مسافر جي بخشيندو. آمين.

ڇنڇر 20 ڊسمبر 1997ع

روزانو هلال پاڪستان

آسرن ۾ تو سهٽا رلائي ڇڏيو!

سو سائين منهنجي کي چوان، هن دنيا ۾ انساني زندگيءَ جو سمورو وهنوار ڏيتي ليتي ڪاروبار زبان ڪانسواءِ آس اميد ۽ پڻ اعتبار واري ويساهه تي هلندو پيو اچي جڏهن ته ماڻهو کي اها چاڻ به آهي ته سندس حياتي ۾ ڏينهن آهي ۽ سندس زندگي جو هلندڙ ميٽر ڪنهن به وقت ڏهي يا بيهي سگهي ٿو پر تنهن هوندي به هو. اميدن جي آسري تي ڪيترائي منصوبا جوڙي دنيا وارن کي پنهنجي زبان واعدن جو اعتبار ڏياريندي پنهنجي ساک پت سان منهن متاهون ڪندي ڳاٽ اوچو ڪرڻ جي ڪوشش ۾ هر دم ڪوشان هوندو آهي، پر جڏهن اميدن ۾ مڪاري، آسرن ۾ دغا ۽ ويساهه ۾ ويساهه گهاتي ٿنبجي وڃي ته پوءِ ماڻهن جي زندگي جو مقصد ته گهوريو مورڳو جيئڻ ئي زهر ٿيو پوي. جهڙي طرح گولڊن هينڊ شيڪ اسڪيم ذريعي ماڻهون جون آسون

اميدون ۽ سونهري رتابندي وارا خواب پڌري پٽ پٽجي ويا. نه صرف ايترو پر روزگار جي آسري ۾ ويٺل نوجوان تہ پنهنجي جاءِ تي پر برسر روزگار ملازم جيڪي پنهنجي ترقي لاءِ پر اميد هئا تہ ڪين هاڻي ميان صاحب جي ڪري سندن حق پلئہ پوندو. سي ترقي حاصل ڪرڻ بدران هاڻي هڪ ئي لٽ جي اشاري ايئن گهر ويهي رهيا جيئن ڪو ڏنار پنهنجي مال کي لڪڻ جي اشاري سان واڙي ۾ بند ڪندو آهي.سو سائين اهڙي ئي اشاري سان سندن جون اميدون ڇڻ ڦسجي پيون آهن تنهن ڪري هاڻي ويچارن ملازمن رات سان گڏ ڏينهن جو بہ تارا ڳڻڻ شروع ڪيا آهن.

سوبقول دڙو دادا جي تہ اسين ميان صاحب جي حوصلي ۽ جرئت کي داد ڏيڻ کان سواءِ بابلا رهي ئي نٿا سگهون جنهن پاڻ کي ايڏي وڏي بحران مان ڪڍي سرخرو ٿيو تڏهن تہ سمنڊ پار پاڪستانين جي ڪنوينشن وقت ميان نواز شريف سمورن بيروزگار ٿيندڙ ماڻهن جي نوڪري جي بحال واري اعلان ڇڻ تہ ماڻهن جي خاندانن جي زندگي جي جياپي لاءِ اميد ۽ آسري جو يقين ڏياريو ۽ اهڙن ئي پر اميد آسرن تي پڪو پختو اعتبار ڏيارڻ واسطي پوتار جا سڀ وزير جت ڪٿ اهڙو آلاپ آلاپيندا رهيا ۽ اهڙي ست سمنڊ پار سر جي سنگيت جو رڪارڊ جڏهن قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ ۾ گونجڻ لڳو تہ داٽي پاٽي جي وفاقي وزير محترم سرتاج عزيز صاحب ان جي پڌڻ کان انڪار ڪري ويٺو نہ صرف ايترو پر وزير اعظم جي ان بيان کي ويٽو ڪندي فرمايو تہ ميان صاحب بادشاهہ آهي ۽ بادشاهہ ماڻهن وانگر پنهنجي مرضيءَ جو مالڪ آهي تنهن ڪري ان جو پاليسي بيان هڪڙو تہ وري عوامي جلسي ۾ تاڙين وڄرائڻ ۽ جلسي کي ڪامياب بنائڻ لاءِ بيان ٻيو هوندو آهي. باقي رهيو سوال وزيرن جو، سي تہ بيان ڏيندا رهندا آهن. بقول قومي اسيمبلي جي اسپيڪر الاهي بخش سومرو جي تہ ميمبر نوي سيڪڙو آگوٺي ڇاپ هوندا آهن. تنهن ڪري اهي لڪير جا فقير هوندا آهن. ڇاڪاڻ تہ هو پنهنجي عاقبت سنوارڻ لاءِ پنيرائي ۾ اهڙا بيان ڏيندا

رهندا آهن.

سو سائين منهنجا بقول دڙو دادا جي ته اهڙا بيان ۽ آسرا ڪو سمجهي يا نه سمجهي پر يو بي ايل جو حمائتي وڪيل سڀ ڪجهه چائي ٿو تڏهن ته هن لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ پنهنجي بينڪ اداري پاران ڪڍيل ملازمن ڪي پيهر بحال نه ڪرڻ لاءِ ڪلي طرح سان چٽو جواب ڏيئي ڇڏيو ۽ بلڪل واضح چئي ڇڏيو ته ڪنهن به صورت ۾ ڪڍيل ملازم واپس نه ڪنداسين، نه صرف ايترو پر وڏيڪ پڻ چيائين ته وزير اعظم يا سندس وزيرن جي حمايتي بيانن سان اسان جو ڪوبه واسطو ناهي ۽ ايئن چوڻ ۾ به ڪو وڏاءُ ناهي ته هو ايئن بيان ڏيندا رهندا آهن. سو دلبر سائين ڏسجي ته لاهور ڪورٽ سڳوري ان باري ۾ ڪهڙو حڪم ٿي صادر فرمائي، جڏهن ته ساڳئي ڪورٽ جناب بزرگ رفيق تارڙ صاحب جي صدارت واري درخواست بحال ان بنياد تي ڪئي آهي ته اخباري بيانن ڪي آڌار نٿو بڻائي سگهجي. سو سائين منهنجا تارڙ صاحب جڏهن ڏنل انٽرويو جي بيان تان ڏينهن ڏني ڏينا داستي ڦري وڃي ته پوءِ ٿي سگهي ٿو ته اڳتي هلي ڪو پنهنجي ڏنل، پاليسي بيان وغيره تان ڦري وڃي ته ڪا عجب جي ڳالهه ناهي سائين. ها! پر سائين منهنجا هر ٽئين مهيني واري سنڌ لاءِ وفاق جي اٿپوري بجيٽ تعجب جوڳي ضرور آهي جنهن سان هر دفعي اسٽيٽ بينڪ دڙڪو ڏيندي آهي ته ورتل قرض واپس ڪيو نه ته ملازمن جي پگهارن وارو بل پاس نه ڪنداسين ۽ پوءِ اهڙي پريشاني واري حالت وقت وفاق ۾ چڱي آس اميد ۽ آسرو سمجهي ڪري ويچارو وڏو وزير اسلام آباد جا چڪر ڪاٽي وزارت بچائڻ جي پرپور ڪوشش ڪندي عرض گذار ٿيندو آهي ته سنڌ مالي بحران جو شڪار آهي ڀيلي ڪجهه ته خيال ڪريو ڀيو نه ته جيڪي سنڌ جا وفاق هڪ ارب 75 ڪروڙ اضافي ڪٽي ڇڏيا آهن، جنهن جا مون ثبوت به اجهو آندا آهن سي ٺي ڪٽي ڏيو پر جي نه ته پوءِ اين ايف سي ايوارڊ جي رقم ايڊوانس طور تي ڪٽي ڏيو. پر سائين سرتاج عزيز صاحب آهي داٽي پاٽيءَجو مالڪ آهي، سوچوي ٿو ته سنڌ

مالي بحران جو شڪار آهي ته وفاق ڇا ڪري اسين هڪ ٽڪو به نه ڏينداسين پاڻ تي ڀاڙڻ سڪو باقي رهي اين ايف سي ايوارڊ جي رقم سا ته ڪنهن به صورت ۾ ايڊوانس نه ڏبي.

سو سائين منهنجا، صاحب ٽڪي جي ڳالهه ٿو ڪري سو شايد ڀليل آهي ته ٽڪو اسان جو نه پر بنگلاديش جو سڪو آهي اسان وٽ بابلا ربين جو وهنوار آهي پو جيستائين پاڻ ڀاڙڻ جي ڳالهه آهي سا ته، سنڌ جي سيني وسيلن تي اوهان جو قبضو آهي، باقي رهي ڳالهه اين ايف سي ايوارڊ جي سو اها ڳالهه جڏهن به نڪري ٿي ته اسان جي سامهون ڏهيسر سنڌ جي تصوير ڇٽي نظر ٿي اچي. جنهن مان صاف اهو ٿو لڳي ته وفاق وارا ڪهڙا نه وڏا فنڪار آهن جو آسري ٿي آسري ۾ ڪهڙي نه هوشياري سان ان ايوارڊ تي صحي ڪرائي اسان جي همراهه جي سياسي ساک کي داغدار بنائڻ جي اڻ سنهندڙ ڪوشش ڪئي، سو دلبر سائين گهبراءِ نه، چريا ٿياسين پر يار پرکياسين، تنهن ڪري ماندو نه ٿي سهڻا الله اسان جو به آهي. رک مولا تي، اگر اڄ انهن جو آهي ته سڀاڻي اسان جو به وارو آهي. الله خير ڪندو.

پر سائين منهنجا بيروزگار ۽ ڪڍيل ملازمن جو روزگار بحال ٿيڻ ته پنهنجي جاءِ تي پر روزمره جي وڌندڙ مهانگائي سبب اهو عوام ويچارو بي آسرو بي يارو مددگار رهجي ويو آهي، جن چڱي اميدن آسن جي سرهاڻ ماڻڻ لاءِ ميان صاحب کي ايترو سارو ساٿ ڏيئي سوپارو ڪيو، سوئي هاڻي وڏي واڪي دبيل لفظن ۾ چوڻ ايئن چئي رهيو آهي ته:

"آسرن ۾ تو سهڻا رلائي ڇڏيو،
هي ڇا ڪيو تو هي ڇا ڪيو؟"

سو جيڪي ٿيو سو ٿيو، پرواهه ناهي سڀاڻي جو الله خير ڪندو. آمين.

ڇنڇر 27 ڊسمبر 1997ع
روزانو هلال پاڪستان

درشهوار سيد جي عظمت کي سلام

سو سائين منهنجي ڪي چوان، بين الاقوامي ميتا مائينڊز سماجي ڪارڪن مولانا عبدالستار ايڌي جي ڏنل پريس بيان تي اخبارن پنهنجا ايڊيٽوريل لکي ڪري پنهنجي حمايت ۽ راءِ ڏيڻ جي سهڻي نموني ڪوشش ڪئي آهي ۽ سندس اجان بہ حمايت ۾ مضمون ڇپجي رهيا آهن. سو مون بہ سوچيو تہ ڪجهہ ان باري ۾ لکجي، انهيءَ سوچ ۾ هئس تہ ان ڪان بہ وڏيڪ دل ڏڪائيندڙ خبر پهتي تہ سنڌ يونيورسٽي جي هڪ مانائتي پروفيسر اعجاز قريشي کي امتحان ونڻ جي ڏوهہ ۾ شاگردن مارڪٽ ڪري ڪيس زخمي ڪري وڌو، ان تي لکڻ لاءِ قلم ڪاغذ کڻي تيار ٿي ويٺس تہ دروازي جي گهنٽي وڳي، ننيڙي نصير دروازو کولي ڏنو ۽ واپس اچي ٻڌايو تہ بابا، انڪل دادا آيو آهي، ۽ ساڻس هڪ ٻيو ماڻهو بہ آهي، الله خير ڪري، دل ۾ چيم، ها پٽ، اندر سڏ ڪرينس. مون ننيڙي نصير کي چيو. سو دادا، سان گڏ ٻئي همراهہ کي ڏسي دل خوش ٿي، جو تہ اهو ڄاتل سڃاتل، ادبي ڪارڪن ۽ سماجي ڪارڪن ماڻهو سِگا جو ڪارڪن هو جيڪو ماستر جي نالي سان مشهور آهي. آدرڀاءُ ڪرڻ بعد مون ڏٺو تہ ماستر ڪجهہ اُداس، چهرو لٿل ۽ پڻ ڏڪويل نظر ٿي آيو. يار خير تہ آهي، ڇا ڳالهہ آهي؟ مون پڇيو، هڪدم دڙو دادا چيو تہ: گلاب، خير وري ڪهڙو، يار! پنهنجي مئدم وفات ڪري ويئي، ائين چئي ماستر جي هٿ مان "هلال پاڪستان" اخبار سٽ ڏيئي سرخيءَ واري خبر ڏيکاري چيائين تہ: ماستر، ان لاءِ تو وٽ آيو آهي تہ جيئن ان جو مئڊم بابت تاثر تون پنهنجي مضمون ۾ لک، ها! ها! ڇو نہ! مون چيو.

خبر جي سرخي پڙهندي مون ڪان هڪدم رڙ نڪري ويئي، توري جهٽ لاءِ ماٺ ٿي وئي سان گڏ ماضيءَ جي علمي ادبي رهاڻن جي يادن ۾ گم ٿي ويس، هٿن مان اخبار ڇڏائجي ويئي ۽ نظرون ماستر جي منهن تي کپجي ويون جنهن جون اکيون ڳوڙهن سان ڀريل هيون ۽ پنهنجي دل بہ چڻ رت جا ڳوڙها ڳاڙهي رهي هئي. خاموشيءَ کي

توڙيندي دڙو دادا ڪلهي تي هٿ رکي آٿت ۽ همت ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ مون ڏڪندڙ هٿن سان قلم ڪٽي ايڏي ۽ اعجاز قريشي تي لکڻ بدران مئڊم درشهوار سيد ڪي اوليت ڏيئي ماستر جي ڏکويل جذبن ڪي جيئن جو تيئن قلم بند ڪرڻ شروع ڪيو. ماستر ٻڌايو تہ:

”شروع شروع ۾ جڏهن ڊاڪٽر درشهوار سيد پرڏيهہ مان ڊگري حاصل ڪري پنهنجي جنم ڀومي ۽ ڏانهن واپس پهتي هئي تہ دل ۾ ڪيس ملڻ لاءِ ڏاڍي اڻ تڻ هوندي هئي تہ مئڊم سان ملاقات ڪيئن ڪريان؟ وقت پڇاڻان هڪ دفعي منهنجي سڳا واري آفيس ۾ اچانڪ مئڊم جو اچڻ ٿيو ۽ ڊاڪٽر سليمان شيخ تعارف ڪرائيندي مئڊم ڪي چيو تہ هي اسان جي سڳا آفيس جو مخلص ڪارڪن آهي. سڳا جي ٻين ڪمن ڪارين سان گڏ آفيس کولڻ ۽ بند ڪرڻ سندس ذمي آهي، ڪيس سڀ پيار مان ماستر چوندا آهن ۽ توهين بہ جڏهن پنهنجي جماعت (آل سنڌ وومين ايسوسيئيشن) جي ميٽنگ وغيره ڪريو تہ هي اوهان جي خدمت ۾ حاضر هوندو. اهڙي ڏيٺ ويٺ ڪان پوءِ ڊاڪٽر درشهوار سان ويجهو ٿيڻ جو موقعو مليو ۽ جڏهن تہ مان ادب وچان ڪيس ”ٻيبي“ چوندو هوس هوءَ بہ بنا ڪنهن هبڪ جي ”ادا ماستر“ ئي ڪري مخاطب ٿيندي پنهنجو جماعتي ڪم پورو ڪرڻ جي ذميواري رکندي هئي، جيڪو مان خوشيءَ سان سرانجام ڏيندو هوس، ڪڏهن ڪڏهن تہ وري سڳا آفيس فون ڪري ڪم سونپي ڇڏيندي هئي. ٻيبي آل سنڌ وومين ايسوسيئيشن جو بنياد وجهي ڪري سنڌ جي عورتن ڪي هڪ جماعتي پليٽ فارم تي آڻي هڪ جرئت مند قدم کنيو. عورتن جي ان جماعت جي پاڻ چيئرمن بہ هئي جڏهن تہ سندس سٿ ۾ پڙهيل ڳڙهيل سلجهيل ۽ روشن دماغ جون عورتون شامل هيون جيڪي ڏتڙيل عورتن ۾ تعليمي سجاڳي ۽ چڱيلائي وارن ڪمن ۾ ساٿس پاڻ پتوڙي رهيون هيون. ڪراچيءَ جهڙي ڇڙوڇڙ ماحول ۾ سنڌي ڪٽنبن جي عورتن جون ڪلفتن تي سمنڊ جي ڪناري پلي گرائونڊ تي ٻارن سميت گڏجاڻيون منعقد ڪرڻ ان جماعت جو فرض هوندو هو. هڪ دفعي تہ

اهڙي ورائٽي پروگرام ۾ سرمد سنڌي ٻه شرڪت ڪئي ۽ ان جي حادثي ۾ ڇنگهن جي پڇڻ جي علاج لاءِ وقت جي حڪومت کان تي لک منظور ڪرايا هئا. ان ساري ڪم ڪار ۾ سيني کان اڳيري فرزانه شاهه جو ذڪر نه ڪرڻ بي واجبي ٿيندي. ڊاڪٽر درشهوار جڳ مشهور ميجتا ماڻيندڙ محترم سائين جي ايم سيد جي نياڻي هوندي ٻه هن سادات نياڻيءَ شاهه لطيف رحه تي ڪتاب لکي پنهنجي اڻ وسرندڙ ۽ اڻ متجندڙ ادب کي پنهنجي علمي سرهاڻ بخشي پنهنجو پاڻ مڃائي ورتو. ڪراچي يونيورسٽي جي شاهه عبداللطيف چيئر جي روح روان ۽ اڳواڻ هئي ائين ڪٿي ڇئجي ته اهو سندس ئي ڪارنامو هو. لطيف چيئر پاران فارسي، اردو، انگريزي وغيره ٻولين ۾ شاهه صاحب جي شاعري ترجمو ڪرائي، ڪيترائي ڪتاب ڇپرايا. لکڻ پڙهڻ، سکڻ سيکارڻ تعليمي جاڳرتا ۽ فڪر ادب سان چاهه زندگيءَ جو ئي مقصد هوس هڪ دفعي جي ڳالهه آهي ته لطيف چيئر ۾ هڪ آفيسر اسسٽنٽ جي جاءِ خالي ٿئي، جيئي سنڌ جي هڪ بي لوث بهادر ڪارڪن خدمت ۾ حاضر ٿي پنهنجي سجاڳپ ڪرائي ان نوڪري تي پنهنجو حق محسوس ڪرائڻ جي جڻ ڪوشش ڪئي، ڪارڪن جي اهڙي انداز تي بيبيءَ کي ڪاوڙ آئي ۽ چيائين ته ادا، تنهنجو ڪهڙي ٻه تنظيم سان تعلق هجي ان سان منهنجو ڪوبه واسطو ڪونهي، پر نوڪريءَ لاءِ تو کي انٽرويو ڪاميٽي آڏو پنهنجي تعليمي لياقت سان پاڻ مڃرائڻو پوندو، پوءِ اگر ڪميٽي توکي قبول ڪيو ته نوڪري ڏيڻ ۾ دير نه ڪنديس. جڏهن ته سفارش ڪرڻ منهنجو ڪم ناهي محنت ڪرڻ منهنجو اصول آهي. اها ڳالهه ياد رکجانءِ!

ڪجهه ڏينهن پڄاڻان انٽرويو ڪميٽيءَ ان همراهه جي نوڪري جي سفارش ڪئي ۽ اڄ اهو دوست محمد خان شيخ هنجون هاري ٿو چوي ته، مان اڳي صرف ڦوشربازيءَ تي گذران ڪندو هوس، مگر مٺڙم جي روبي ۽ لفظن منهنجي من ۾ شعوري سگهه پيدا ڪري سجاڳي جي نئين راهه ڏيکاري. مون ڪڏهن ڪتاب کي هٿ نه لاتو پر مٺڙم جي

ڳالهين، چئلينج ڪري منهنجي اندر ۾ ولولو پيدا ڪري هڪ نئون انسان جاڳائي ڇڏيو ۽ جنهن سبب مون ڪتابن کي دوست بڻائي پاڻ ۾ قابليت پيدا ڪئي، جڏهن ته آزاد قاضي ۽ حبيب جاکرو ٻيبيءَ جي خدمت ۾ رهي ڪري علمي ڪاڻ مان گهڻو ڪجهه حاصل ڪرڻ بعد به پاڻ کي علمي پياسا سمجهي رهيا آهن "ابي مئي" (جي ايم سيد) جي لاڏائي بعد صورتحال بدلجي ويئي. جنهن جي نتيجي ۾ اهم عهدي تان هٽائي لطيف چيئر کي به ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي. عهدي جي پرواهه نه ڪندي لطيف چيئر کي بند ڪرائڻ واري هر منصوبي کي ٻيبيءَ ناڪام بڻائي ڇڏيو. نه صرف ايترو پر چيئر جي بجيٽ بحال ڪرائڻ سان گڏ پنهنجي سموري ذاتي موڙي به لطيف چيئر پاران لطيف سائين جي ڪتابن ڇپرائڻ تي خرچ ڪري خوشي محسوس ڪندي هئي. ان هوندي به چوندي هئي ته: ادا ماستر مون ڪجهه به ناهي ڪيو، دعا ڪر پتائي تي جيترو ڪم ڪرڻ چاهيان ٿي اهو ڪم منهنجي حياتيءَ ۾ منهنجي هٿان ٿئي ته پاڻ کي خوش نصيب سمجهنديس.

ڪنهن جي نالي واري بيساکين تي هلڻ بدران ٻيبي پنهنجي اڻٿڪ انقلابي فڪر ادبي سوچ سان پنهنجو نالو پاڻ پيدا ڪري پنهنجي خاندان کي عظيم کان عظيم تر بڻائڻ سان گڏ پنهنجي سڄاڻپ جي خوشبوءِ بخشي، سنڌ نه پر دنيا جي عورتن لاءِ جدوجهد جو هڪ گس ڏيکاريو. سنڌس جو لاڏاڻو سنڌ ته ڇا پوري قوم لاءِ هاڃو آهي، شايدئي اهو خال ڪو پري سگهي، الله سائين ٻيبيءَ کي جنت الفردوس ۾ جڳهه نصيب ڪري، سنڌس خاندان ۽ سنڌي قوم کي ان صدمي سهڻ جي توفيق عطافرمائي آمين.

"مالڪ مٺي جون رحمتون تو تي وسن هردم مُدام
دُرشهوار سيد تنهنجي عظمت کي سؤ سلام.

ڇنڇر 3 جنوري 1998ع
روزانو هلال پاڪستان

گلاب هڪڙي جي ڪتاب "گل ۽ ڪنڊا" جي مهورت واري تقريب

صدارت: ميڊم مهتاب اڪبر راشدي

مهمان خاص: قمر شهباز ۽ ڊاڪٽر سليمان شيخ

مهورت واري موقعي تي خالده حيدر، شاهہ ڀٽائي جا بيت پڙهندي ۽ گلاب هڪڙو ڪتاب بابت سور سلي رهيو آهي.





ايڌي! پڇي وڃڻ جي ڳالهہ نہ ڪر

سو سائين منهنجي چوان، گذريل مهيني 23 ڊسمبر 1997ع تي اڳاري ڏينهن ملڪان ملڪ مشهوري ماڻيندڙ سماجي ڪارڪن مولانا عبدالستار ايڌيءَ پنهنجي پريس ڪانفرنس ۾ وري ٻيهر ملڪ ڇڏي وڃڻ جي ڳالهہ ڪئي آهي ڇو تہ بلوچستان جي حب واري علائقي ۾ سندس هڪ سؤ بسترن واري خيراتي اسپتال تي هٿياربندن نہ صرف قبضو ڪيو آهي، پر ڪيس مارڻ جي ڌمڪي بہ ڏني آهي ۽ پڻ چوي ٿو تہ اسپتال واري جڳهہ تي مدرسو ٺاهيو ٿو وڃي. سائين اگر جي اها ڳالهہ سچي آهي تہ بقول دڙو دادا جي تہ مڙيئي خير آهي ڇو تہ اسپتال ۾ بي پهچ مسڪين غريب بيمارن جو مفت علاج بہ عوامي چندي مان ڪيو وڃي ها جڏهن تہ مدرسو قائم ڪري بہ مسڪين غريب طالب ٻارڙن کي ديني تعليم مفت ڏيڻ سان گڏ رهائش بہ عوامي چندي يا ڪٿي سرڪاري فنڊن مان مفت ڏني ويندي آهي سو ڳالهہ تہ مڙيئي ساڳئي آهي، جاڪاڻ تہ اهو ديني ڪم بہ تہ سماجي ڀلائي وارو آهي. تنهن ڪري ايڌيءَ کي اعتراض نہ ڪرڻ گهرجي، پر تنهن هوندي بہ هڪ ڳالهہ اعتراض جوڳي ضرور آهي تہ بقول دڙو دادا جي تہ، ايڌيءَ جهڙي معصوم دل رکندڙ، سماج سڌارڪ فرشتي نما انسان کي بي دين يا ملحد ڪوٺيو ٿو وڃي. پر سائين منهنجا ان ڳالهہ تي بہ ڪهڙو اعتراض ڪجي ڇو تہ هوندئن بہ دنيا جي تاريخ ۾ اهڙن الله لوڪ درويش ۽

سماج سڌارڪ بزرگ شخصيتن تي ڪفر جون فتوائون ان ڪري ئي لڳنديون آهن تہ هو ذاتين جي متڀيد کان پاسيرو رهي ماڻهن ۾ محبت ونڊڻ سان گڏ انهن جي ڏکن دردن ۽ مصيبتن ۾ ڪم اچي کين جيئڻ جو حوصلو ڏيندا آهن، تنهن ڪري اهڙي فتوي تي ايڏي، دل ننڍڙي نہ ڪري ۽ نہ ڪنهن جي پرواهہ ڪري، پر اڄان بہ اڳي کان اڳرو ٿي پنهنجي سماجي خدمتن واري ڪم کي جاري رکي پنهنجا حوصلا بلڪل بلند رکي. ها! باقي جيستائين ناظم آباد واري ايڏي سينٽر واري جاءِ جي ڳالهہ آهي جنهن تي لساني گروپ جي زور آور همراهن ڪوڙن دستاويزن ذريعي قبضو ڪيو آهي تہ پوءِ ڇا ٿي پيو ان معاملي ۾ بہ ايڌيءَ کي گهبرائڻ نہ گهرجي، ڇو تہ اڄڪلهہ اهڙي قسم جو وهنوار چوٽ چڙهيل ۽ منافعي بخش ٿي پيو آهي يعني اصل مان نقل تہ وري نقل من اصل ثابت ڪرڻ ڪو ڏکيو ناهي مٺا! تون ئي ڏس ڪراچي جي ڊسٽرڪٽ ويسٽ جي ڊي سي آفيس جي سرڪاري عملدارن ڪيئن نقلي ڪاغذن سان منگهوپير جي آباد ڳوٺاڻن جي پلاٽن تي پنهنجي واپاري ڪم ڪار کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا آهن جڏهن تہ دستاويزن هجڻ جي باوجود ڳوٺاڻا دربدر ٿي رهيا آهن ۽ اصلي ڪاغذن هوندي بہ انهن جي ڪوئي ٻڌي ئي ڪونہ ٿو؟ منهنجا مٺا سائين! ڏس ڀلا ڪراچي ملير ۾ ڪيئن سنڌي ڳوٺن تي حملا ڪري ظاهر ظهور ڏينهن ڏٺي سڀ جي سامهون ڳوٺاڻن کي بي گهر ڪندي سندن جي ملڪيتن تي قبضو ڪيو ٿو وڃي. نہ، نہ، وري بہ تون ڏس، ڀلا نيو ملير هائوسنگ سوسائٽي پراجيڪٽ جي بهاني ٻين جي پلاٽن تي قبضي جا بورڊ هڻي ماڻهن کان ڪيئن نہ ڪروڙين روپيا هٿ ڪيا ويا. جڏهن تہ اصل وارث پنهنجي اصل دستاويزن سان گڏ ڪورٽن جا چڪر ائين پيا ٿا ڪاٽين جيئن دڙو دادا ڪاٽيندو آهي، ڇو تہ ان جي بہ ساڍا چار سؤ جريب زرعي زمين تي ايوب خان جي دور کان وٺي قبضي خورن جو قبضو آهي.

اڙي بابلا! منهنجا سهڻا سائين!! اڄايو سمنڊ ۾ رهي مگرمڇ

سان وير ٿو وجهين. ڇو ته اهڙن ماڻهن جا حق واسطا وڏا محفوظ ۽ رجسٽرڊ ٿيل هوندا آهن. پلاٽ پلاٽ اجايو ٿو ڪرين، ڏس پلا چوڪنڊي قبرستان جي پلاٽ تي ڪيئن مينهن جي واڙي وارن جو قبضو آهي، پيو ته ٺهيو پر ميوا شاهه ۽ ڏوبي گهاٽ کان سواءِ ٽون مورڙي واري قبرستان جي حالتن کان ته پلي پٽ واقف آهين نه؟ ايڏيءَ صاحب پنهنجي پن جاين تي قبضو ٿيڻ تي هانءُ لاهي وينو آهين، هت سنڌ ساري سورن سان سٽي پئي آهي ڇو ته هن ڌرتي ۽ ڌرتيءَ جي وسيلن تي به قبضي خورن جو قبضو آهي ويندي پاڻيءَ تائين، تنهنڪري هاڻي ٽون پاڻ فيصلو ڪر ته:

تون ڪنهن تي ڪنهن تي دانهيندي
جت ڦتڪي ٿو انصاف مري.

سو سائين منهنجا دلگير نه ٿئي. گهبرائڻ جي ڳالهه نه آهي مٺا! بقول دڙو دادا جي: توکي بلقيس ايڌيءَ جي ڪينسل ٿيل هوائي سفر واري ٽڪيٽ تي ڪنهن بي بلقيس نالي عورت جي سفر ڪرڻ تي به اعتراض ڪرڻ يا گهبرائڻ نه گهرجي ڇو ته وقت وقت جي ڳالهه آهي، ياد ڪر 1980ع واري ڍاڪي ۾ ڪيئن تنهنجين ايمبولينس گاڏين ذريعي موتمار اسلحو هڪ جاءِ تان ٻي هنڌ پهچايو ٿي ويواها ٻي ڳالهه آهي ته ان وقت بي قصور ماڻهن جو قتل عام ائين ڪيو ويو جيئن ڪوس گهرن ۾ جانورن ڪي ذبح ڪيو ويندو آهي، پر اها به هڪ سچي حقيقت آهي ته ان ٿهري حالتن ۾ ٻين ماڻهن جي ته پُرگهور مڪمل لڌي ويندي هئي جڏهن ته سنڌين جي لاشن کي کڻڻ لاءِ ايڌي ايمبولينسون الائي ڇو مجبور هونديون هيون. سو اهڙين حالتن ۾ توکي فرشتو نما انسان بڻائي هر سرڪاري ۽ غير سرڪاري پروگرامن ۾ انعامن ۽ اڪرامن سان نه صرف نوازيو ويندو هو پر نشرياتي ميڊيا تي به خوب کان خوب تر ناماچار تنهنجي ٿي ڪئي ويندي هئي. جڏهن ته هاڻي وري التو معاملو ٿي پيو آهي سو هاڻي اگر تنهنجي گهر واريءَ جي نالي تي ٻي عورت ملتان کان لاهور تائين هوائي سفر ۾ اسمگلنگ ڪندي پڪڙجي

بہ پئي تہ تنهنجي ساک کي ڇيهو نہ رسندو چو تہ جڏهن اڳي تنهنجي ساک کي ڇيهو نہ رسيو آهي تہ هاڻي ڪيئن رسندو بيشڪ "هنڌ اهو سڙي جتي باهہ ٻري" وقت وڏو بادشاهہ آهي. بقول تنهنجي تہ: اڄ الائي ڪير تنهنجي ڪڍ لڳي ويو آهي سا سمجهہ کان ڳالهہ ٻاهر آهي، پر ايذي هوندن بہ هاڻي نہ اها عدالت آهي ۽ نہ اهو صدر جنهنکي تون جعلي ٿو سڏين. هاڻي تہ خير سان عدالت بہ باوقار تہ قانون جو بہ منهن متاهون آهي، جڏهن تہ صدر صاحب بہ هاڻ هڪ الله لوڪ درويش، صفت مولانا آهن. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ نائن زيرو تي تنهنجي ان سان ملاقات نہ ٿي سگهي تہ بہ پرواهہ ناهي. اميد آهي تہ ايوان صدر ۾ تنهنجي داد فرياد ضرور ٿيندي پر تنهن هوندي بہ ميان صاحب جي خدمت ۾ گذارش آهي تہ ايذيءَ سان ٿيل زيادتين جو نوٽيس وٺي ڪيس حق پلئہ وجهي ڏوهين کي سزا ڏني وڃي تہ بهتر ٿيندو نہ تہ ڪڏهن ائين نہ ٿئي تہ ايذي دلگير ٿي اڳ وانگر ملڪ ڇڏي پڇي وڃي، ملڪ ۽ قوم کي دنيا آڏو بدنام نہ ڪري وجهي ميان!

ان سان گڏا ايذيءَ کي بہ گذارش آهي تہ جنهن عوام ڪيس هر طرح جي سهڪاري مدد ڪري ڪلهن تي کڻي ان منزل تي پهچايو انهن سان اهڙيون دل جليون ڳالهيون نہ ڪري جنهن سان قوم کي ڏک ۽ رنج پهچي چو تہ ايذي جهڙو بہ آهين اسان جو آهين. الله سيني جي دلين جا راز ڄاڻي ٿو، تنهن ڪري اسان کي پيارو آهين ان ڪري پيار ڪندڙ سان

ايذي پڇي وڃڻ جي ڳالهہ نہ ڪر۔
متان مسڪين ماڻهن جو ساهہ وڃي.
وقت وقت جي ڳالهہ الله سائين خير ڪندو آهين.

ڇنڇر 10 جنوري 1998ع
روزانو هلال پاڪستان

منهن جو هر هڪ موتي داڻو هو

سو سائين منهنجي ڪي چوان ته، عيسوي سال ويندي ويندي به هميشه جيان سور ڏيئي سنڌ ساڻا ڪري ويو. سو هن پيري به 1997ع سال هڪ ڀئي پويان اهڙي ناهوڪي ملهه دسي سيتائي ڇڏيو جو اڻ محال ٿي ويو آهي، چاڪاڻ ته گذري ويندڙ سال ۾ اسان جي موتين جي مالها مان ڪيترائي املهه ماڻڪ موتي ڇڄي ڌار ٿي ويا آهن جيئن اداڪاريءَ جي فن ۾ عروج ڪان به پر قدم اڳتي فن ڪي لازوال زندگي بخشيندڙ نور محمد لاشاري لاڏاڻو ڪري ويو. جڏهن ته قومي گيتن کي امر زندگي بخشيندڙ سرمد سنڌي جو اوچتي ۽ بي وقتائتي وڇوڙي جيءَ جهنجوڙي ڇڏيو. نه صرف ايترو پر انهي سان گڏ ڪلاسيڪي موسيقيءَ جو سرواڻ استاد محمد يوسف به دل کي گهاءُ ڏيئي ويو. اجا به ڏسجي ته شاهه لطيف جو پانڌيئڙو، پارکو، ڏاهو ممتاز مرزا به هانءَ ڏاري رڻ ۾ رولي ويو، جڏهن ته عبدالرحمان نقاش سان گڏ اياز قادري به پنهنجا اڻ مٽ نشان ڇڏي يادگيريون بڻجي ويا. انهيءَ کان سواءِ اجا به ڏسجي ته:

عمر ديس پنهنجو وسارڻ ڏکيو آ.

گيت جو خالق سيد فيض درياهه شاهه به دل جي دورو پوڻ سبب حقيقي راهه ڏانهن راهي ٿيو. جڏهن ته شاهه لطيف سائين جي

فڪر بابت تحقيق تي پاڻ ملهائيندڙ ڊاڪٽر درشهوار سيد به اڻ متجندڙ نشان ڇڏيا آهن. ايڏين سارين هستين ۽ شخصيتن ڪي ڇني ڌار ڪرڻ ڪان پوءِ به 1997ع سال جو پيپ نه پريو جو آخري ڏينهن ۾ ويندي ويندي به اسان ڪان شيخ اياز به کسي ويو. بقول دڙو دادا جي ته:

ڪنهن جي ڪنهن جي ڳالهه ڪريان.

منهن جو هر هڪ موتيءَ داڻو.

سو سائين منهنجا، ڏسجي ته هر هڪ پنهنجا پنهنجا اڻ مٽ نقشا ڇڏيا آهن پر تن مان شيخ اياز تمام گهڻو اڳي نڪر ويو. جو ڪيس ويهين صديءَ جو خوش نصيب مهان شاعر سڏجي ته به ڪو وڌاءُ نه ٿيندو. اها شيخ اياز جي شخصيت هئي، جو هوجنهن به هنڌ يا محفل ۾ ويندو هو ته ماڻهو سندس احترام ۾ اٿي بيهندا هئا ايستائين، جيستائين هو پنهنجي جڳهه تي وهندو نه هو. سو دڙو دادا شيخ اياز جي ان ڳالهه سان اتفاقي ناهي ته "جيئري منهنجو قدر ڪونه ٿيندو." سو جيڪڏهن اهي لفظ سچا به هجنس ته سندس پنهنجي اولاد ۽ پنهنجي ذات جي عزيزن لاءِ ٿي سگهن ٿا سنڌي قوم لاءِ هرگز نٿا سونهن. جو ته بيماريءَ جي حالت ۾ پنهنجن ڪان وڌيڪ سندس دوستن ئي پرگهور پئي لڌي، دوستن يارن وٽان ايتري ساري محبت ۽ عقيدت ڏسڻ ڪان پوءِ پنهنجا به حيران ٿي ويا جو مجبورن سندس اولاد کي اهو ميٺو ۽ چوڻو پيو ته اسان کي هاڻي خبر پئي آهي ته اسان جو بابو ڇا هو! جڏهن ته جيئري اسان کي سندس جي ايتري قدر و منزلت جي خبر ئي ڪانه هئي. دفنائڻ وقت اسين اهو ڏسي حيران ٿي وياسين ته پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو بابي جي قبر جي مٽيءَ تي پنهنجا مٿا هڻي روئي رهيا هئا اهڙي روج راڙي ۾ بابي جي گيتن جا پڙلاءَ گونجي رهيا هئا. اهڙي دردناڪ منظر اسان کي حيران ڪري ڇڏيو.

سو سائين منهنجا، اهو سنڌي قوم جو شيخ اياز ئي هو جنهن جيئري پنهنجي اکين سان پنهنجي شاعري تي قوم کي نچندي ڏٺو ته مٿي پچاڻان سندس ئي شاعري ماڻهن جي واتان اُپ ڏاريندي رهي. بقول

دڙو دادا جي تہ شيخ اياز ئي اهو خوش نصيب انسان هو جنهن کي جيئري ايترو مان ۽ مڃتا ملي جيڪا ڪنهن ٻئي کي نصيب ۾ ڪانہ آئي. گذريل ڏينهن ۾ اسان جي هڪ دوست فقير محمد لاشاري جي ورسيءَ جي موقعي تي شيخ اياز کي بہ عقيدت منجهان دعوت ڏني ويئي ڪائڻ پيئڻ کان پوءِ راڳ رهاڻ بہ ٿي جنهن ۾ شيخ اياز جا گيت ڳايا ويا انهيءَ دوران اسان جا اهي دوست شيخ اياز جي هٿن پيرن کي نہ صرف چمندا رهيا پر مٿائنس نوٽن جي ايتري گهور ڪندا رهيا جو شايد سندس شاديءَ تي بہ پنهنجن ايتري ساري گهور ڪونہ گهوري هوندي.

سائين منهنجا، شيخ اياز پڪل ميويدار وڻ جيان هو، پر ميووي سان تمتار لامون جهڪڻ بدران هميشہ اوچو ڳاٽ ڪيو بيٺيون رهيون تنهنڪري ٿي سگهي ٿو پڪل ميووي ۾ ڪنهن پٿر چٽيا هجن جنهن جو ڏک سدائين ڪيس رهيو هجي. سو ائين ٿيندو رهندو آهي. "جيڏا اُٺ تيڏا لوڏا" تہ ٿيندا ئي آهن نہ!؟ ان تي دلگير ٿيڻ نہ کپندو هو. شيخ اياز جي واين، گيتن ڪلامن وغيره کي هر ننڍي وڏي فنڪار ڳائي داد حاصل ڪيو. جڏهن تہ بيدل مسرور وائسز گروپ ذريعي سندس جي شاعريءَ کي سداحيات زندگي بخشي ڇڏي آهي ۽ وائسز گروپ جي اهڙي آڊيو ڪيسٽ جي مهورت ڪراچي پريس ڪلب ۾ آرٽس ڪائونسل ۾ سندس موجودگيءَ ۾ ٿي اجا بہ ڏسجي تہ فوت ٿيڻ وقت ايترن سارن ادب دوستن دانشورن ۽ چاهيندڙن جو ڪلهي ڪانڌي ٿيڻ وڏي ڳالهہ ناهي تہ ٻيو ڇا آهي؟ اها بہ سندس خوش نصيبي هئي جو سنڌي ادبي سنگت جي گولڊن جوبلي واري پروگرام لاءِ هڪ ڏينهن اڳ سڀ علم دوست ڪٺا ٿيا، اگر ائين نہ هجي ها تہ شايد ئي ايترا پيارا دوست ڪلهي ڪانڌي ٿينس ها. اها ٻيءَ ڳالهہ آهي تہ سندس دفنائڻ واري وصيت تي بہ سندس ئي پنهنجن عمل ڪونہ ڪيو پر تنهن هوندي بہ ان کان وڏي خوش نصيبي اياز لاءِ ڪهڙي ٿيندي جو ڪراڙ ڍنڍ جي ڪنڌيءَ تي ساون وڻن جي ڇانو ۾ پٽ ڏٺيءَ جي نگريءَ ۾ کيس آخري آرام گاهہ نصيب ٿي. ٿيڻ تہ ائين گهربو هو تہ ممتاز مرزا

ڪي به اهڙي جڳهه ڏني وڃي ها جيڪا ان جو به حق بڻجي پئي، خير نصيب نصيب جي ڳالهه آهي.

سائين منهنجا، هڪ ڳالهه جو ڏڙو دادا ڪي به ڏک ضرور ٿيو آهي ته دوست تعزيت جي بهاني سان شيخ اياز جا ڪتاب چورائي ويا. دل ته نه ٿي مڃي، ته اهڙي نيچ حرڪت ڪو ڪئين ڪندو، پر سندس گهر وارا ان ڳالهه تي بضد آهن ته بابي جا ڪتاب ويا آهن. ڪيترا ۽ ڪهڙا ويا آهن ان جي خبر اڃا پئجي نه سگهي آهي. سوسائين: جيڪي ٿيو سو ٿيو، اڳتي لاءِ عرض گذارش آهي ته شيخ اياز جي نالي سان هڪ ٽرسٽ ٺاهي سندس قلمي علمي ذخيري کي محفوظ ڪري مٿس تحقيقي ڪم ڪيو وڃي ۽ سندس لائبريري جي ڪتابن تي سندس نالي واري مهر سان ڪتابن جي مختلف صفحن تي مهرون لڳايون وڃن ۽ سندس تحقيقي ڪم ڪندڙ شاگرد کي اسڪالرشپ ڏني وڃي ۽ انهيءَ سان گڏ پي ايچ ڊي جي ڊگري به ڏني وڃي ۽ پڻ زندگيءَ جي هر پهلوءَ تي روشني وڌي وڃي پوءِ ڇو نه ڪٿي ستر جي ڏهاڪي وارو اڻ وڻندڙ دور هجي، افسوس آهي جو سنڌ يونيورسٽيءَ ان ڏينهن رويو غلط اختيار ڪيو ۽ موڪل ڪانه ڪئي، خير تاريخ لکجي ويئي آخر هي به ڪنهن وقت سنڌ يونيورسٽيءَ جو سروان هو. خير هر ڪنهن جي پنهنجي مرضي آهي، باقي حميد آخوند صاحب کي مرضي ضرور ڏڇي ۾ پئجي ويئي هوندي. جو هاڻي هر ڪنهن ننڍي وڏي اديب شاعر جي اها خواهش دل ۾ ڪر ڪنيو بيٺي هوندي ته مرڻ کان پوءِ ان کي به لطيف سرڪار جي نگري واري مٽي نصيب ٿئي تنهن ڪري تي سگهي ٿو ته ناراض دوست به آخوند جي دوستيءَ کي پنهنجو آئيندو سٺو سمجهي ڪري ساٿس سٺي لهه وچڙ ۾ اچن، پوءِ جي خبر ناهي ته اڳتي الائي ڇا ٿيندو. سو الله خير ڪري.

آمين.

جنيچر 17 جنوري 1998ع

روزانو هلال پاڪستان

ڪجهہ تہ سوچيو سهڻا سائين!

سو سائين منهنجي ڪي چوان، گذريل سالن وانگر سال جي شروع ۾ آدمشماري ڪرائڻ جا سانباها تہ ڇا پر ڇيو تو وچي مڪمل تياري ڪئي ويئي آهي، سابہ وري فوج جي نگرانيءَ ۾ ـ سو ڇٻو تہ حڪومت اهو ڪم بہ فوج جي ڪڇيءَ ۾ وجهي پنهنجا سيئي مطلب حاصل ڪرڻ گهري ٿي. بذهن تہ وري فوج جا سجيلا جوان بہ بنا سوچي سمجهي اها بہ بدنامي پنهنجي سر تي کڻڻ لاءِ تيار ٿي ويا آهن، الائي ڇو وساري وينا آهن تہ ميان ڪي وڏي اڪثريت سان ڪٽرائڻ واري ڳالهہ بہ عوام تہ ٺهيو پر ميان صاحب جي سمجهہ ۾ بہ نہ ٿي اچي تذهن تہ هو چوي ٿو تہ هيڏي اڪثريت سان ڪٽڻ تہ مون ڪي پاڻ سمجهہ ۾ نٿو اچي، سو سائين جيستائين سمجهہ ۾ نہ اچڻ جي ڳالهہ آهي سا خير سان هاڻي ڪيس سمجهہ ۾ اچي وئي هوندي. پر تذهن بہ

ضروري تہ ناهي جو جنرل يحيٰ خان واري فيئر اليڪشن ڪرائڻ وارو ناموس هر دفعي فوج تي وجي. ڇاڪاڻ تہ اهڙي ناموس جي پوئواري تي جڏهن عمل نہ ٿيو تہ پوءِ اهو ناموس وري الٽو ڳچيءَ ۾ بدنائيءَ جو سبب بڻجي سداحيات تاريخ ٺهي اڻ مٽ نقش ڇڏي ٿو ۽ پوءِ هزار دفعا اهڙن نقشن کي مٽائڻ جي گهڻي ڪوشش ڪئي بہ وڃي تي پر پوءِ بہ الائي ايئن ٿي نہ ٿو سگهي ڇو!؟

سو سائين منهنجا بقول ڏڙو دادا جي هاڻي تہ ميان صاحب جي وڏي اڪثريت سان سوڀ ماڻڻ وارو سهرو بہ انهن جي سر ٿو وڃي جڏهن تہ عدالتي بحران دوران سندن جون هڪ طرفيون ڪيل خدمتون بہ وسارڻ جوڳيون ناهن ڇو تہ هر ڪنهن جي ذهن ۾ نصرالله بابر وارو ڏنل بيان ڪرَ ڪنيو بيٺو آهي تہ فوج ۾ اهم عدن تي ست جنريل پنجابي آهن. تنهن ڪري ايڏي بحران هوندي بہ هو ميان صاحب جي حڪومت ختم ڪرائڻ نٿا گهرن. سو سائين اگر ائين آهي بہ، تہ، ان ۾ ڪهڙو گناهہ آهي، رت راتي آهي دانگيءَ تي بہ وري پوندي آهي. هونئن بہ گوڏا هميشہ پيٽ ڏانهن ئي مڙندا آهن تنهن ڪري اها هڪ فطري ڳالهہ آهي تنهن لاءِ ڪنهن کي نہ اعتراض ڪرڻ ۽ نہ وري گهبرائڻ گهرجي. پر سائين منهنجا ٻيو ڪجھ نہ تہ بہ، هڪ ڳالهہ اعتراض ڪرڻ جوڳي ضرور آهي ڇاڪاڻ تہ 1946ع جي آدمشماري کان پوءِ 1951ع 1961ع، 1972ع ۽ 1981ع جي آدمشماري تائين سڀ ڪجھ ٺيڪ ٺاڪ ڪم هلي رهيو هو ۽ حصي پتيءَ جو حساب ڪتاب بہ ٺيڪ هيو تہ پوءِ وري 1991ع جي آمشماري جي حساب سان وسيلن جي ورهاست ڇو نہ ڪئي وئي!؟ شايد ان لاءِ تہ پنجاب کان سواءِ ٻين صوبن سان گڏ سنڌ جي آباديءَ جو هن دفعي انگ وڌيل هو. ڏينهن رات جي اڻ ٿڪ ڪوشش سان ان انگ کي ڪيرائڻ لاءِ فيملي پلاننگ جي پرچار ڪرڻ جي باوجود بہ اگر ان ۾ ماٺار نہ آئي تہ پوءِ بابلا ان ۾ سنڌ ۽ سنڌين جو ڪهڙو ڏوهہ؟ بک بيروزگاري معاشي بدحالي سبب ڪهڙو عيش

ڪبو. سو گھر جي ان عيش ۾ بہ پابنديون ٿا ھڻو ڪجھ تہ سوچيو سھڻا سائين. ھڪ طرف آدمشماريءَ جون ڳالھيون ڪيون ٿيون وڃن تہ ٻي طرف وري ٻھارين کي گھرائڻ لاءِ وٺ وٺان واري ٽپتائي وارو کيل بہ شروع ان لاءِ ڪيو ويو آھي تہ جيئن دڙو دادا جو سمورو ڏيان ٻھارين جي خلاف جلس جلوسن ۾ ترخائجي وڃي ۽ سماج سڌارڪ آدمشماري واري اھم قومي فرض کي ڪامياب نہ بڻائي سگھن. واھ ڪيابات ھي! جڏھن تہ مخالف ڌر بہ پنھنجي احتساب جي ريفرنس واري ڏچي ۾ ڦاٿي پئي آھي، تنھن ڪري سين ڳالھين کي ڇڏي سائين منھنجا مخالف ڌر کي گھرجي تہ گذريل 1991ع واري آدمشماري جي نتيجن کي نہ مڃڻ لاءِ وري چار دفعا آدمشماري لاءِ ھاءِ گھوڙا مچائڻ ۽ ملتوي ڪرڻ سان جيڪو قومي ناٽي کي ڇيھي رسائڻ سان گڏ تعليم جي ڪوٽ واري سبڻ وغيره کي احتساب ڪميشن ۽ عدالت ۾ آڻي انھن ماڻھن جي ظاھر ظھور نشاندھي ڪري جيڪي عوام جي حقن واسطن سان گڏ قوم لاءِ مونجھارو پيدا ڪرڻ سان گڏ ملڪي ترقيءَ ۾ ڪنڊا ٿا وڇائين.

بقول دڙ دادا جي اسين اھو بہ چڱيءَ طرح سان ڄاڻون ٿا تہ مخالف ڌر ڪان اھو ڪم ڪونہ ٿيندو بجاءِ پنھنجي اڪائونٽس جي، تہ پوءِ ميان صاحب کي ھي سونھري موقعو ھٿن ڪان نہ وڃائڻ گھرجي ڇو تہ جھڙي طرح سان ميان صاحب پنھنجو دؤر جو اڌورو رھيل موٽر وي واري ڪم ھن دفعي وٺ سٽ ڪري خير سان پورو ڪيو تہ پوءِ اھا ڳالھ بہ ڪيس وسارڻ نہ گھرجي تہ 1991ع واري آدمشماري بہ سندس جي دؤر واري آھي، تنھن ڪري ان کي تسليم ڪرڻ سان گڏ وسلين جي ورھاست ڪري ٻين صوبن سان گڏ سنڌ وارن جون بہ دليون کٽي وٺڻ سان گڏ مخالفن جو وات بند ڪرڻ سان گڏوگڏ سنڌي ادبي فورم وارن جو مان مانائتو ڪري تہ سندس شھرت جا چار چنڊ اچا بہ وڌيڪ چمڪي پوندا. سو سائين منھنجا جيڪڏھن ائين نہ ٿو ٿي سگھي تہ پوءِ

پاڻ كي نصيرالله بابر جي ڳالهہ تي الائي ڇو نہ صرف اعتبار اچڻ لڳو آهي پر پنهنجو ايمان پختو ٿيڻ لڳو آهي. تنهن ڪري ڏڙو دادا جي صلاح تي 1991ع واري آدمشماري کي ميجي ملڪي وسيلن جي ورهاست تي عمل ڪيو وڃي نہ تہ ٻي صورت ۾ ڏڙو دادا مارچ واري آدمشماري کي رد ٿو ڪري ۽ ڪيس اهو حق بہ پهچي ٿو ڇو تہ آدمشماريءَ واري ان فارم ۾ سنڌيءَ ٻوليءَ وارو خانو آهي ئي ڪونہ. جڏهن تہ فارم ۾ اردو، انگريزي، عربي ۽ ٻين ٻولين ۾ واضح لکيل آهي. ٺيڪ آهي عربي اسلامي زبان آهي پر ان سان ان فارم ۾ هجڻ معنيٰ ڇا ٿو رکي جڏهن تہ ان سان گڏ ٻين ڌارين ٻولين کي بہ نوازيو ويو آهي پر بہ "ٻين" لکي ڪري فارم جا ٽڪڻ ٽيان ڇو ڪيا ويا آهن. شناختي ڪارڊ جي رجسٽريشن فارم ۾ سنڌي زبان جي نہ لکڻ تي اسين صبر، وارو زهر جو ڍڪ پيتو پر ان جو اهو مطلب بہ تہ ناهي جو آدمشماري واري اهڙي قومي فرض واري فارم ۾ اهڙي دانستہ طور تي ڪيل غلطيءَ کي بہ برداشت ڪجي سو هاڻي مس مس تہ فوجي جوانن سيوهڻ ۾ مفت اکين جي ڪئمپ لڳائي مسڪين مارن جي دلين ۾ پنهنجي محبت پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي پوءِ ڪٿي ڪڏهن ايئن نہ ٿئي جو اهڙين ڪوششن ۽ محبتن ۾ وري ڪڏهن بہ بند نہ ٿيڻ وارا ڏار پئجي وڃن ۽ پوءِ ڪوئي ڏڙو دادا کي ميار ڏي تہ ٻيلي تو اسان کي صلاح نہ ڏني، تنهن ڪري ملڪ اقتصادي حالتن ٽپاندڙ ملڪ کي معاشي ڏيوالپڻي کان بچائيندي نئين آدمشماري بجاءِ 1991ع واري آدمشماري کي تسليم ڪيو وڃي تہ بهتر ٿيندو. وڏيڪ راز جا راڻا پاڻ سياڻا، عاقل بالغ وات وڪيل آهيو. باقي اڪيلي الله سائين خير ڪندو. (آمين)

ڇنڇر 24 جنوري 1998ع

روزانو هلال پاڪستان

اها خبر ڏاڍي دير سان پيئي!؟

سو سائين منهنجي ڪي چوان هن عيد به اسان جون خوشيون، خواهشون ۽ سڪون من جون اميدون من ۾ ئي ڦيهي ڇڏيون ڇاڪاڻ ته بک بيروزگاري معاشي بدحالي، بدامني سان گڏ ٽيليويزن جي اشتهاري عيد جي خوشين ته ڇڻ شريف، سفيد پوش ۽ غريب ماڻهن جي عيد جي خوشين کي ڇڻ تياس تي ٽنگي ڇڏيو. هونءَ به ڏٺو وڃي ته عيد ٽي وي جي نشرياتي عيد پروگرامن کان سواءِ ڪٿي به ڪونه نظر آئي. عام ماڻهو کان سواءِ پگهاردار ماڻهو به بيحد متاثر رهيو ڇاڪاڻ ته سندس پگهار ته صرف رمضان جي مهيني جي هترادو وڏايل اڳهن ۾ ئي پوري ٿي وئي ڇو ته رمضان شريف جي مقدس مهيني کي رحمت سمجهندڙ واپاري شين جا اگهه ائين وڌائي ڇڏيندا آهن جيئن حج جي موقعي تي پلي پار وارا واپاري حاجين کي ڦڪڙ ٻڻائي ڇڏيندا آهن، مسلم قوم جي اهڙن روين سبب ڪنڌ شرم وچان تڏهن جهڪي پوندو آهن جڏهن غير مسلم وري پنهنجي مذهبي ڏهاڙن تي گهٽ منافعي سان شيون وڪڻي پنهنجي مذهبي ڏڻن جي خوشين کي عزت عظمت بخشيندا آهن، جڏهن ته مسلمان دڪاندار واپاري پوري سال جي ڪسر وري رمضان واري مهيني ۾ ڪڍي وٺندا آهن، هن دفعي ته وري خير سان واپارين جي اجا به پيگهي متل رهي ڇو ته ملڪ جو حاڪم به ته خير سان تمام وڏو واپاري ۽ صنعتڪار آهي. جنهن ڪري پنهنجي برادري کي وڏيڪ سهوليتون ۽ موقعا فراهم ڪري پنهنجي طاقت کي وڌيڪ مضبوط ۽ پائدار ڪرڻ جي اڻٿڪ ڪوشش ڪندي واپارين کي ٽيڪس ادا ڪرڻ

۾ چوٿ ڏيئي قومي ناٽي کي ڪاٽيارو ڪري ڇڏيو، جڏهن ته عوام جو وڏيڪ ساهه نپوڙڻ لاءِ سيلز ٽيڪس واپارين بدران عوام ڪان وصول ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي. باقي پنهنجن ماڻهن ۽ اسمبليءَ جي ميمبرن کي خوب عيد خرچي سان نوازي منهن تي مرڪون بخشيون اٿس ڇاڪاڻ ته اسيمبليءَ جي هر ميمبر کي 15 هزار روپيا ماهوار ڏيڻ ڪان سواءِ اجلاس دوران روزانو ڪيس ساڍا سورنهن سئو رپيا ڪين اجلاس الائونس ملڻ سان گڏوگڏ سال ۾ ڪين چاليهه هزار سفري الائونس الڳ ملندو آهي سو سائين هن ڀيري ته سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبرن جا ته وارا نيارا ٿي ويا 25 ڊسمبر ڪان اجلاس شروع ٿيندي جنوريءَ جي آخري ڏهاڙن ۾ پورو ٿيڻ واري ان اجلاس ۾ ميمبرن پنهنجي پاڻ ۾ چندا پٽ ڪان سواءِ ٻيو ڪوبه اهڙو آئيني يا حالتن پٽاندڙ اهڙو عمل ڪونه ٿيو جنهن کي عوام جي بهتري يا خوشحاليءَ لاءِ تصور ڪيو وڃي. سو بقول دڙو دادا جي ته اسيمبليءَ جي ميمبرن کي پنهنجين عياشين ڪانسواءِ نه اسيمبليءَ جي ڄاڻ نه وري ڪين پنهنجي آئيني ڪرداري حيثيت جي خبر آهي سو اهوئي وڏو ظلم ۽ ناانصافي آهي جو اڄ ڪلهه هرڪو پنهنجي ناجائز ڪمن کي جائز ڪرائڻ يا پوري ڪرڻ لاءِ ميمبر ٻڌجڻ جي ڊڪ ڊوڙ ڪري اسيمبلي اندر پهچي ٿو ۽ اسيمبلي جي اجلاس وارو ئي اهو موقعو آهي جنهن ۾ هو پنهنجا ڪم ڪرائي ٿو ونئي سو هن دفعي پوري مهيني جي ڊيگهه واري اجلاس ۾ سنڌس جي اٿيورن ڪمن ڪانسواءِ نوان ڪم به بي حساب ڪتاب ٿي ويا. باقي جيستائين اجلاس دوران هڪ ٻئي سان هٿين پئجي وڃڻ ڪا تعجب جوڳي ڳالهه ناهي اهو ته سندن جو دل پشوري ڪرڻ وارو عمل آهي باقي هڪ ٻئي کي پاڳل، ڌاڪو ۽ دهشتگرد ڪوٺڻ ۾ به ڪنهن کي اعتراض ڪرڻ نه گهرجي ڇو ته هو هڪ ٻئي کي چڱيءَ طرح سان سڃاڻين ٿا، پر وري به جيستائين اسپيڪر جي ڳالهه آهي سا ته هو پاڻمرادو چوي ته مون ڪڏهن خواب ۾ به نه سوچيو هو ته ڪو اسپيڪر ٿيندس، سا به ڳالهه برابر آهي، پلا جيڪو ماٺو پاڻ پيرول

تي آزاد هجي تہ پوءِ اهو اهڙا خواب ڪيئن ڏسندو. ڀلا جي نواب مرزا ايوان کي ڪنٽرول نٿو ڪري سگهي تہ ان ۾ حيراني جي ڳالهہ ناهي منڙا، پر هو ڪنهن کي ڳالهائڻ يا نہ ڳالهائڻ يا ڪنهن جو مائيڪ بند ڪرڻ تہ چاٽي ٿو تڏهن تہ چيو اٿن تہ خدا جب حسن ديتا هي تو نزاڪت آ هي جاتي هي. تنهن ڪري نواب صاحب اسپيڪر هئڻ جي لائق هجي يا نہ پر هو ڪنهن بہ نهراءَ يا رٽ کي ايوان اندر يا ايوان ٻاهر چيمبر ۾ رد ڪرڻ جي لائق ضرور ٿي ويو آهي. ڪنهن کي مجال آهي جو ڪجهہ ڪڇي ۽ ها! اهو بہ تہ ضروري ناهي تہ، ڪو نهراءُ يا رٽ واري ٻولي معنيٰ مقصد کان بہ واقف هجي ڇو تہ هو اهڙن ماڻن کان متاثر آهي. جنهن سان ڪابہ حب الوطني يا علمي قابليت نہ تي سونهين جڏهن تہ ڪيس پارٽيءَ سان وفادار هئڻ لازمي آهي پر هو ايوان جو بي تاج نہ پر تاج وارو بادشاهہ آهي. شيخ اياز ۽ ڊاڪٽر درشهوار سيد تي ڳالهائڻ جي اجازت نہ ٿو ڏي يا وري ان اڳيان ڪنهن بہ نهراءُ کي ڪورم پورو هئڻ يا نہ هئڻ ڪا معنيٰ ٿو رکي. سو بابلا! هو تہ بادشاهہ ماڻهو آهي. بقول ڊپٽي اسپيڪر جلال محمود شاهہ جي تہ صوبائي امن امان جي ڳالهہ تہ پنهنجي جاءِ تي پر ان کان پهريائين ايوان اندر لا آرڊر کي درست ڪيو وڃي.

سو سائين منهنجا ڇنبو تہ هيڏا سارا پنجاهہ سال مانائتو ايوان بغير لا ۽ آرڊر تي پئي هليو!! اها خبر بہ ڏاڍي دير سان پئي. مان بہ چوان تہ هر دفعي ڪالا باغ ڊيم جي اڏاوت خلاف سنڌ اسيمبلي جو پاس ڪيل نهراءُ اثر ڇونہ ٿو ڪري. واهہ سائين واهہ. اها خبر بہ ڏاڍي دير سان پئي جڏهن تہ، وري رينجرز کي واپس ڪرڻ جي خبر هاڻي پئي. سو بقول دڙو دادا جي تہ رينجرز جي واپسي جو سوال بلڪل غلط موقعي تي ڪري انهن جي عيد خوشيون کسڻ جي بي واجبي ڪوشش سان، بم ڌماڪن ۾ بي قصور معصوم ماڻهن جون عيد خوشيون اپاڻڪيون ڪري ڪيترن گهرن کي بي نور ڪيو ويو. ڀلا جتي چور چوڪيدار ۽ ٺاٺيدار پاڻ ۾ گهاٽا يار هجن، جتي پاڳل، ڊاڪو ۽

دهشتگرد هجن تہ پوءِ اتي رينجرز جو هئڻ ضروري تہ ڇا پر تمام ضروري آهي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ ننڍي وڏي واردات شدت تڏهن اختيار ڪندي آهي، جڏهن هر طرف ڪان رينجرز جي واپسي لاءِ مطالبو ڪيو ويندو آهي. تنهن ڪري جتوئي صاحب بلڪل نہ گهٻراءِ هونءَ بہ تہ سنڌ جي ساري بجيٽ انهن تي خرچ ٿئي ٿي اسين سهون پيا ٻيلا آخر امن امان بہ تہ ڪا شيءِ آهي نہ! ٻيلا تون اسيمبليءَ اندر جيڪو ملازمن لاءِ واعدو ڪيو تہ عيد جي پگهار سان بونس بہ ڏينداسين، ٺيڪ آهي اسان کي ڪٿي عيد پگهار نہ ملي تہ بہ خير آهي، جيڪڏهن اسان جي بونس سان تون خير سان عمرو ادا ڪري آئين تہ سٺو ٿيو. ٻابلا!، اسان کي ڪوبہ اعتراض ناهي. امن امان ضروري آهي، سنڌ اسيمبلي آڏو پرامن احتجاج ڪندڙ عورتن ۽ ٻارڙن تي ڪيئن لٺيون وسائي امن امان ۽ سنڌ اسيمبليءَ جو تقدس بحال ڪيو ويو. هي سنڌ آهي ڪو لاهور تہ ناهي جتي ماٺهو عدالتن يا سرڪاري آفيسن مٿان حملا ڪندا ۽ پوليس وغيره خاموش تماشو ڏسندي.

منهنجا سائين! منهنجا ٻابلا!! هي سنڌ آهي سنڌ، اها سنڌ جنهن پياري پاڪستان لاءِ پهريون ٺهراءُ پاس ڪيو. هي اهائي سنڌ آهي جتي مسلم ليگ مڪمل سوپاري ٿي، اها ٻي ڳالهہ آهي تہ اهڙي سوڀ سنڌ کي سورن سان ساٿو ڪري وڌو آهي. اهوئي وڏو سبب آهي جو هت هت ٺوڪيو امن امان جو سدائين مسئلو رهيو آهي. ايستائين جو نمازون بہ رينجرز جي پهري هيٺ پڙهيون ٿيون وڃن. پوءِ اهڙي امن جي جاڪوڙ لاءِ ڪنهن جو متو ڦاٽي، جنگهہ ڀڄي يا ڪٽي ڪو مري بہ وڃي تہ ڪا وڏي ڳالهہ ناهي. آخر امن امان بہ ڪا شيءِ آهي. سو جتوئي صاحب دٻ ڪليءَ ڪي، الله سائين خير ڪندو.

آمين.

ڇنڇر 7 فيبروري 1998ع

روزانو هلال پاڪستان

هاٺي جا ڏند

سو سائين منهنجي کي چوان، 50 سال ملڪي زندگيءَ ۾ جناب رفيق تارڙ صاحب خير سان پنهنجي ملڪ جو نائون صدر آهي جڏهن ته صوبي پنجاب جو هي چوٿون صدر آهي جنهن پوري ملڪ جون واڳون سنڀاليون آهن اها ٻي ڳالهه آهي ته پاڻ رٽائرڊ جسٽس هوندي به توهين عدالت جي ڪيس ۾ اسٽي آرڊر تـي صدارت جي اهم منصب تي چوندجي آيو آهي. هونئن به ڏٺو وڃي تـه هن ملڪ ۾ شروع کان ئي پنجابي فوج ۽ پنجابي آفيسرشاهيءَ جو قبضو رهيو آهي جڏهن ته هن کان اڳ ملڪي ۽ قومي توازن کي برقرار رکڻ لاءِ مرڪزي اهم عهدا ننڍن صوبن کي ڏيڻ سان گڏ چپ چاپ ۾ سندن ڪلهن تي بندوق رکي اهو ڪجهه حاصل ٿي ڪيو ويو، جيڪو انهن حاصل ڪرڻ ٿي چاهيو. پيو نه ته به پٽي صاحب جو دور تمام اهم آهي. ان معاملي ۾ ڇاڪاڻ

تہ 14 سو سينيئر سنڌي آفيسرن کي گهرن ڏانهن روانو ڪري پنجاب شاهي لاءِ ميدان صاف ڪرايو ويو جڏهن تہ الله سائين جي مهرباني سان هاٿي مڪمل ۽ پوري طرح سان ٽوٽل ڪنٽرول بہ انهن جو آهي. چاڪاڻ تہ ملڪ جا سمورا اهم مرڪزي عهدا بہ خير سان انهن جا اسلام آباد ۾ محفوظ ٿيل آهن. تنهن هوندي بہ ڪير جو سڙيل ڏڏ کي ڦوڪون ڏيڻ واري ڳالهہ ڪجهہ ڪجهہ ميان صاحب کي آئڙي ٿي، چو تہ هن کان اڳ بہ پنهنجي ساٿي اسحاق خان کان ڏنيجي چڪو آهي. سو اسين اهو تہ برابر ميجون ٿا تہ ميان صاحب کي بيشڪ ڀاڳ ڀيڙو ڏنو آهي، پر تڏهن بہ ڊنڊ جو پڪي ڪڏهن هن پر تہ ڪڏهن هن پر. ڳالهہ آهي ضرور. چو تہ رفيق تارڙ، صدارت جي قسم کڻڻ کان پوءِ جڏهن صحافين سان ڳالهائڻ لاءِ چپ چوريا تہ ميان صاحب سندس ٻئي هٿ پڪڙي جواب ڏيڻ کان پنهنجي خاموش نگاهن سان ائين منع ڪئي جيئن ڪوئي مالڪ پنهنجي ڪمدار کي ڪنهن ڪم ڪرڻ کان روڪي ۽ ميان صاحب صحافين جي گهيري مان رفيق تارڙ صاحب کي ائين ڪڍي ويو جيئن ڳيريءَ جي هيٺان آنو. سو اهو سڀ ڪجهہ صحافي اکيون ڦاڙي ڏسندا رهجي ويا. اهڙي عمل کان پوءِ منتخب صدر نڪ جي پڪائي سان اهو بيان ڇپرايو تہ مان نواز شريف جو ماڻهو ناهيان. ڏاڍو عجيب لڳو دڙو دادا کي، جڏهن تہ اسين برابر خوش ٿيا آهيون تہ اڌ صدي گذرڻ بعد ملڪ کي سونهاري وارو باريش صدر تہ مليو هوندن ڏسجي تہ رفيق تارڙ صاحب انهن ويهن خوبين جو مالڪ آهي جيڪي ميان صاحب نئين صدر ٿيڻ لاءِ مقرر ڪيون هيون، سو اهڙي اشتهاري خوبين تي پوري لهندڙ جي هڪ اها بہ خوبي هئي. رمضان ۾ ماڻهن کي اسر جواٿاري روزا رکائڻ. سو هن ڀيري دڙو دادا رمضان شريف ۾ راتين جو اڪثر ٽي وي کولي رکندو هو تہ متان هي نيڪ ماڻهو ايوان صدر مان ٿي نشرياتي رابطي سان من قوم کي روزا رکائي. سو ائين نہ ٿيو مگر وڏو ڏک اهو ٿيو جو جمعة الوداع جي نماز شاهہ فيصل مسجد ۾

2 سو پوليس وارن جي پهري هيٺ ادا ڪرڻ سبب ماڻهن ۾ بيچيني ضرور پيدا ٿئي. جڏهن ته ماڻهن جي دلين ۾ پنهنجي سهڻي صدر سان ملڻ جي خواهش به پيدا ٿي ته انهن تي پوليس پنهنجي ڏنڀن جو وسڪارو لائي ڏنو. تنهن ڪري صدر صاحب سان ڪين ملڻ ته نصيب نه ٿيو پر مورڳو صدر اڪيون ڦيري ڏنو اڻ ڏٺو ڪري مسجد مان نڪري ويو ۽ ماڻهو سندس ديدارِ شوق لاءِ پوليس جون لٺيون سهندا رهيا.

سائين منهنجا، وري عجب اهو ٿيو ته صدر صاحب، ايوان صدر جي پنهنجن ملازم ڪي ته عيد خرچي ڏني جڏهن ته ايوان صدر جا سرڪاري ملازمن سندس اهڙي شفقت ڪان محروم رهيا. تنهن ڪري ڏڙو دادا اهو پڇي ٿو ته عيد خرچي ته پنهنجي جاءِ تي چو ته وڏيڪ ڪليل پيسا نه هوندا پر هڪ ماڻهو جي نماز پڙهڻ لاءِ ٻن سو مسلمان ماڻهن کي نماز ڪان محروم ڪرڻ اشتهار جي ويهن ڳڻن ۾ ته شامل نه هو. سو ان مان لڳي ٿو ته صاحب موصوف يرغمال ٿيل آهي ضرور. تڏهن ته ڪيس ايوان صدر ۾ ڪنهن سان ملڻ سان گڏ بيان به اهي جاري ڪرايا تا وڃن جن جي لاءِ وزيراعظم هائوس مان اجازت ڏني ٿي وڃي.

سو سائين منهنجا، رفيق تارڙ صاحب جي ڪيل خدمتن ۽ وفائن جي بدلي ۾ ميان صاحب ڪيس صدر ته بڻايو آهي پر پنهنجي ماڻهوءَ هئڻ جي باوجود به الائي چو ميان صاحب مٿس ڪرڙي نظر رکيو ٿو اچي. ڪٿي ميان صاحب پيرپاڳاري جي بيان تي اعتبار ته نه ڪري ويٺو آهي. بقول پير صاحب جي ته: رفيق تارڙ مون ڪان وڌيڪ شرارتي آهي. تنهن ڪري ميان صاحب کي شايد اهو ڪتڪوآهي ته متان لغاري وانگر هي به پنهنجن سان شرارت نه ڪري ويهي. هونءَ به ڏٺو وڃي ته سندس صدارتي عهدو ڪيس قابليت جي بنيادن تي ناهي مليو. تنهن ڪري اهڙي عهدي جي راز و نياز وارن معاملن ڪان سواءِ ڪيس اهڙي ترينگ به ڏني پئي وڃي ته جيئن هو عوام جي دلين ۾ پنهنجي مقبوليت ماڻڻ سان گڏ اقتصادي امور ۽ بين الاقوامي نازڪ معاملن تي ڳالهائڻ لاءِ

تيار ٿي وڃي تہ جيئن آء ايم ايف جي ماهرن ۽ ورلڊ بينڪ جي ماڻهن سان پراعتماد ٿي ڳالهائي سگهي. جڏهن تہ صدر صاحب وفاقي شريعتي عدالت جي چيف جسٽس ميان محبوب، جسٽس افضل چيمہ، جسٽس صلاح الدين وغيره سان حڪومتي ڪارڪردگيءَ تي خوش ٿيندي فرمايو آهي تہ حڪومت عوام کي هر ممڪن سهوليتون ۽ سستو انصاف انهن کي سندس گهر جي چائنٽ تي پهچائڻ تي گهري. سو صدر صاحب جي اهڙي بيان ڏيڻ ڪانپوءِ دڙو دادا پنهنجو مغز ڪنهندي ڪنهندي سوچي سچي پيو آهي تہ ملير جون عدالتون سٽي ڪورٽ ۾ آڻڻ وارو عمل تہ بلڪل ابتڙ ٿو لڳي تنهن ڪري صدر صاحب جو اگر اهو بيان سچو آهي تہ پوءِ اسين پليڪار ڪندي ڪيس عرض گذارش ڪرڻ گهرون ٿا تہ ملير جون عدالتون سٽي ڪورٽ مان واپس ڪري ملير جي ماڻهن کي گهر ويٺي سندن چائنٽ تي سستي انصاف ڏيڻ جو موقعو ڏنو وڃي تہ لک ٿورن سان گڏ سندس ڏنل بيان جو ڀرم بہ پورو ٿيندو نہ تہ ٻئي طرف ائين سمجهبو تہ هاتيءَ جا ڏند ڏيکارڻ جا هڪڙا تہ کائڻ لاءِ ٻيا. تنهن ڪري تارڙ صاحب کي دڙو دادا اهو بيان بہ ياد ڏيارڻ ۾ هيڪ بلڪل محسوس نٿو ڪري جنهن ۾ موصوف چيو آهي تہ "منهنجو ڪردار قوم جي اميدن مطابق هوندو. آئين قانون مطابق قومي مفادن خلاف ڪوبہ قدم نہ کڻندس" تہ پوءِ ملير ضلعي جون عدالتون ڪنهن دور دراز ٻئي ضلعي ڏانهن منتقل ڪرڻ ڪهڙي قانون ۽ آئين مطابق ۽ ڪهڙي قومي مفادن مطابق آهي. دڙو دادا دعاگو آهي تہ الله سائين توهان جي قول ۽ فعل وارن چڱن عملن تي عمل ڪرڻ جي توفيق فرمائي ۽ ملڪ اندر خوشحالي آڻي.

(آمين)

ڇنڇر 14 فيبروري 1998ع

روزانو هلال پاڪستان

مان بَري تون ڏوهي

سو سائين منهنجي ڪي چوان، سردار فاروق احمد خان لغاري ايوان صدر مان جان بچائي نڪري ڏڪ پچائڻ ۽ آرام ڪرڻ ڪان پوءِ تئين سياسي قوت بنجڻ لاءِ مختلف سياسي ڌرن سان دعا سلام نياز نوڙت ۽ صلاح مشورو ڪري ڏنو آهي جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو تہ 23 مارچ تي پنهنجي پارٽيءَ جو اعلان ڪندو ۽ دڙو دادا کي اهڙي اعلان تي ڪوبہ اعتراض ناهي ڇاڪاڻ تہ هونءَ بہ پنهنجي ملڪ ۾ ڪُٽمپ کان وڌيڪ اڳيئي ننڍيون وڏيون سياسي پارٽيون آهن تہ پوءِ لغاري صاحب جي پارٽي سان ڪهڙو فرق پوندو، پر تنهن هوندي بہ دڙو دادا سمجهي نٿو سگهي تہ اوچتوئي اوچتو سندس دل ۾ ان عوام جي لاءِ محبت ڪيئن پيدا ٿي، جنهن عوام جي محبت ڀرين امنگن جي مينڊيٽ تي مرحيات ضياءَ الحق ۽ اسحاق خان ويٺو استعمال ڪندي ڀاڻ ڪَي سدا حيات صدر ۽ حاڪم سمجهندڙ اهو الائي ڇو وساري ويٺو تہ، سدا حيات حاڪميت ان مٺي مالڪ جي آهي، جيڪو ساري ڪائنات جو مالڪ خالق پڻ سيني جي دلين جا راز بہ ڄاڻي ٿو. سو سائين! اسين وڏڙن کان تہ اهو بہ ٻڌو آهي تہ وقت جو بادشاهہ بہ ستن ولين جي طاقت رکندو آهي تنهن ڪري ٿي سگهي ٿو تہ اسان جي اهڙي نيڪ

مرد، تهجد گذار، نرم دل خدا ترس ۽ عوام دوست سڏائيندڙ يا پاڻ مشهور ڪرائيندڙ ايئن سمجهيو هجي تہ سياسي وفادارين ۽ محبتن جي چاهتن ڪي بدلائڻ ۾ اجا بہ وڏيڪ شخصيت بڻجي پنهنجي شهنشاهيت قائم ڪندو. اڪثر اهو ڏٺو ويو آهي تہ جنهن بہ سياسي اٿل پٿل ۾ ملڪ ۽ قوم جي بهتري نہ هوندي سواءِ پنهنجي انا ۽ خوديءَ جي تہ پوءِ، پين حاڪمن جيان اهو پاڻ بہ ائين ئي گهر واٽڪو ٿيندو آهي جنهن لاءِ وري واپسيءَ جو ڪوئي نشان ئي نہ رهندو آهي اهڙا مثال اسان جي ملڪي تاريخ ۾ عام جام آهن. پيو نہ تہ بہ مسلم قوم جي اها مسلم ليگ ڪتي جنهن جي جهنڊي جي ڇانو ۾ سيني ڪي پنهنجي ڏنل قربانين جي خوشبوءِ جي فرحت محسوس پئي ٿيندي هئي. جڏهن تہ هاڻي هر زورآور ماڻهوءَ يا گروپ جي نالي سان وري پاڪستان مسلم ليگ بنائي ويئي آهي. سو ظاهر آهي تہ هر اهڙي ليگ جو پنهنجو پنهنجو منشور آئين ۽ پنهنجا ئي مفاد سرخرو هوندا. اها پي ڳالهہ آهي تہ پاڪستان پيپلز پارٽي شروع ڪان ئي ملڪ ۽ ان جي وفاق جي مضبوطي سبب قومي بهتري جي ترقي لاءِ پاڻ پتوڙيندي سدائين سور ۽ مصيبتون سٺيون آهن. پر اهڙن سورن سهڻ، جو سبب اهو بہ تہ تي سگهي ٿو تہ خود پارٽيءَ اندر اهڙيون ڪي اوٺايون بہ هجن جنهن جي بدلي ساٿس ايئن پيو ٿئي. تنهن هوندي بہ اها ڪليل حقيقت آهي تہ جنهن بہ پنهنجي ذاتي مفادن خاطر پارٽيءَ ڪي ڇڏيو يا غداري ڪري ڏيڊ سر جي پنهنجي مسيت يعني پارٽي ٺاهي. جيئن اصغر خان، مرحوم مولانا ڪوثر نيازي، معراج محمد خان، معراج خالد، غلام مصطفيٰ جتوئي، مجيب پيرزادو، ڪمال اظفر وغيره وغيره اڃي وڃن ٿا. جڏهن تہ دڙو دادا اهو بہ چاٽي ٿو تہ انهن ماڻهن ڪان سواءِ پين بہ ڪيترن سان پارٽيءَ اندر ناجائزيون ٿيون هجن ۽ انهن ڪي نہ ميڄڻ بہ سراسر ناانصافي ٿيندي. تنهن هوندي بہ اهو ضرور چئبو تہ اهڙا ڪيترا ئي ماڻهو الڳ ٿيڻ بعد عوام اڳيان اها ساک برقرار نہ رکي سگهيا آهن، تنهن ڪري عوام طرفان انهن ڪي اها موٽ نہ ملي ڇاڪاڻ تہ جيڪو مفادن خاطر ناراض ٿي پنهنجي وفائن ڪي

ڦيرائي يا وڪرو ڪري تہ پوءِ انهن جون ٻين سان تہ ڇا پر پاڻ سان بہ اهڙيون وفاداريون سدائين جٽادار ڪونہ ٿيون رهن. اهوئي سبب آهي جو لغاري صاحب جا ميان صاحب سان يا ميان صاحب جا لغاري صاحب سان ڪيل وعدا ۽ وفائون بہ تاريخ جو هڪ لازوال باب تہ ضرور آهن پر جيڪي ڪجهہ ميان صاحب سائنس ڪيو ان تي جيترو بہ افسوس ڪجي اوترو گهٽ آهي. پر هاڻي سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ لغاري صاحب جي دل ۾ ان عوام لاءِ محبت پريو ڦيرو اچانڪ ڪيئن آيو آهي ۽ ڪهڙي منهن سان چوي ٿو تہ "عوام ميدان ۾ نڪري اچي بدعنوان حڪمران کان نجات حاصل ڪري ڇو تہ ملڪ جي اقتصادي صورتحال نہ رڳو خراب پر نهايت ڳنڀير جوکي تي وڃي پهتي آهي. جنهن سبب ملڪ تيزيءَ سان ڪمزور ٿيندو پيو وڃي ۽ ميان صاحب اهو ڪجهہ ڪري پيو جيڪو محترمہ بينظير ڪونہ ڪيو يا نہ ڪري سگهي." واهہ سائين واهہ!؟

منهنجا مٺڙا سائين منهنجي ملڪ جي اٻڙهيل ڪمزور عوام ڪي ايتري طاقت ڪٿي جو ٻاهر نڪري. سو بقول لغاري صاحب جي اگر حاڪم بدعنوان آهي تہ سائين منهنجا اهو بہ اوهان جي مهربانين جي طفيل باقي ملڪي حالت اڳ بہ خراب هئي ۽ ڪي هاڻي وڌيڪ خراب ٿئي تہ بہ ان جو سهرو توهان تي آهي پوتار سائين لغاري صاحب هڪ ڳالهہ توهان جي اسان ڪي سمجهہ ۾ نٿي اچي تہ توهان ڪلهہ پيڻ چوندڙ جنهن محترمہ تي سوين الزام هڻي سندس حڪومت ڪي داغدار بڻائي دنيا ۽ عوام جي نظرن ۾ ساک ڪي ڇيهو رسايو. تنهن لاءِ توهان ڪيئن ۽ ڪهڙي منهن سان ان جي تعريف پيا ڪريو. توهان جي ڪهڙي ڳالهہ تي اعتبار ڪجي. بابلا. ميان صاحب جيڪي ڪجهہ ڪري پيو سو بہ اوهان جي ڏکي لاڻ سبب پيو ڪري ڇو تہ هو ڪامياب صنعتڪار ۽ سٺو واپاري آهي جيڪو هميشہ ٻن ٽڪن جو فائدو سوچيندو آهي ان ڪري جي هو پنهنجي صنعتن جي ترقيءَ ڪي چار چنڊ لڳائي پيو تہ ان ۾ سهٽا سائين توهان ڪي ارهو ٿيڻ نہ گهرجي. پر خوش ٿيڻ گهرجي ڇو تہ اهڙي واپاري ڪاروبار ڪي چمڪائڻ ۽ ترقي

ونرائڻ ۾ بہ اوهان جو سڌو سنئون هٿ آهي، سو جيڪڏهن ميان صاحب آءِ ايم ايف ۽ ورلڊ بينڪ جي شرطن تي روزگار وارن کي بيروزگار ڪري ۽ ادارا پڻ وڪڻي پيو تہ ان عمل ۾ بہ توهان خير سان برابر جا شريڪ آهيو. ڇو تہ اهڙن شرطن جي نہ مڃڻ سبب ئي تہ توهان پنهنجي ان حڪومت کي لت جي هڪ ئي وار سان ڌڪي ڇڏيو جنهن جي طفيل اوهين اهڙو مانائتو عهدو ماڻيو هو. سو سائين منهنجا اگر ميان صاحب 1981ع جي آڌار تي بدنيتي سان بلدياتي اليڪشن غير جماعتي بنيادن تي ڪرائي ان جمهوريت کي آمريتي جمهوريت جو روپ ڏنو ڊي جنهن جمهوريت جي حاصلات لاءِ اوهان جي جدوجهد بہ قابل قدر آهي. پر توهان کي گهبرائڻ نہ گهرجي هو مرضيءَ جو مالڪ آهي. سو اگر وري بہ توهان کي ان جي حڪومت نٿي وڻي تہ پوءِ لغاري صاحب بلاشڪ پنهنجي نئين سياسي پارٽيءَ سان ميان صاحب جي تڏا ويڙهہ ڪريو تہ دڙو دادا کي ڪوبہ اعتراض ناهي. ڀلا سائين هڪڙي ڳالهہ تہ ٻڌاءِ ڇا توکي ايوان صدر تہ ياد نٿو اچي يا ٿي سگهي ٿو تہ ايوان صدر جو اهو حصو ياد ايندو جتي مٽيءَ جي ٺهيل ڪبوترن تي نشان بازي ڪرڻ اوهان جي شوق ۾ شامل هو. ۽ اهڙي شوق کي پوري ڪرڻ لاءِ ڪارتوس بہ لنڊن مان گهرايا ويندا هئا. سو سائين ياد ماضي بہ هڪ وڏو عذاب آهي. نٿ ٿانگر سي بہ سرڪاري خرچ وغيره تي ياد اچڻ سان ذهني الجهاءُ پيدا ٿيڻ سان گڏ ٿي سگهي ٿو تہ پڇتاءُ بہ ٿيو هجي ـ سو سائين اگر ايئن هجي بہ تہ خير آهي، اهڙي ذهني الجهن مان نڪرڻ لاءِ لغاري صاحب کي مفت جي صلاح ۽ مفت جو مشورو آهي دڙو دادا طرفان تہ صدارت جي اهم عهدي جي بي پناهہ مسئلن ۽ ڪمن ڪارين سبب اگر توهان کي ان دوران وقت نہ مليو هجي انهن ماڻهن سان جن جي بدولت توهين سردار سڏرايو ٿا تہ پوءِ قدرت توهان کي پنهنجو پاڻ موقعو ۽ وقت ڏنو آهي تہ پنهنجي ان علائقي جي ماڻهن جي سار سنڀال ۽ خبرگيري ڪريو جتان جي غريبن کي زندگيءَ ۾ ڪابہ خوشي نصيبي ناهي. ايستائين جو انهن پير اگهاڙن ماڻهن جي اولاد کي

پرائمري کان اڳتي پڙهڻ به قسمت ۾ لکيل ناهي. بک بيروزگاري، معاشي بدحالي جڻ ته مقدر بڻجي ويئي اٿن انهيءَ لاءِ توهان کي گهرجي ته پنهنجي آبائي ڳوٺن جيئن جام پور ـ محمد پور، فاضل پرو ۽ روجهان ۾ ترقياتي منصوبا جوڙائي. انهن جي زندگي سنواري سگهو ٿا ڀيو نه ته به اين جي اوز جي ڀهاني سان ٿي کو چڱيلائي واري جاڳرتا پيدا ڪري سندن جي منهن تي مرکون ته آڻي سگهو ٿا.

سائين منهنجا توهين پاڻ کي اهڙن سببن ۾ موجوده حالتن کان بري نٿا ڪري سگهو ايستائين جو ميان صاحب کي به ڏوهي نٿا چئي سگهو. تنهن ڪري "مان بري تون ڏوهي" چوڻ نٿو سونهين توهان کي، چو ته ميان صاحب اڃان تائين اوهان جي عزت ان لاءِ ٿي ڪري ٿو ته ايترو سارو مينڊيٽ به ته اوهان جي مهربانين سان ڪيس نصيب ۾ آيس پيو نه ته به اهڙي سموري کيل تماشي جي سمورن ڪردارن کان اوهين چڱي طرح واقف آهيو ان لاءِ هو توهان سان بگاڙڻ بجاءِ اڃا به ناهي رکڻ ۾ ٿي بهتر ٿو سمجهي. سو توهان جي ارڙاين سبب ڪٿي ايئن نه ٿئي جو مهراڻ اسڪينڊل جا ريفرنس تيار ڪري احتساب ڪميشن ڏانهن نه موڪلي پوءِ چو نه ڪٿي اوهان جي بانس واري جهنگل وارو پلاٽ هلجي. انهيءَ ڪري منهنجا سهڻا سائين جيئن اوهين نيڪ پرهيزگار مشهور آهيو تنهن ڪري جيڪو ٿيو سو گذريو، پر پوءِ به اگر هرو ڀرو سياسي پارٽي ناهڻ گهرين ٿو ته پوءِ بلاشڪ اچ ميدان تي اسين به ڏسون اهو تماشو چو ته جنهن پارٽيءَ جي ڪري صدارتي عهدو ماڻيو تنهن پارٽي جي ڀڳ دار ڀٽ جودل ڏارينڊڙ قتل اڃان ماڻهن کان وسريو ناهي، تنهن ڪري دل جلائڻ جون ڳالهيون ڇڏي ڏي ۽ هاڻي تو کي ايوان صدر جون يادگيريون وسارڻ گهرجن. ها باقي رک مولا تي الله سائين سيني جو خير ڪندو.

(آمين)

ڇنڇر 21 فيبروري 1998ع

روزانو هلال پاڪستان

تقدير جو مالڪ

سو سائين منهنجي كي چوان، خالق ڪائنات پنهنجي سموري ڪائنات قدرت جي تقدير جو روز اول کان روز آخر تائين جو سمورو حساب ڪتاب لوح محفوظ ۾ رکي ڇڏيو آهي، ڇو تہ هر تقدير تي قدرت رکندڙ صرف اهوئي هڪ معبود آهي، تنهن ڪري انسان کي تقدير جي باري ۾ گهڻو سوچڻو بہ ناهي ڇو تہ انسان جو دماغ محدود آهي جڏهن تہ تقدير تي ايمان آڻڻ ايمان مفصل جي نشاني ۾ آهي، پر ڏٺو وڃي تہ اسلامي تعليم جي روشنيءَ ۾ تقدير جا ٻہ قسم آهن، هڪ تقدير معلق ۽ ٻيو تقدير مبرم.

تقدير معلق اها تقدير آهي جيڪا انسان پنهنجي محنت، خدمت، دوا درمل ۽ دعائن وغيره سان بدلائي سگهي ٿو، جڏهن تہ اهڙي تقدير معلق جي فيصلن جي بدلجڻ جا واقعا انبياءَ عليهم السلام ۽ ٻين الله لوڪ درويش صفت بزرگن ۽ خود انسان جي پنهنجي محنتن ۽ ڪوششن وسيلي بدلجندا رهن ٿا، جڏهن تہ اهو ياد رکڻ گهرجي تہ

تقدير مبرم اها تقدير آهي جيڪا ڪنهن بہ صورت ۾ ٽئي بدلجي سواءِ الله تعاليٰ جي حڪم جي.

سو بقول دڙو دادا جي تہ اسان پنهنجي حرص و حوس جي حصول ۾ ايترا تہ ليڪا اڪتي ٽپي ويا آهيون جو حقيقي راهہ تان ٿڙي پنهنجي تقدير جو مالڪ ٻين کي بڻائي رکيو آهي جيڪي هر وقت اسان جي تقدير معلق کي پنهنجي من گهڙت فيصلن سان تبديل ڪري اسان جون سڀ واٽون پنهنجن خونخوار هٿن ۾ رکيو. اسان جي سمورن وسيلن تي قابض هئڻ جي باوجود سندن حرص لالچ ختم ڪونہ پئي ٿئي، ايستائين جو ٻين وسيلن سان گڏ زندگي ۽ پاڻي تي بہ قبضو ڪري سنڌ جي سرزمين کي بہ، ويران بيابان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ٺيڪ آهي برابر ميجون ٿا تہ اهو اسان جي مڪار وڏيرن جاگيردارن سياستڪارن پنهنجي پنهنجي مفادن خاطر ٿي پنهنجي تقديرن سان گڏ اسان جي بہ تقدير جو مالڪ مرڪز وارن کي بڻائي دل ٿي دل ۾ گد گد ٿي ڪڇيون پيا هڻن جڏهن تہ اسين انهن جي هر مڪروفريب کي بہ چڱيءَ طرح سڃاڻون ٿا. ڇاڪاڻ تہ فوج جي نگراني ۾ ٿيندڙ آدمشماري تہ صرف هڪ بهانو آهي جڏهن تہ اسان جي اهڙي تقدير جي مالڪن پڻ ٻين وسيلن جي ورهاست وانگر اسان جي آدمشماريءَ جا انگ اکر بہ اڳواٽ ئي تيار ڪري ڇڏيا آهن تڏهن تہ ڪمشنر آدمشماري محمد اسلم چوڌري بہ چوي ٿو تہ ان بابت ڪوبہ ماڻهو عدالت ۾ نٿو وڃي سگهي. نہ وري ان معاملي ۾ عدالت کي ڪو اختيار آهي. ڇاڪاڻ تہ هو مرضيءَ جا مالڪ آهن. جو ڳڻپ جي اردو فارمن کي ڀرڻ جا 14 ڏينهن ڏين تہ سنڌي ڳڻپ وارن کي 10 ڏينهن ڏين. تنهن ڪري اهڙي فڪرمنديءَ ۾ دڙو دادا سوچيندي سوچيندي گذريل رات هڪ خواب ڏٺو آهي، جيڪو توهان کي ٻڌائڻ ضروري ٿو سمجهان.

سو سائين منهنجا ڳالهہ اها آهي تہ دڙو دادا خواب ۾ ڳوٺ ويندي ڏاڙيلن جي گهيري ۾ ڦاسي پيو ۽ اهڙي پريشان حالت ۾ هن پنهنجي پاڻ کي بچائڻ لاءِ، پنهنجي ڪامل مرشد کي مدد لاءِ پڪاريو

جيڪو سائنس هڪل ۾ حامي ٿي دڙو دادا کي چوڻ لڳو ته چا ڳالهه آهي ڪهڙي مصيبت ۾ ڦاٿو آهين؟ تنهن تي دڙو دادا هٿ ادب جا ٻڌي عرض ڪيو ته مرشد سائين مان هنن ڏاڙيلن جي گهيري ۾ اچي ويو آهيان. تنهن ڪري انهن کان مرشد تون بچاءِ. ان تي مرشد چيو چڱو مان تنهنجي ٻانهن ۾ ايتري طاقت ٿو وجهان جو انهن سان مقابلو ڪري انهن کي ماري مات ڪر. مرشد جي ان ڳالهه تي دڙو دادا رڙ ڪندي چيو ته نه. مرشد نه، اهو ڪم مون کان ڪونه ٿي سگهندو. تنهن تي مرشد وري چيو ته چڱو پلا تنهنجي ڄنگهن ۾ ايتري طاقت ۽ سگهه ٿو وجهان جو تون انهن کان ڀڄي وڃ هو توکي پڪڙي ڪونه سگهندا. دڙو دادا مرشد جي ان ڳالهه کي ميڄڻ کان به نابري واري. تنهن تي مرشد ڪاوڙمنجهان چيو ته پوءِ اهڙين ٻاڙين جو مرشد آءٌ به ڪونه آهيان. خواب ٽٽي ٿو ۽ دڙو دادا رڙيون ڪندي اٿي ٿو.

سو سائين منهنجا ان خواب جي سچائي کي جڏهن ڏسجي ٿو ته سچ پچ پنهنجي ٻاڙپائپ تي شرمندو ٿيڻو پوي ٿو. جو اسان پنهنجي تقدير معلق جي فيصلن کي ٻاڻ لکڻ يا تبديل ڪرڻ بدران ٻيا اسان جي تقدير کي پنهنجن فيصلن سان هر وقت تبديل پيا ڪن جنهن جي مڪمل ۽ چٽي صورتحال اسان جي اڳيان آهي. تنهن ڪري اچو ته اسين پنهنجي آئيندي کي بچائي دنيا ۾ فاتح قومن جيان هميشه اوچو ڳاٽ ڪري شان سان رهون. مون کي اميد آهي ته مولا پاڪ اسان جي حال تي ضرور رحم ڪندو. چو ته:

پاٿهين ايندو هوت
آءٌ به ڪجهه اڳيري ٿيان.

ڇنڇر 28 فيبروري 1998ع
روزانو هلال پاڪستان

گلاب هڪڙي سان پيارن جو پيار

ڪتاب "گل ۽ ڪنڊا" جي پروگرام
جي موقعي تي ورتل تصويرون



الجهيل فارم ۾ منجهيل عوام

سو سائين منهنجي کي چوان ته بيحد خدشن سان تمتمار خبرن جي باوجود به خير سان هڪ طرف آدمشماريءَ جو پهريون مرحلو شروع ٿيڻ سان گڏ هر طرف زندگيءَ جو وهنوار به جاري ساري آهي ته ٻي طرف وري خير سان ان اهم ۽ نازڪ ڪم جو سلسلي ۾ عملو به پنهنجي هدايتن مطابق جاري رکيو پيو اچي. حقيقت ۾ ٿيڻ ته ائين کپندو هو ته ميان صاحب پنهنجي 1991ع واري ڪرايل آدمشماري جي انگن اکرن کي مٽي ڪري منجهيل دلين جي پوساٽيل اميدن کي باغ بهار ڪري عوام جي زندگيءَ جيئڻ ۽ اعتبار ڪرڻ جو نئون حوصلو ۽ ولولو پيدا ڪري ها. پر الائي ڪهڙي سبب الائي ڪنهن کي راضي رکڻ لاءِ ائين پيو ٿئي. تنهن ڪري اسان کي طاقت هوندي به ڪهڙي مجال جو ڪجهه چئي سگهون جڏهن ته ڏڙو دادا طاقت نه هوندي به ايمان جي سلامتيءَ سان سڀ ڪجهه اڳر چئي ٿو ته پوءِ ان ۾ اسان جو ڪهڙو ڏوهه سائين؟

سو بقول ڏڙو دادا جي ته مقروض ملڪ وقوم جي جنت نما بنگلن جي ٺڏڙن ڪمرن ۾ پلجندڙن ڪامورن طرفان ٺاهيل هي ڊيٽا بيس فارم ائين ٿو لڳي چڻ جنگ جي ميدان ۾ هاريل فوج ڪان فاتح فوج آڏي پيچا ڪري يا ڪنهن ڏوهي يا بي ڏوهي مجرم کي ذهني پيڙا ۾ مبتلا ڪندڙ سوالنامن جو مجموعو. سودلبر سائين اهوئي وڏو سبب آهي جو ڊيٽابيس جي ان الجهيل فارم ۾ منجهيل عوام حيران ۽ پريشان واري حالت ۾ فارم هٿن ۾ ڪنيو معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ ڀٽڪندو ٿو وتي. سو سائين منهنجا حڪومت جي طرفان کينل قدمن ۽ ڪوشش جي باوجود به اهو مرحلو ناڪام ڏسڻ ۾ پيو اچي ڇاڪاڻ ته آدمشماري جو عملو حڪومتي دعوائن جي باوجود به پوري طرح سان ڪٽي به چڱي نموني سان ڪم ڪرڻ ۾ مصروف نٿو ڏسجي ۽ نه وري اهو عملو ڪنهن کي پوري ڄاڻ ٿو ڏي جو ته فوجي سان گڏ ويچارو سول ملازم

ماڻهو بـ الائي ڇو ڊنل ٿـو لڳي جڏهـن تـ فـوجي جوان بـ ان دوران عجيب ڪشمڪش ۾ مبتلا نظر ٿـو اچي، باقي جيستائين عوام جي ڳالهہ آهي سو تہ هو، هونءَ ئي اسلحي سان گڏ عملي ڪي ڏسي هيسجي ٿو وڃي. وڏي ڳالهہ تہ اها جو آدمشماري وارو عملو ڪيترا پيرا ٽريننگ حاصل ڪرڻ جي باوجود بہ عام ماڻهو کي ڪجهہ سمجهائڻ کان بلڪل قاصر ٿو رهي عجب تہ اهو آهي جو ڊيٽابيس فارم جي ڪوٽ سبب بہ متعلقہ شعبو پريشان آهي، اهوئي سبب آهي جو ماڻهو هن قومي فرض کي نڀائڻ لاءِ فارم جون فوٽو ڪاپيون پنهنجي خرچ تي پيا ڪرائين. سو اسين اهو تہ ڪونہ پڇنداسين تہ ان سلسلي ۾ رکيل قومي ناڻو ڪيڏانهن ويو ڇو تہ ان جي انگن اکرن جا ووچر تہ ضرور محبوب الحق ۽ پارٽيءَ وٽ موجود هوندا تنهن ڪري گهبرائڻ جي ڳالهہ ناهي بابلا. پر هڪ ڳالهہ ان سلسلي ۾ تہ ٿي وئي جي اشتهاري بيان تہ ڊيٽا فارم جي بلڪل ابتڙ لڳڻ سبب حڪومت جي ڀهروپي صاف صاف نظر ٿي اچي، جڏهن تہ فارم سان گڏ فوٽو هئڻ ڪري فوٽوگرافرن جي ڄڻ ازغيبي عيد ٿي پئي آهي جو ماڻهو نوڪرين تي وڃڻ بدران فوٽو ڪڍرائڻ لاءِ لائين ۾ بيٺا آهن. اجا بہ ڏسجي تہ فارم تصديق ڪرائڻ هڪ ٻيو وڏو ڳچيءَ ٽوڙ جنجال پيدا ڪري ڇڏيو آهي، تنهن ڪري ميان صاحب پنهنجي ضد تي ٻڌل بي سود انا جي حالت پاڻ ڏسي ڪري فيصلو ڏي تہ وڏن شهرن جي ماڻهن جي اهڙي پريشان جوڳي حالت آهي تہ پوءِ ٿورو واهڻ، وستين ۽ ڳوٺن جي انهن ماڻهن لاءِ سوچي تہ هو ان معاملي ۾ ڪيڏي نہ عذاب ۾ مبتلا هوندا جن وٽ اهڙي ڪابہ سهوليت ميسر ڪانهي. جڏهن تہ ان سلسلي ۾ سرڪاري اسڪول بند ۽ پرائيويٽ اسڪول برابر کليل رهڻ سبب بہ حڪومتي رويئي جي ٻٽي معيار جي بہ پٽ وائکي ڪري ڇڏي آهي ڇو تہ سرڪاري اسڪولن ۾ پڙهندڙ غريب ٻارن جي تعليم بند ڪري احساس محرومي پيدا ڪيو ويو آهي جڏهن تہ پرائيويٽ اسڪولن ۾ پڙهندڙ امير ٻارن ۾ احساس برتري پيدا ڪرڻ جي اڻ سونهندڙ ڪوشش ڪئي ويئي آهي. باقي

جڏهن تہ ڪافي وقت کان پوءِ وري فوجي جوانن جو ان بهاني سان شهرن ۾ اچڻ سان سندن جي منهن تي مرڪون موٽي آيون آهن ڇاڪاڻ تہ بکئي پيٽ تي پٿر ٻڌل قوم جا هي جوان پنهنجن پنهنجن مقرر سينيٽرن تي هشاش بشاش ٽڪن ڇڪن سان پيٽ ڀري جون اوڳرايون پيا ڏين. سو اها ڳالهہ تہ هيئن تي لڳي تہ "ماءُ مريءَ رڪاٽي ڏيءَ جو نالو ڏهي."

سو سائين منهنجا مختلف هنڌن جو جائزو وٺندي دڙو دادا ٻڌائي ٿو تہ پناهہ گير هميشہ جيان پنهنجي عادت ۽ رويئي پٽاندر مسجدن جي لائوڊ اسپيڪر مان اعلان ڪري ٻڌائن ٿا تہ فلاڻي هنڌ فلاڻو ماڻهو فلاڻي وقت کان فلاڻي وقت تائين برابر ويٺو آهي تنهن ڪري ماڻهو پنهنجا ڊيٽابيس فارم اچي تصديق ڪرائي وڃن. اهڙي نموني سان هو پنهنجي سر بہ انگ اکر ڪٺا ڪرڻ سان گڏ خاص ٻوليءَ واري فارم تي ڪڙي نظر رکيو ٿا اچن. جڏهن تہ وري غيرمسلم بہ پنهنجا فارم مقرر هنڌن تي پنهنجن ڪارڪنن کي مهيا ٿا ڪن جيڪي ان سلسلي ۾ سمورو ڪم مڪمل ڪرڻ ۾ لڳل آهن. جڏهن تہ اسان جي ماڻهن ۾ اهڙي طرح سان ڪم ڪرڻ نٿو ڏسڻ ۾ اچي. اها ڳالهہ مڃڻ جي لائق برابر آهي تہ سماج سڌارڪ ماڻهن ۽ تنظيمن ان سلسلي ۾ سيمينار وغيره ڪرائي ڪافي سجاڳي پيدا ڪئي آهي پر تنهن هوندي بہ هاڻي عملي طرح سان ڪم ڪرڻ جي اشد ضرورت آهي، تنهن ڪري هر باشعور ماڻهوءَ کي هٿ ادب جا ٻڌي عرض گذارش ٿو ڪجي تہ دڙو دادا وانگر متي ڏنل صورتحال وانگر پنهنجي پنهنجي علائقي جي ماڻهن جي مدد لاءِ سرگردان ٿي ڪري پنهنجي قومي تشخص جي برقراري واري جاڳرتا جي وجود کي تباهہ ٿيڻ کان بچائن. مون کي پڪ آهي تہ مولاپاڪ پنهنجي ان توڪلي قوم کي سرخرو ڪري ڪامياب زندگي گذارڻ جي توفيق عطا ڪندو. (آمين)

ڇنڇر 7 مارچ 1998ع
روزانو هلال پاڪستان

گل ۽ ڪنڊا جي مهورت جي موقعي تي ورتل يادگار تصوير
ميڊم مهتاب اڪبر راشدي، ڊاڪٽر سليمان شيخ ۽ گلاب هڪڙو



سِگا ايڪسپو 1994ع جي تقريب تي
وزير اعليٰ عبدالله شاهہ سان گڏ گلاب هڪڙو ۽ محمد سليم حيدر

مَدي جن جي من ۾

سو سائين منهنجي ڪي چوان، گهر ڪٽنب سان گڏ ڏيتا فارم جي اڌ گابڙي ڪم جي باوجود انسان ڪٽنب وارو ڪم به برابر بندوق تي ڏيڙدونس واري پاڇي ۾ عملو نيننگ ٽپا ڏيندو ڪم ڪي اڪتي گهليندو ٿو وتي. سائين مهنجا معاف ڪجونيننگ ٽپا ان لاءِ ٿو چوان ته شهري علائقن جي ڪيترن حصن ڪان سواءِ پڻ ڪيترن ڳوٺن، پنڊن ۽ نمبرن ۾ اڄ سوڊو عملو خير سان پهتوئي ناهي. اها ڳالهه ته پنهنجي جاءِ تي پر جن جن علائقن ۾ عملو پهتو به آهي ته سو به نينگ ٽپا ڏيندو يعني وچ وچ ۾ ڪيترن ئي تڪن ڪي ڇڏيندو وڃي ٿو، ڪراچيءَ جهڙي شهرجو اهو حال آهي پوءِ ٿورو سوچيو وڃي ته ڳوٺن جو ڪهڙو حال هوندو. ڇو ته ويڙهن، ڇپرن ۽ لوڙهن ۾ ڪئين گهرن هئڻ جي باوجود

ب ٺيڪ طرح سان گهر ڳڻپ ڪون ٿي ڪئي وئي نہ صرف ايترو پر ڀهراڙين ۾ 18 سالن جي گهٽ عمر وارن ٻارن جي ڳڻپ ئي نٿي ڪئي وڃي. سو اهڙي قسم جي ڇاڻي ڇهي ڪيل غلطين جو مختلق اخبارن ۾ نشاندهي بہ ڪرائي پئي وڃي تنهن هوندي بہ هن نفسانفسيءَ جي عالم ۾ محب وطن ڌرتيءَ ڄاين دل جي سچاين سان ميان صاحب جي آواز کي لبيڪ چوندي آدمشماريءَ ۾ ڀرپور حصو وٺي سچي پاڪستاني هئڻ جو پڪو ثبوت ڏنو آهي. سوبقول دڙو دادا جي تہ اهوئي وڏو سبب آهي جو عوام ميان صاحب سان دل وجان سان محبت ڪندي هن پنجين آدمشماري کي ڪامياب بنائڻ لاءِ پوري پوري ڪوشش ۾ رڌل آهي، تڏهن تہ هو عملي طرفان رهجي ويل ڪوتاهين ۽ خامين جو نوٽيس وٺندي اعليٰ اختيارين تائين دانهن ان لاءِ ٿو پهچائي تہ جيئن ميان صاحب جو ڪنڌ دنيا آڏو شرم سان نہ جهڪي جيئن 1991ع واري آدمشماري نہ ميرائڻ سان ٿيو اٿس. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ ملڪ جي سياسي پارٽين تہ هن ڀيري واري آدمشماري جي سخت مذمت ڪندي هن عمل کي هڪ هٿيءَ طرفان هڪ ناٽڪ ڪوٺيو آ هي. پر تنهن هوندي بہ شابس آهي انهن سماجي تنظيمن کي جن هن عمل ۾ عوام جي سهڻي نموني رهنمائي ڪري منجهن چڱي شعوري سگهہ پيدا ڪئي آهي جنهن سبب اپوجهہ ماڻهو ڏيتا فارم جي پريشان ۽ منجهيل سوالن هوندي بہ ميان صاحب جي ان حڪم جي پوئيواري ڪرڻ ۾ ان لاءِ رڌل آهن تہ جيئن سندن جو پيارو محبوب ليڊر ميان صاحب ڪٿي ڪاٺيارو نہ ٿئي. پر افسوس ان وقت ٿئي ٿو جڏهن انهن اپوجهہ سنڌي ماڻهن کان فارم صرف ان لاءِ نٿا ورتا وڃن جو هنن جو فارم سنڌيءَ ۾ ڀريل آهي. جڏهن تہ حڪومتي ٽي وي اشتهار جي هدايتن وسيلي بہ ماڻهن کي چڱي خاصي ڄاڻ ملي ٿي پر تعصبي عملي جي رويي ڪري سمورو ڪم اٽپورو رهجي ٿو وڃي جيئن ڄاٽي واٽي جروار جي 800 گهرن کي صرف 200 گهر ڳڻيا ويا آهن نہ صرف ايترو پر خانپور جي مقامي ماڻهو جو ان سلسلي ۾ فوجي اهلڪار سان اختلاف سبب ماڻهوءَ سان ڳڌ

شهيد ڀٽو ۽ گروپ جي غلام نبي هنگورو کي بہ لاڪپ ڪري ڇڏيو. بقول "راڄداني مان" اطلاع مطابق هالا جي هڪ وڏيري سان فوجي ان لاءِ ضد ۾ ڏي بيٺو تہ ڊيٽا فارم ۾ پرديدار عورتن جا فوٽو لڳايا وڃن. ان معاملي ايتري شدت اختيار ڪئي جو اگر ضلعي انتظاميہ وچ ۾ نہ پوي تہ شايد ڪو وڏو ممڻ مچي پوي. سو سائين عملي طرفان اهڙين روين سبب ائين پيو لڳي تہ اعتماد ۽ ڀروسي ۾ خواہ مخواہ بہ ڪنڊا وڇائي هن پنجين آدمشماري کي بہ ناڪام بنائڻ جي ڪوشش پئي ٿي. ڊيٽا فارم جي ڏکيائين ڪري حڪومت ان فارم کي رد بہ ڪرڻ جي اعلان بعد بہ سرڪاري عملو هن عمل ۾ بيحد مشڪلاتون پيدا پيو ڪري. سرتاج عزيز جي بدنيتي تي ٻڌل اعلان تہ آدمشماري جي نتيجن تحت سيٽون گهٽ وڌ ڪرڻ جي انڪار جي باوجود بہ ملڪي سالميت جي ساک کي برقرار رکندڙ اپوجهہ عوام پوءِ بہ ڀرپور ان ڪوشش ۾ ڪوشان آهي تہ جيئن هي عمل خيروخوبيءَ سان پورو ٿئي. پر سنڌيءَ ۾ فارم ڀريندڙ ڪراچي جي جمع حمايتي ڳوٺائن تي ماستر لياقت پنجابي جي چرچ تي آدمشماري ۾ شامل هٿيار بند لائسنس نائڪ اشرف ۽ شفيق طرفان فائرنگ ڪرڻ سبب لالو گرگلو کي صرف ان لاءِ ماري وڌو تہ ان فارم ماستر لياقت پنجابي کان ٻن سون ۾ ڀرائڻ بدران هن غريب ڪنهن پئي کان مفت ۾ ڀرايو هو. سوچڻ جهڙي ڳالهہ آهي تہ ڪراچيءَ جهڙي بين الاقوامي شهر واسين جي اها حالت آهي تہ پوءِ ڏورانهن ڳوٺن ۾ اهڙي عملي جي اهلڪارن جو ماڻهن سان ڪهڙو ورتاءُ هوندو. ڳڻپ عملي جي اهڙين دل ڏاريندڙ ڪارروايون ڪوتاهين ۽ تعصبي روين ۽ ڏاڍاين جي عوام طرفان شڪايتن ڪرڻ جي باوجود بہ اگر ميان صاحب چوي ٿو تہ مان آدمشماري جي ڪم کان مطمئن آهيان چوڻ ائين ٿو لڳي جڻ اهڙين دانستہ طور تي ڪيل غلطين ۾ ميان صاحب بہ برابر جو شريڪ هجي، پيو نہ تہ بہ ڏڙو دادا سان ڳڻپ عملي تقريبن 36 منجهائيندڙ سوالن جا جواب ڳڻپ فارم ۾ پينسل سان لکيا ۽ جڏهن دادا فارم کي هڪ نظر ڏسڻ لاءِ چيو تہ عملو

ناراض ٿي گهٽ وڌ ڳالهائڻ لڳو ۽ پينسل سان ڀرڻ واري اعتراض تي تہ فوجي موڙگو مچرجي پيو. تنهن ڪري دڙودادا جيڪو اڳي اهڙي قومي ڪم کي پاڻ پرو ڪامياب بنائڻ لاءِ ڪوشان هو تنهن جو بہ ايمان هاٿي ڪچي ويو ۽ پڻ وڏي واڪي چوي ٿو تہ پينسل سان فارم ڀرڻ سان ائين ٿو لڳي تہ ڄاڻي ٻجهي سوچي سمجهي ڪنهن خاص ٽولي کي فائدو پهچائڻ لاءِ قومي ناٿي کي ڏينهن ڏٺي دنيا جي سامهون ڪاٽ هڻڻ مان ائين ٿو لڳي ڄڻ ڏڻ جو نگهبان ڪو ٻگهڙ هجي. تڏهن تہ وزير داخلہ چوڌري شجاعت حسين صاحب بہ فرمائي ٿو تہ آدمشماري جا نتيجا ڪوئي قبول ڪري يا نہ ڪري اسان کي ان جي پرواهہ ناهي ۽ نہ وري ان کي ڪنهن جي تسليم ڪرڻ سان ڪو فرق پوندو.

سو سائين منهنجا رک مولا تي، اسان جي صحت تي بہ ڪو اثر نہ پوندو چو تہ آدمشماري جي سلسلي ۾ ڊيٽا فارم ۽ پڻ پينسل سان فارم جي ڀرجڻ ڪري اوهان جي نيتن جي سموري پت وائکي ٿي پئي آهي سو بقول شيخ اياز جي تہ ”تون هيٺون آهين هٿيارن سان،“ سو ان هوندي بہ اگر ميان صاحب آدمشماري واري ڪم کان اگر مطمئن آهي تہ پوءِ ائين چوڻ ۾ ڪو وڏاءُ نہ ٿيندو تہ:

مندي جن جي من ۾
تنهين سدائين ڏڪار
تون ٿي ٽڪي وڪامي خرار
تہ بہ بکيو پيٽ انهن جو.
سو رک مولا تي الله سائين سيني جو ڀلو ڪندو.
(آمين)

ڇنڇر 14 مارچ 1998ع
روزانو هلال پاڪستان

سون تي سبڻ متائڻ

سو سائين منهنجي کي چوان تہ دنيا جي اسرندڙ ملڪ جي سياستڪارن جي سياسي چالبازين انساني زندگيءَ کي تہ صرف مفلوج ڪري ڇڏيو پر معاشري ۾ بہ ايترو بگاڙو پيدا ٿي پيو جو زندگي جڻ ڪنهن خوفناڪ ڏيڻ ۾ ڦاسي پئي. اهڙي پوائتي صورتحال ۾ سماج سڌارڪ تنظيمن جي وجود انساني جيوت کي نہ صرف جيئڻ جو حوصلو ڏنو پر ماڻهن کي ڀاڻ اونداهي مان نڪرڻ لاءِ جڻ روشنيءَ جا چمڪندڙ ڪرڻا نظر آيا. سو سائين اڄين ڪٿي ڇنجي تہ ويهين صديءَ جي مختلف وقتن جي اٿل پٿل سبب نوان نوان لاڙا پيدا ٿيا تہ ضرور، پر ان جوڙ ۾ بہ ڪو وڏاءُ نہ ٿيندو تہ سياسي لاڙن معاشري ۾ تباهي ڪان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ناهي ڏنو. جڏهن تہ سماج سڌار تنظيمن جڻ

ماڻهن ۾ نئين ولولي ۽ جذبي سان حوصلو ڏيئي خوشحال زندگي گذارڻ جو نه صرف گس ڏنو پر منجهن شعوري سگهه پيدا ڪري پنهنجي مدد پاڻ ڪرڻ جي اصولن تي پاڻ ۾ گڏجي پنهنجن مسئلن ڪي حل ڪرڻ جو ڏانءُ به ڏنو.

سو سائين منهنجا اهوئي وڏي ۾ وڏو سبب آهي جو ماڻهن جي دلين ۾ اهڙين سماج سڌارڪ تنظيمن لاءِ محبت پيدا ٿيڻ لڳي. سو اهڙي محبتي ۽ سماجي ڀلائي وارن ڪمن ۾ سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن نه صرف پاڻ موڪيو آهي پرڀين ڪي به پاڻ ۾ گڏجي ڪم ڪرڻ جي صلاحيت بخشي آهي. سو ويهين صديءَ جي آخري حصي ڪي اگر ڏنو وڃي ته دنيا جي مختلف ملڪن اندر سماجي ڀلائي وارين تنظيمن ايترو ته پاڻ ميڙايو آهي، جو حڪومتي سياستڪارن جي سياسي پاليسين اُنهن جي آڏو پنهنجي ساک کي شرمندو ڪيو آهي، تنهن ڪري دنيا جا اهي مالياتي واپاري ادارا غريب ملڪن ڪي ترقي وٺرائڻ جي بهاني قرض ڏيئي پنهنجي من اندر جا لڪل مفاد اهڙن سياستڪارن کان ظاهر ظهور حاصل ڪرڻ سبب بدنام ٿيڻ لڳا تنهن ڪري هاڻي وقت جي نزاڪت ۽ حالتن ڪي سمجهندي اهڙن ادارن اين جي اوز جي بهاني غريب ملڪن اندر پنهنجا پير پختا ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪندي اين جي اوز متان مختلف ترقياتي ۽ عوامي ڀلائي جي ڪمن پٽاندر پنهنجي دولت جا دروازا کولي ڇڏيا آهن.

سو سائين جمهوريت جي راڳين جو راڳ پنهنجو اثر وڃائڻ سان گڏ سرڪاري ڪامورن کي به پنهنجو آئيندو خطري ۾ اچڻ سان گڏ حڪومتي ساک به ڪرندڙ نظر ٿي اچي، تنهن ڪري مختلف حيلن بهانن سان اين جي اوز کي سرڪاري اثر هيٺ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي پر ملڪ جي اين جي اوز پاڻ ۾ گڏجي ٻڌي جو ثبوت ڏيندي سرڪار جي اهڙي تپتائي کي شڪست ڏني، پر تنهن هوندي به جيڪي سماجي فلاح بهبود ۽ تعليم جي واڌاري لاءِ سماجي ادارا، سوسائٽيز

رجسٽريشن ايڪٽ 1860 تحت سيڪشن 20 مطابق رجسٽر ڪيا ويندا هئا جن جي سرڪاري في 1750 روپيا هوندي هئي پر عملي جي خرچيءَ سان گڏ 5 هزار روپيا خرچ ڪري تنظيمي ڪم کي اڳيرو ڪندا هئا. دولت جي اهڙي چمڪ کي حاصل ڪرڻ لاءِ ملڪ اندر ڪيترين ئي نيون اين جي اوز وجود ۾ اچڻ لڳيون آهن جن جو صرف ڪم آهي ٻاهرين دولت هٿ ڪرڻ نه ڪي ڪو ڀلائي جو ڪم ڪرڻ. جڏهن ته حڪومت جي نون حڪمن تحت اين جي اوز کي سوشل ويلفيئر کاتي مان رجسٽر ڪرائڻ سان گڏ سوسائٽيز ايڪٽ جي بدران هاڻي ڪمپنيز آرڊيننس 42 تحت رجسٽر ڪيو ٿو وڃي جنهن جي سرڪاري في ڏهه هزار ڀ سؤ رپيا آهي جيڪا عملي جي خرچيءَ سان گڏ ويهه هزار روپيا ٿي وڃي ٿي، سو بقول دڙو دادا جي ته ٻاهرين مالياتي ادارن جي مال کي ميڙڻ لاءِ هاڻي ته سرڪاري ڪامورن به پنهنجي گهر جي افرادن تي مشتمل مختلف نالن سان اين جي اوز ٺاهڻ شروع ڪيون آهن. جڏهن ته ٻي طرف وري نشرياتي ميڊيا تان مختلف ڊرامن وسيلي ماڻهن ۾ اين جي اوز جي چڱن ڪمن ڪرڻ جي ساراهه ڪرڻ يا عوام کي انهن سان سهڪاري ٿيڻ بدران هٿ ٺوڪيا منفي رويا ڏيکاري اپوجهه ماڻهن جي ذهنن کي پيڙي محبت ڪرڻ بدران اين جي اوز جي ناماچار کي ڇيهو رسائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي پئي وڃي، جنهن جو مثال پي ٽي وي تان نشر ٿيندڙ ڊراما. جنجال پوره، پرانده، نوري چام تماچي وغيره اچي وڃن ٿا. ان ۾ ڪوبه شڪ ناهي ته اين جي اوز جي ٻهاني سان جتي ڪجهه چڱا ڪم به ٿين ٿا ته اتي وري مٿي بيان ڪيل عمل سبب ۽ روين ڪري اين جي اوز جا ڪيترا پروگرام ناڪاميءَ جو منهن به ضرور ڏسن ٿا. سو بقول دڙو دادا جي ته ٿي سگهي ٿو ته اهڙا رويا خود انهن مالي ادارن طرفان ئي جوڙيا ويا هجن، جيئن ڪوئي هڪ طرف چور کي چوي ته اٺ چوري ڪر ۽ ٻئي طرف ڀاڳيي کي چوي ته اٺ چور آيا اٿئي! بلڪل اهڙي طرح سان هڪ

طرف اين جي اوز جي سهائتا تہ ڪٿي ٿي وڃي تہ ٻي طرف انهن ڪي مختلف نموني بدنام ڪيو ٿو وڃي، هونئن ۽ بہ ڏٺو وڃي تہ ٻين تي ياڙڻ سان ماڻهو نڪمو ٿيندو آهي. جڏهن تہ بيروني امدادن تي پلندڙ اين جي اوز پاڻ مان ڀلائي واري سگهہ بلڪل وڃائي ٿيون ويهن. سو ائين سمجهڻ نہ گهرجي تہ بيروني امدادي وسيلن جي صرف ڪاغذي پيٽ ڀرائي وغيره سان سندن جي ساک برقرار رهندي چو تہ سلوار ڻاهڻ سان گڏ اڳٿ جي جاءِ بہ ضرور رکبي آهي. تنهن ڪري مالي ادارا، مال تہ برابر ڏين ٿا پر ٻي طرف هو ڪرڙي نظر بہ رکيو ٿا اچن. ائين چوڻ ۾ ڪابہ هٻڪ ناهي تہ پنهنجي نمبر وڌائڻ لاءِ اين جي اوز ۾ بلڪل خاموشيءَ سان اهڙا ماڻهو بہ آهن جيڪي مڪمل رپورٽ ۾ ڄاڻ انهن ادارن کي ڏئي خوشي محسوس ٿا ڪن.

سو سائين منهنجا اسان کي ان ۾ ڪو اعتراض ناهي تہ ميان صاحب جي ڪري اين جي اوز جي بهاني سان سمورا ترقياتي ڪم صرف پنجاب ڏانهن منتقل ڪيا ويا آهن پر جيڪي ڪجهہ هت ٿئي پيو سو بہ ٺيڪ نہ پيو ٿئي، تنهن ڪري سنڌ ۾ ڪم ڪندڙ اين جي اوز پنهنجو قبلو درست ڪن تہ بهتر نہ تہ ڪٿي ائين نہ ٿئي جو بيروني امداد بند ٿيڻ ڪان پوءِ اين جي اوز جڳ ۾ منهن ڏيکارڻ لائق بہ نہ رهن، چو تہ رن تہ رن پر دولت تي نر بہ هر ڪجي پوندا آهن. سو بقول دڙو دادا جي تہ پرائي دولت جي چمڪ تي پاڻ مان حقوق العباد واري عمل کي داغدار نہ بڻايو وڃي چو تہ

سون تي سين متائڻ
ناهي ريت اسان جي.

ڇنڇر 21 مارچ 1998ع
روزانو هلال پاڪستان

سهڻا ڏنا ـ واعدا ڪوڙا

سو سائين منهنجي ڪي چوان، ملڪي حالتن کي ڏسندي سمجهه ۾ نٿو اچي تہ ڳالهہ ڪريان تہ ڪيئن ڪريان ۽ جي وري ڪريان تہ ڪٿان شروع ڪيان ڇو تہ اڄڪلهہ شعور رکندڙ هر اهو شخص خوفزده آهي ان مستقبل کان جنهن طرف اسان جا حاڪم اسان کي ڌڪيندا ٿا رهن ڇو تہ هو اکين هوندي بہ ڪجهہ ڏسي نٿا سگهن. ڪنن هوندي بہ عوام جون دانهون ڪوڪون آهون ٻڌي ڪونہ ٿا سگهن وڏي ڳالهہ تہ دماغ بہ اٿن پر الائي ڇو سوچڻ جي سگهہ بہ وڃائي اٿن. هردلعزيز بهادر ۽ غيرتمند قوم جي حڪمران پنهنجي نئين رنگ ڍنگ سان "قرض لاهيو ملڪ سنواريو" جي ڪرشماتي لفظن سان عوام جون دليون موهي وڌيون ۽ ماڻهن زور شور سان پنهنجي حق حلال جي ڪمائي، سهاڳڻين پنهنجن ڏاجن کي وڪڻي اها رقم بہ بينڪن ۾ جمع ڪرائڻ شروع ڪيون تہ جيئن ايندڙ صديءَ ۾ آزاد ملڪ جي غلام ۽ بي وس قوم قرض کان آجپو حاصل ڪري آزاديءَ سان ساهہ کڻي باقي حياتي جا ڏينهن عزت آبرو سان گذاري، مگر افسوس تہ قوم سک جو ساهہ کڻي نہ سگهي. ڇو تہ سندس جي ملڪ سنوارڻ ۽ قرض لاهڻ واري رقم حڪمرانن جي جلد بازي وارن فيصلن يعني موٽر وي تي خرچ ڪئي وئي ۽ جڏهن تہ بالا ايوانن جي شان شوڪت ۽ پڻ دم گذر لاءِ دنيا جي مشهور وياج خور بينڪن کان ڳري وياج تي رقمون حاصل ڪري موجوده نسل کانسواءِ ايندڙ نسل جي ڳچيءَ ۾ بہ قرض جو

طوق وجهي قوم کي اجا بہ وڏيڪ مصيبتن جي پوائتي ڪُن ۾ ڦاسايو ويو آهي، جڏهن تہ سرمائيدارن، سياستدانن، جاگيردارن ۽ بااثر ماڻهن جيڪو مختلف بهانن سان قرض وٺي ملڪ کي ڏيوالو ڪيو آهي تن پوتارن کان قرض وصول ڪرڻ جو ڪوبہ پختو طريقو يا انتظام نہ ڪيو ويو آهي. سو بقول اسٽيٽ بينڪ جي گورنر جي تہ انهيءَ مَدَ ۾ صرف 18 ارب رپيا وصول ٿيا آهن جڏهن تہ 39 هزار زور آور ماڻهن ڏانهن 150 ارب رپيا قرض باقي رهي ٿو ۽ اجان بہ ڏسجي تہ اگريڪلچرل ترقياتي بينڪ جا بہ 25 بلين رپيا بااثر ماڻهن بغير اوڳرائي جي هضم ڪري ڇڏيا آهن. سو سائين ملڪي خوشحالي سک سلامتي محبت ڀري ماحول جي آس رکندڙ عوام جي اهڙن نيڪ جذبن سان چوندجي آيل مهربانن صرف ۽ صرف پاڻ ۽ پنهنجي عزيز رشتيدارن لاءِ ڦرلٽ جي بازار گرم ڪري ڪاري ناڻي سان پنهنجيون تجوڙيون ڀرڻ شروع ڪيون آهن. سائين منهنجا، اهڙن ماڻهن کان رقمون حاصل ڪرڻ لاءِ حڪومت گهٽائي حيلا هلايا ڀر پوءِ بہ ناڪام وٺي الائي ڇو؟ سائين چو وري ڇاجي جتي چورن جا ڀائر ڳنڍيچوڙ هجن تہ پوءِ اُتي ائين ٿي ٿيندو آهي ها! زماني ۾. دلبر هڪ ڳالهہ آهي ايمان جي سلامتيءَ جي. جيڪڏهن حڪومت بہ ايمان جي سلامتي واري سچائي سان ملڪي ناڻو ڦرڻ وارن کا پيسا وٺي تہ بہ. صرف اسين پنهنجا ٻاهريان سمورا قرض لاهي ڇڏيون ڀر ڀڻ اسين ٻين ملڪن کي قرض ڏيڻ جي سگهہ رکي سگهون ٿا پر سائين منهنجا انگريزي ٻاڻ واري خوراڪ تي پساهہ کڻندڙ حڪومتون اهڙي سگهہ ڪيئن ٿيون ماڻي سگهن. ڇاڪاڻ تہ گوڏا هيمشہ پيٽ ڏانهن ورندا آهن رت ڙاٽي آهي سو انگريزي ٻاڻ جو اثر بہ تہ آخر انگريز سرڪار لاءِ ٿي تہ ٿيندو. اهوئي سبب آهي جو اسين آمريڪي مفادن خاطر يهودي لابيءَ لاءِ ٻاڻ پتوڙي رهيا آهيون.

سائين منهنجا معاف ڪجو پتڙي تان پير لهي ويو. جنهن سبب اصل ڳالهہ جو سلسلو بہ هيڏي هوڏي ٿي ويو. تنهن ڪري وري ساڳي ڳالهہ طرف اچون ٿا تہ جيڪڏهن موجوده حڪومت اخلاقي جرائت ۽

عملي تدبر ڪان ڪم وٺندي قوم جي لٽيل دولت جي واپسيءَ جو بندوبست اگر سڀ ڪان پهريائين پنهنجن ماڻهن وٽان ڪري ته پوءِ ڪو شڪ ناهي جو ٻيا پاڻ بچائي سگهن. ٻيو نه ته، ڀلا ته به صنعت وتجارت جي قبضي خورن جو ئي لغام ڇڪي رکجي جيڪي پنهنجي مرضيءَ سان نفعو ڪمائي عوام جي چيلهه ڇني ٿا ڪن. پر افسوس جو انهن تي پڪڙ ڌڪڙ ڪرڻ ڪان سواءِ پنهنجن جوان جذبن جي خوابن کي پوري ڪرڻ لاءِ صرف ملازمن کي گهر پيڙو ڪرڻ جي باوجود به اگر حالتون بهتر نٿيون ٿين ته منهنجا بابلا وزيراعظم هائوس ۽ سندس سيڪريٽريٽ جي روزانو 75 لک واري خرچ ۾ ڪجهه ماٺار آڻجي جڏهن ته ان سان گڏ وفاقي صوبائي وزيرن مشيرن ۽ ڊي سي آفيسرن وغيره جي آفيسن ۾ گهرن جي چونچلن تي به گهٽ ۾ گهٽ 4030 چاليهه ارب ساليانو خرچ ڪيو ٿو وڃي، اسين اهو ڪونه ٿا پڇون ته ڪذريل نگران وزيراعظم بلخ شير مزاري پنهنجو سرڪاري سامان وغيره موٽايو يا نه!؟

پر سائين منهنجا انهن مٿين ڳالهين سبب ملڪ جي اقتصاديات جي بحران ۾ بحران نه ايندو ته ٻيو ڇا ايندو جتي قوم جي رت پگهر جي پورهئي مان حاڪم عياشيون ڪن ۽ عام ماڻهو وڌندڙ مهانگائي ۾ پنهنجي جسم ۽ روح جو رشتو برقرار رکڻ لاءِ بي چين هجي ته پوءِ اتي ويچارو دڙو دادا ڇا ڪري. ڪنهن کي چوي ۽ جي چوي ته به ڇا چوي چو ته:

ست رنگي آهي سياست پنهنجي
ناهي ڪنهن سان چاهت پنهنجي
سهڻا ڏئا ڪوڙا واعدا
پارٽيءَ جو منشور سدائين.
باقي الله سڀ جو خير ڪندو.

آچر 29 مارچ 1998ع
روزنامو هلال پاڪستان

نيلام گهر بند ٿيڻ گهرجي

سو سائين منهنجي کي چوان بنا ڪنهن اڳ پوءِ سوچڻ سمجهڻ جي جيڪي بہ فيصلا ڪيا ويندا آهن سي ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ پنهنجي سگهہ وڃائي بدناموسيءَ جو باعث بڻجي دل ڏکوئيندڙ اثر ڇڏي ذهني الجهن ۽ مونجهارو پيدا ڪندا آهن. سو اهڙي صورتحال ميان صاحب جي انهن فيصلن سان بہ ٿي آهي جن کي هر طرح جي سهوليتن جي واعدن بعد بہ چڱي ۽ اثرائتي موٽ نہ ملي جڏهن تہ بعد ۾ وري داٻ ڏڙڪن بہ ڪو پوڙو نہ پاريو ۽ پوءِ آخر مجبور ٿي اسٽيٽ بينڪ جي گورنر کي مٺو ۽ چوڻو پيو تہ اسين قرضن جي واپسيءَ وارو حدف پورو ڪرڻ ۾ ناڪام ويا آهيون، ائين ڪٿي چئجي تہ اسان جي نرم سخت انتظامن هوندي بہ ساڍن 15 ارب روپين مان 16 فيبروري تائين صرف 4 ارب 20 ڪروڙ روپيا حاصل ڪري سگهيا آهيون.

سو سائين وزير خزانہ جي اهڙي بيان مان ائين لڳي ٿو تہ قرض واپس گهرڻ وارو چار جيڪو سمنڊ ۾ وڌو ويو تنهن چار ۾ ننڍيون

نئڊيون ميڃيون پاڻ مرادو ڦاسنديون رهيون جڏهن ته وڏيون، ميڃيون اڄا تائين ظاهر ظهور قانوني لهرن کي چيري ڦاڙي آزاديءَ سان تري رهيون آهن. سو بقول دڙو دادا جي ته اسان جي سمجهه ۾ نٿو اچي ته آخر اهو مضبوط چار ڪڏهن ٺهندو جنهن ۾ وڏيون ميڃيون به ڦاسجن. سو ٻيو ٻلا نه ته، به قرض ڏيڻ واريون بينڪون به ته پنهنجي جاءِ تي موجود آهن ۽ قرض وٺڻ وارا به خير سان جيئرا جاڳندا ڪڳيون هٽندا پيا وتن جن لاءِ قانوني رستا ۽ طريقا به الله سائين جي مهرباني سان موجود آهن ته پوءِ به انهن کان رضاڪارانه طور تي قرض واپس ڪرڻ سان گڏ مختلف قسم جون رعائتون ڏيڻ جي انداز مان بلڪل ائين ٿو لڳي ته جيئن ڪوئي ڪنهن ٻار کي بيحد پيار ۽ پاٻوهه سان چوري ڪرڻ تي هر ڪائيندي به ڪيس سمجهائي ته پٽ چوري ڪرڻ خراب ڳالهه آهي. سو ان چوڻ ۾ بلڪل وڏاءُ نه ٿيندو ته ملڪي و قومي معيشت جي لٽيندڙن قاتلن سان حسن سلوڪ سان پيش اچڻ سان گڏ انهن کي رعايتون ڏيڻ ئي ديس جي خوشحالي جي راهه ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ آهي. تنهن ڪري بقول دڙو دادا جي ته اگر واقعي قرض واپس وٺي ملڪي معيشت سڌارڻي آهي ته پوءِ بسم الله ڪري بينڪن جي انهن اعليٰ آفيسرن ۽ سربراهن کي ڏنڊو ڏجي جن پنهنجي قلم جي جنبش سان انهن جا قرض منظور ڪري پنهنجي واقفيت وڌائي. مون کي چڱيءَ طرح سان ياد آهي ته ميان، ملڪ مان بيروزگاري ختم ڪرڻ لاءِ پنهنجي اڳين دور ۾ ييلوڪيپ اسڪيم تحت روزگار ڏيڻ جي سٺي ڪوشش ڪئي، اسين ايڏا به بي مروت ناهيون جو ميان صاحب کان ان اسڪيم تحت ڪيس مليل ڪميشن لاءِ پڇون، پر تڏهن به اهو ضرور چونداسين ته سندس اهڙي سٺي اسڪيم به اهڙن آفيسرن جي ملي ڀڳت سبب ڪوڙن ڪاغذن ۽ ڪوڙين ضمانتن ۽ ڪميشن تي ڏئي ملڪي ناٿي کي ڌڪ رسايو. سو لڳي ٿو ته هن اسڪيم وانگر بينڪ آفيسرن بينڪ جا وري ڏوڪڙ به ائين ورهايا، جيئن ڪوئي مال غنيمت ورهائجي يا ائين چئجي ڪنهن درگاهه تي ويٺل ماڻهن ۾ دولت جو لنگر ورهايو

ويو هجي پر ائين چوڻ به ۽ ائين ڪرڻ به غلط ٿيندو ڇو ته اهڙا قرض ذاتي بنيادن ۽ سياسي همدردين ۽ وفادارين سبب ڏنا ويا. تنهن ڪري بنا ڪنهن رڪ رڪاءُ جي انهن کان قرض واپس ورتو وڃي. باقي سئو ڪوڏ ته لڳي ته ميان صاحب شينهن جهڙي دل ۽ همت رکڻ وارو ارڏو اڏول انسان هارڪائي!؟ ۽ سودخورن يعني آئي ايم ايف، جي قرض ادا ڪرڻ لاءِ پنهنجي گهر جا ٿپڙ تاڙي وڪڻڻ شروع ڪيا آهن جن ۾ گهڻا ٿپڙ سنڌ جا آهن تنهن ڪري وقف پراپرٽيءَ وانگر هاڻي نيلام گهر بند ٿيڻ گهرجي ڇو ته ڪڏهن ايئن نه ٿئي جو سياڻي تائين سڀ ڇومنتر ٿي وڃي. الائي ڇو توهان جو هر فيصلو بي اثر ٿي ائين سگهه وڃائي ٿو ويهي جئين احتساب جي سلسلي ۾ 26 ڪروڙ خرچ ڪرڻ بعد به ڪو ڪڙتيل ڪونه نڪتو.

سو سائين منهنجا آخر اها ڪهڙي سياست آهي جو هر ايندڙ حاڪم ويندڙ حاڪم کي ملڪ جو غدار ۽ ڪرپٽ وغيره وغيره چئي ان جي لهڻ سان ان پويان ڪات ڪهاڙا تيز ڪري ۽ پوءِ آخر ۾ ملڪي ۽ عوامي ڀلائي وارن ترقياتي منصوبن کي به رد ڪري عوام کي وڏيڪ الجهن ۾ وجهي سندن ارمانن کي نيپوڙيو ٿو وڃي. سو بقول دادا جي ملڪي اثاثن وڪڻڻ وارو نيلام گهر بند ٿيڻ سان گڏ هر ايندڙ ويندڙ حاڪم پنهنجو مدي خارج روپي وارو ڪنٽراڪ بند ڪري دلين مان ٽپتائي واريون نفرتون ڪڍي پاڻ ۾ محبت ڀريو ماحول پيدا ڪيو ته جيئن عوام ۾ به هڪ ٻئي سان محبت ۽ قرب ونڊڻ جو ماحول پيدا ٿئي ۽ پوءِ الله سائين ڪندو ته اسان جي ترقي ۽ خوشحالي کي ڪير به روڪي ڪونه سگهندو ۽ خير سان سڀ قرض به لهي ويندو. ۽ پوءِ الله ڪندو سڀ ڀلي.

آچر 5 اپريل 1998ع

روزانو هلال پاڪستان

غضب ڪيوسين پاڻ سان

سو سائين منهنجي ڪي چوان پياري پاڪستان جي عزيز ترين پيارن زندگيءَ جي 51 سالن واري عمر تائين اڄ سوڌو غريب، غريب تر ٿيندو پيو وڃي، جڏهن تہ سرمائيدارن، جاگيردارن ۽ اميرن جي مفادن خاطر ٺاهيل هن ملڪ ۾ اڄ سوڌو امير، امير تر ٿيندو پيو وڃي. شروع کان ئي مختلف نعرن ۽ غربت دور ڪرڻ جي سهڻن واعدن ۽ ڏڌن سان هر ڪٿي اينڊڙ حڪمران پنهنجي لڳ لاڳاپا - ياري باشي، اثر رسوخ سان گڏ بي شمار فائدا وٺي ہي جي لاءِ جاءِ خالي ڇڏي ٿو اهڙي طرح سان هر ہيو پنهنجي نئين رنگ ڍنگ جي ماڊل نعرن سان جاوا پيو ڪري، اها ٻي ڳالهہ تہ ان معاملي ۾ ڪير ڪيتري محنت ڪري ٽپتائي سان پاڻ ناهي ٿو وٺي، جڏهن تہ مهانگائيءَ کي ختم ڪرڻ جي کوکلن نعرن سان گڏ هترادو قرلت جي بي انتها ڪرپشن جي ماناٿتي ماحول اها صورتحال ٺاهي ڇڏي آهي جو حق حلال جي روزي ڪمائيندڙ ان آڌو هڪ عظيم گناهہ ٺهجي ڳيي تڪر لاءِ حيران پريشان آهي. عجب ڳالهہ آهي تہ رشوت جي هن وهنوار کي اڄ ڪلهہ ڪرپشن جي ماڊل نالي کي هيٺ کان وٺي ڪميشن يا تحفن جي صورت ۾ اعليٰ ايوانن تائين ڏاڍي خوبصورتي سان رهائي رسائي حاصل آهي، جڏهن تہ اُن ماحول ۾ مسڪين ماڻهوءَ جي روزي ڇڻ هانءَ کي ڏڍ ڏيڻ مقدر ٺهجي ويئي آهي ۽ ڪرپشن جا سڀ ڪل پرزا مقدر جي پابندين ۽ ماپن کا گهٽو متيرا ٿي ويا آهن.

سو بقول دڙو دادا جي تہ بي حد ۽ بي پناهہ محنت پورهيو ڪندڙ کي سڪي ڪائڻ جي باوجود بہ هڪ طرف بجليءَ جو بل ادا ڪري ٿو تہ ٻئي طرف گئس جي بل ادا ڪرڻ لاءِ وري بہ ڪيس قرض وٺو پويس باقي جيستائين بجليءَ جي ڳالهہ آهي تہ سندس استعمال تي مختلف قسمن جا 130 رپيا سرچارج اڳ ئي ٿاقيل آهي، يعني هڪ سو ربين جي بجلي کپائڻ تي سرچارج سان گڏ 230 رپيا ڏيڻاپون ٿا جڏهن

تہ تازي حڪم تحت ميٽر ريڊنگ جا ماپ ماٿا الڳ الڳ بنيادن تي پابند ڪيا ويا آهن. سمجهہ ۾ نٿو اچي سرچارج ڪهڙن هنگامي بنيادن تي ورتي پئي وڃي ڇو تہ اهڙو عمل خدانخواستہ جنگي حالتن ۾ پيدا ٿيندڙ صورت ۾ لاڳو ٿيندو آهي جيڪو خير سان گذريل ٻن جنگين دوران بہ نہ ٿيو تہ پوءِ هاڻي اهڙي حيرت جوڳي صورت ڇو پيدا ڪئي وئي جڏهن تہ خير سان بجليءَ جي پيداوار بہ اسان جي پنهنجي آهي پوءِ بہ ڏينهون ڏينهن اگهن جي واڌاري عوام جي چيلهہ چٻي ڪري ڇڏي آهي. جڏهن تہ بجلي چور ۽ ڪنڊا سسٽم جو وهنوار تيزي سان متعلق عملي جي تعاون سان ظاهر ظهور جاري آهي. شاهوڪار سوسائٽين ۽ صنعتي علائقن جي حصي پٽي واري بجلي جو ڪاروبار تہ پنهنجي جاءِ تي پر ڪچي آباديءَ ۾ بجليءَ جو ماهوار ڪنڊا سسٽم ٿرو پراپر چينل وسيلي اڄان بہ وڏيڪ منافع بخش ڪاروبار آهي. عزتدار شريف ماڻهو ڪنهن سبب بجليءَ جو بل وقت تي ادا نٿو ڪري تہ ڪيس اهڙي سهوليت کان محروم رکيو ٿو وڃي يعني بجلي ڪاٽا وڏي ڳالهہ تہ لوڊشيڊنگ اهڙن ئي علائقن ۾ ڪئي ٿي وڃي جتان جو ماڻهو بل ادا ڪري ٿو. پر ٻئي طرف بجلي چور قومي پيداوار ۾ اکين جي سامهون ڪاٽ هڻندي بہ آزاد ڇڏي ملڪي ناڻي کي بي دردي سان لٽيو ٿو وڃي. بجلي جي وڌندڙ اگهن جي خلاف قبائلي علائقن جي ماڻهن زبردست احتجاج ڪري سرڪار جي اهڙي حڪم نامي کي بي اثر ڪري ڇڏيو. جڏهن تہ هتي اڄا بہ ماٺ لڳي پئي آهي. باقي سائين گذريل ڏينهن بجلي کاتي جو اشتهار پڙهي ڏاڍي ڪل آئي ڇو تہ کاتي جي اعليٰ عملدار عوام کي بجلي چورائيندڙن جي نشاندهي ڪرڻ لاءِ چيو آهي. سو سائين ڪهڙي نہ شرم جهڙي ڳالهہ آهي جو سڀ ڪجهہ ڄاڻندي سمجهندي ۽ پڻ سڀ ڪجهہ خبر هوندي اهو ڪم بہ عوام تي رکي ڇڏيو اٿس! تہ پوءِ مڃڙا سائين سڀ کان اڳ ۾ تون ٻڌاءِ تہ تنهنجي بنگلي ۾ ڪيتري بجلي ضايع ۽ چوري ٿيندي آهي ۽ زندگيءَ جي وهنوار ۽ ياري باشي ۽ ترقيءَ جي آسري تي ڪيترن جا ڳرا بل پنهنجي عملي جي تعاون سان هلڪا

ڪرائي ونندو آهين؟ چڱو سهڻا ناراض نہ ٿي هاڻي پنهنجي پر وارين مارڪيٽن ۾ بوهري بازار جو چڪر هڻي ڏس تہ خبر پئجي ويندي تہ بجلي کهڙي نموني ۾ ڪنهن جي تعاون سان چوري پئي ٿئي. باقي اشتهار بهاني ملڪي ناڻو ضايع ڪرڻ توکي نٿو سونهين.

سو سائين منهنجا بقول دڙو دادا جي تہ صاحب تون پنهنجو ڪم بہ ملڪ جي عوام تي رکي ڇڏين تہ پوءِ تون ئي ٻڌاءِ مٺا تہ عوام ويچارو ڇا ڇا ڪري؟ ووٽ ڏي؟ پيٽ بکئي سان روزگار تلاش ڪري؟ يا ٽتل نٽهڻ اس ۾ قطارن ۾ بيهي تنهنجي بجليءَ جا ٻرا بل ڀري تو جهڙن ڪامورن جي ڪمرن ڪي ٿڌو ڪري يا تنهنجي ئي پاليل چورن جي نشاندهي ڪري پنهنجو گهر اونداهہ ڪري؟

يار ڇڏ انهن ڳالهين کي ڇو ٿو عوام جي زخمن تي لوڻ ٻرڪين.

باقي الله سائين ساڄاهہ ڏي ميان صاحب کي جيڪو پنهنجن گهٽگهرن يارن دوستن جي مشورن تي ڪنَ ئي نٿو ڏي. ڇو تہ هڪ طرف پاڪستان اليڪٽرڪ پاور فورم جو چيئرمن چيف جسٽس (ر) نسيم حسن شاهہ چوي ٿو تہ گذريل ٽن سالن ۾ 75 سيڪڙو بجلي جا اگهہ وڌايا ويا آهن جڏهن تہ هاڻي اگهہ وڌائڻ سان ملڪي معيشت تباهہ ٿيندي. ان جي باوجود ٻئي طرف وري ميان صاحب انهن صلاحن مشورن کي پٺيءَ ڀر ڪري، آءِ ايم ايف جي ڏنل ڌمڪي تي ٻي قسط قرض وٺڻ جي لالچ ۾ گئس ۾ بجلي جي اگهن ۾ 21 سيڪڙو اچا بہ وڌيڪ واڌارو آڻي ڇڏيو. سو سائين منهنجا ايتري ساري عوامي حمايت ۾ عوام سان ڪيل واعدن وفا ڪرڻ جي باوجود ميان صاحب جي اهڙين روين ۾ عملن سبب ڇڻ عوام ائين چئي رهيو آهي تہ:

غضب ڪيوسين پاڻ سان،
سهڻا توتي اعتبار ڪري،
رک مولا تي الله خير ڪندو.

ڇنڇر 11 اپريل 1998ع
روزانو هلال پاڪستان

”سمنڊ سمايو بوند ۾“ جي اپياسي پروگرام ۾ اسٽيج تي ويٺل مهمان
گلاب هڪڙو، ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو، ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ،
ڊاڪٽر قيوم شيخ طراز ۽ عبداللطيف سومرو



شڪارپور جي هڪ ادبي تقريب ۾ گلاب هڪڙو پنهنجي دوستن
آفتاب سومرو، بشير هڪڙو ۽ آفاق هڪڙي سان گڏ



گلاب هڪڙو اعزازي مهمان طور
ڪتاب بابت خيالن جو اظهار ڪري رهيو آهي

گلاب هڪڙو ڊاڪٽر انور فگار هڪڙي جي ڪتاب
”سمنڊ سمايو بوند ۾“ جي موقعي تي ويچار ونڊيندي.

قرض ڪاريهر نانگ

سو سائين منهنجي کي چوان حاڪم اينڊ پارٽي جي ڏينهن رات جي اڻٿڪ ڪوشش جي باوجود بہ اقتصادي، معاشي ۽ عوامي خوشحالي لاءِ ڪو ڪڙتيل نہ نڪتو آهي پوءِ ڇو نہ ڪٿي امن امان هجي، معيشت جي ترقي هجي، معاشرتي انصاف، ڪرپشن جي روڪٿام ۽ صحت تعليم جي ميدان ڪان سواءِ احتساب وارو عمل بہ پنهنجي ساک وڃائيندي نظر ٿو اچي ايستائين جو صنعتي ترقي ۽ نہ وري ڪو زرعي پيداوار ۾ پاڻيرو ٿيڻ جي ڪا اميد آهي.

ها سائين، هڪ ڳالهہ ۾ ڏينهون ڏينهن ترقي پنهنجو عروج ماڻيندي ٿي وڃي ۽ اها آهي "ٽپتائي" ۽ اهڙي ئي قسم جا ماڻهو مختلف ٽپتائي واري اٽڪلن سان ملڪي خزاني کي اهڙو تہ خالي ڪيو آهي جو هاڻي ان کي ڀرڻ تہ ڇا پر ان جو قرض لاهڻ لاءِ پنهنجو مال ملڪيت وڪڻو ٿو پوي ۽ ايتري ساري ملڪيت وڪڻڻ بعد بہ قرض تہ پنهنجي جاءِ تي ڪاريهر نانگ وانگر ڦڻ ڪڍيو بيٺو آهي ايستائين جو ان قرض جو وياج ئي اجا ادا ٿي نہ سگهيو آهي، تنهن ڪري سڄڻ گهٽي سوچ

ويچار ڪان پوءِ ريلوي ڪاتو ٽيڙن سوڏو وڪٽڻ جو جواز پيدا ڪرڻ لاءِ من گهڙت سبين ڪري ان کي ڪوٽ وارو ڏيکاريو تو وڃي. ان لاءِ وفاقي وزير صاحب کي گذارش آهي تہ پنهنجي ٽڪيٽ بڪ ڪرائڻ لاءِ اگر ٿوري ريلوي اسٽيشن جو چڪر هٽي ڏسي تہ ڪيس خبر پئجي ويندس تہ ريلوي ڪوٽ ۾ آهي يا بي پناهہ نفعي ۾. خير ان ڪوٽ جي سلسلي ۾ سڀ ڪان پهريائين ميرپورخاص وغيره جون ريل گاڏيون بند ڪري اتان جي پراڻين انجڻين ۽ ريلوي ورڪشاپ ۾ پيل في الحال پراڻي.سراڻي مال کي مشهور ڪباڙيءَ کي وڪڻ لاءِ هٿ پير هڻڻ تہ پنهنجي جاءِ تي پر ان بهاني سنڌ واسين کان سفر جي اها سهوليت کسڻ جي ڪوشش پنهنجي جاءِ تي پر خوشحال ايڪسپريس جي بوگيءَ جو فرش ٽٽڻ ۽ ماڻهن جي دل ڏاريندڙ اهڙي موت مسافرن ۾ خوف پيدا ڪري ڇڏيو آهي جڏهن تہ گاڏين ۾ مسافر بسن ۾ بم ڌماڪن جي واقعن تہ وري الٽو پنهنجي زندگيءَ تي پاڻ روئٽهارڪو ڪري وڌو آهي. ان ڪان بہ وڏيڪ تہ حاڪم اينڊ پارٽي جي ذميوار آفيسرن جي پاراڻن بيانن دل کي اڃا بہ وڏيڪ دلگير ڪيو آهي جو تہ ريل گاڏي ۾ بم ڌماڪن واري دهشتگردي بلڪل نئين آهي. انهن ۾ مرندڙ ماڻهو بہ نوان پر سرڪاري طرح افسوس ڪرڻ وارا ۽ بيان ڏيڻ وارا اهي ساڳيا پراڻا ماڻهو آهن. پاڻ تہ سمجهوسين تہ جهڙي طرح بم ڌماڪن جي خبر هڪ دم هوا ۾ پکڙجي وڃي ٿي تہ ٿي سگهي ٿو تہ شايد ايترو جلدي دهشتگرد بہ قانون جي چنبي ۾ ضرور آيا هجن. مگر افسوس جو سائين عوام کي اهي ئي تاريخ ساز پراڻا رڪارڊ ٿيل بيان جيڪي 51 سالن کان ٻڌي ويچاري قوم جا ويچارا ڪَنَ پچي پيا آهن سي ٻڌڻ ۾ آيا تہ ڌوهارين کي گرفتار ڪيو ويندو.

ان سلسلي ۾ هڪ طرف وفاقي وزير يعقوب ناصر اها سموري ڪارروائي"را" تي وجهي ڪري ۽ پاڻ کي پنهنجي جوابدارين کان اڃا بہ وڏيڪ آجو ڪرڻ لاءِ اهو ڪم بہ عوام جي مٿان وجهي ڇڏيو تہ سفر دوران بس اسٽاپن ۽ ريلوي اسٽيشن تي مشڪوڪ ماڻهن تي

ڪرڙي نظر رکي انهن جي اهڙن ڪڌن ڪرتوتن ڪي متيءَ ۾ ملائي ڇڏين چو تہ عوام جي تعاون کان سواءِ اسين دهشتگردي ختم نٿا ڪري سگهون، جڏهن تہ ٻي طرف وري اهو ٻڌايو ويو آهي تہ اهڙن ماڻهن جا پڪا ثبوت ملي ويا آهن ۽ ڏوهاري قانون جي گرفت کان بچي نہ سگهندا وغيره.

سو سائين پوري ملڪ ۾ لاقانونيت ۽ دهشتگردي جي واقعن تي ناپر آڻڻ لاءِ حڪومت طرفان ڪيل ڪوشش جي باوجود بہ اهڙن واقعن ۾ ماٺار تہ نہ آئي پر تيزي ايندي وڃي ٿي جنهن جي نتيجي ۾ عوام خوفزده آهي ائين ڪٿي چئجي تہ ان سبب ڪري حڪومت تان عوام جو ويساهہ ڪجهہ لڳو آهي. ان چوڻ ۾ بہ ڪو وڌاءُ ناهي تہ اهڙين تخريبڪارين ڪري جتي ملڪ ۽ عوام کي نقصان ٿو پهچي تہ ان سان گڏوگڏ حڪومتي ساک کي بہ تمام گهڻو ڇيهو ٿو رسي، پر تنهن هوندي بہ سائين منهنجا، جيستائين ڏوهارين جي پڪڙجڻ جي ڳالهہ آهي سا تہ ڏٺي پئي آهي هميشہ وانگر چو تہ ان سلسلي ۾ هر مسافر ۽ راهگير جي سامان وغيره چيڪ ڪرڻ جي بهاني. اسان جي بهادر چاڪ چوبند پچڙيوال پوليس وغيره جي دم گذر ۾ نواڻ ضرور پيدا ٿي آهي. ان هوندي بہ وفاقي وزير يعقوب ناصر صاحب دهشتگردن کي پڪڙڻ لاءِ عوام مٿان بار ۽ جوابداري رکي تہ پوءِ منهنجا سهڻا دلبر سائين تون ئي ٻڌاءِ تہ عوام ڇا ڇا ڪري!؟

عوام ووٽ ڏي! ٽيڪس ادا ڪري!، مهانگائي جو مقابلو ڪري؟ ڊاڪٽرن بي توجهي سبب اسپتالن ۾ ڦٿڪي مري يا وري زنده رهڻ جي جان بخشي لاءِ جبري ڀتو ڏيندو رهي! يا وري بم ڌماڪن دوران پنهنجي ڏڪندڙن هٿن سان وکريل جسم جي ٽڪرن کي ڪٺي يا زخمين کي زندگي بخشڻ لاءِ پنهنجي نمل رت جا عطيا ڏين!؟ يا ٻوڏ وغيره جي حالتن ۾ مالي امداد ۽ لٽا ڪپڙا وغيره گڏ ڪري ۽ ڏي!؟ ان هوندي بہ جي اجا بہ چوين تہ دهشتگردن تي بہ عوام نظر رکي تہ پوءِ مٺڙا تون ئي ٻڌاءِ تہ تون ۽ تنهنجا وزير، مشير ۽ ڪامورا ڇا پيا ڪن ۽

عوامي امنگن جي زخمن تي مرهم رکڻ لاءِ ڪهڙيون تدبيرون پيا سوچين؟

سو سائين منهنجا توهين ڪجهه سوچيو يا نه، پر اسٽيٽ بئنڪ جي گورنر جيڪو توهان کي ديڙاٽ پٽيو آهي تنهن توهان کي سوچڻ تي مجبور ضرور ڪيو آهي. جناب يعقوب ناصر کي ـ سائين ڳالهه اها آهي ته اسٽيٽ بئنڪ جي گورنر ريلوي کي ڏنل قرض 9 ارب رپيا واپس ڪرڻ جو ڏهاءُ وڌو آهي. سو اهڙي داب ڌڙڪي جي ڪري ان اداري کي يعني ريلوي کي وڪڻڻ جو سٺو بهانو هٿ آيو آهي ۽ انهي ڪري ميان صاحب هنگامي بنيادن تي اجلاس گهرائي پنهنجي حوارين جي مشوري سان ڪوهاٽ ۽ وچ پنجاب جي ريلوي ڪاتي جي هزارين ايڪڙ زمين وڪڻڻ جو فيصلو ڪيو آهي ته ٻئي طرف وري ان زمين جي خالي پلاٽن تي ماڻهن قبضو ڪرڻ شروع ڪيو آهي، ته وڪري بعد انهن کي به قبضي ختم ڪرائڻ جي بهاني حصو پتي ڏيئي قرض لاهي ملڪ سنواري سگهجي.

سو سائين جيستائين ملڪ جو قرض لاهڻ ۽ ملڪ سنوارڻ جي ڳالهه آهي ته ترقياتي منصوبا ان بهاني بند ڪيا ويا آهن. في الحال ته اتي دڙو دادا هڪ نماڻو عرضڙو ٿو ڪري ته روزانو 3 ڪروڙ رپيا جيڪو وزيرن وغيره تي خرچ ڪيو ٿو وڃي ان ۾ به رضاڪارانه طور تي اگر گهٽتائي ڪئي وڃي ته بهتر. پيو نه ته به پلا هر سال 50 ارب روپين جي جيڪا بجلي چوري ٿئي ٿي ان تي ئي ڪنٽرول ڪيو وڃي اجا به اگر ٽيليفون جا هڪ لک روپين جا باقيدار، جن جو تعداد 60 هزار آهي انهن کان اوڳاڙي ڪئي وڃي. باقي منڙا گهر جا ٿانو ٿپا وڪڻڻ سان پنهنجو گهر ته خالي ٿي ويندو پر قرض نه لهندو ڇو ته قرض وڏو موذي مرض ان ڪينسر جيان آهي جيڪو اندر ئي اندر اسان جي پياري ملڪ کي نپوڙيندي ساهه سڪائيندو ٿو وڃي. الله خير ڪري.

آمين.

آچر 18 اپريل 1998ع

روزانو هلال پاڪستان

لاڙڪاڻي ۾ شور

سو سائين منهنجي ڪي چوان - سهڻي شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي سهڻي سنڌڙي جي سرهاڻ سان سنڌ جو هر شهر، ڳوٺ، واهڻ ۽ وستيون ڀهڪيل آهن هر هڪ ماڳ مڪان پنهنجي لازوال شجاعت بهادري، علم ادب ۽ هنر جي مڃتا ۽ پڻ ليڊر شپ جي مان شان دنيا جي تاريخ ڪي نوان موڙ ڏيئي پنهنجي اعليٰ قيادت ۾ نه صرف پاڻ مڃايو آهي پر سنڌ جي ثقافت تهذيب و تمدن وسيلي دنيا وارن ڪي اچرج ۾ وجهي ڇڏيو آهي. منهنجي سهڻي ڀٽائي جي ڌرتيءَ جو چپو چپو پنهنجي پنهنجي عظمت سان مالا مال هئڻ جي سونهري تاريخ آهي. سو تاريخ جي اهڙن سداحيات شهرن مان لاڙڪاڻو شهر به پنهنجي مٽ پاڻ آهي. جو نه هتان جي تاريخ ساز شخصيتن، بهادر سپوتن، انقلابي اڳواڻن، علم ادب جي مهان املهه ماڻڪن لاڙڪاڻي ڪي اها عظمت ۽ حشمت بخشي جو هر دل اندر جي آس ۾ هڪ اتساهه پيدا ٿيو ته "هجيئي ناٿو ته ڪهه لاڙڪاڻو" هڪ تاريخ ساز ڀهاڪو ٻڌجي ويو. پر افسوس جو اهڙي ماناڻتي جملي ڪي جيئري ئي اهڙو ته دفن ڪيو ويو آهي جو هاڻ لاڙڪاڻو گهمڻ جي تمنا دل اندر ناهي رهي پر هاڻي رڳو "هجيئي ناٿو ته ڇڏ لاڙڪاڻو" جو پڙلاءَ ڪنن ڪي ڀيو چيري. بقول دڙو دادا جي ته اڄ انهن عظيم هستين جا روح ضرور تڙپندا هوندا، جو ته سنڌ جي پراڻي تهذيب موهن جو دڙو جي ڪنڌي تي آباد ٿيل هي سهڻو شهر بدامني ۽ بيشمار مسئلن جي ور چڙهي بدناميءَ جو باعث بڻجي ويو آهي. موهن جي دڙي جي پراڻي تهذيب ۾ شهر واسين جي گندي پاڻي جي زير زمين نيڪال واري سسٽم ڪي دنيا اڄ به حيرت سان پيئي ڏسي، جڏهن ته هن جديد ڪمپيوٽر واري دور ۾ لاڙڪاڻي شهر جو اهڙو نيڪال زير زمين نه پر کليل نالين وسيلي پيو ٿئي ۽ گندي پاڻي جي گدلاڻ شهر واسين ته ڇا پر هر ٻاهرين اينڌڙ ويندڙ جو بنا هبڪ بي حجاب بنا ڪنهن روڪ ٽوڪ جي نالين مان نڪري روڊ ۽ رستن تي

استقبال پئي ڪري، جڏهن تہ شام جو اڪثر وري شهر جي اهم رستن تي هتان جا نوجوان نشو واپرائيندي مستيءَ ۾ مست رستن جي پنهي پاسن اونڌا پيا هوندا آهن. اهڙي حالت مان ائين لڳندو آهي جڻ مالڪن هوندي بہ بي مالڪ، وارثن هوندي بہ لاوارث لاڙڪاڻي جي شهر ڪي پئي جي نہ پر ڪنهن پنهنجي جي ئي نظر ڪائي وئي. سو بقول دڙو دادا جي تہ شايد ان جو اهوئي سبب تي سگهي ٿو تہ هتان جو بہ ماٺهو من ڪرپشن جي دور ۾ پين ڪان اڳيرو ٿيڻ جي ڪوشش ۾ مصروف عمل آهي جنهن ڪري هو پنهنجي جنم پوميءَ جو حق ادا ڪرڻ تہ گهوريو، پر دولت جي وهڪري ۾ پاٺيري ٿيڻ جو فرض پيو ادا ڪري. ان سلسلي ۾ اهو ڪو‌ پڌائيندا‌سين تہ هتان سرڪاري ۽ غير سرڪاري گتن تان سوا پن لک‌ن روپين جو شراب مسلمان پائر خريد ڪن ٿا. جڏهن تہ اهڙي واهپي جو ماهوار ڪاٿو 67 لک روپين جو آهي، ان باري ۾ اهو بہ نہ چوندا‌سين تہ ننڍي ٻار ڪان وٺي وڏي عمر جا مرد ۽ عورتون سرڪاري عملدارن جي تعاون سان منشيات جي ڏنڌي ۾ بي خوفيءَ سان پاڻ پيا ملهائين پيون!

سو سائين منهنجا لاڙڪاڻي جي اهڙي تباهي تي روئڻ لاءِ دڙو دادا سان گڏ ڊاڪٽر امتياز شيخ بہ ضرور شامل آهي جو تہ ڊاڪٽر امتياز شيخ پنهنجي شهر جي سرڪاري اسپتالن ۾ ٿيندڙ بيقاعدگين جي نشاندهي ڪري هڪ مخلص هڏڏوڪي جوابدار ۽ سٺي شهري هئڻ جو ثبوت ڏنو آهي. انسان، انسان آهي تي سگهي ٿو تہ ان بهاني ڊاڪٽر صاحب جي بہ دل ۾ ڪجهہ مفاد لڪل هجي. پر تنهن هوندي بہ چڱي موٽ ۽ شابس جو مستحق ضرور آهي ڇاڪاڻ تہ ايتري دل جهلي چانڊڪا جي، ايم ايس جي ڪيل گهوٻين جي سهٺي نموني پڪن ٺوس ثبوتن سان نشاندهي بہ ڪوئي دل وارو ئي ڪندو آهي. شهر جي اسپتالن ۾ لڳايل ڪروڙين رپين جون مشيون ناڪاره بٺائي فنڊ هڙپ ڪرڻ سان گڏ ايم ايس جي بدعنواني سبب سندس زير هٿ اسپتالن جوعملو بہ ڪرپشن جو شڪار تي ويوآ هي. ان سلسلي ۾ ايم ايس

جي پنهنجي ذاتي اسپتال جي ڳالهہ تہ نہ ڪنداسين ۽ وري اهو چونداسين تہ عام ڀلائي جا سرڪاري فنڊ سندس اسپتال کي چار چنڊ ٿا بخشين. ان لاءِ سرڪار ڇاٿي ۽ سرڪار جو ايم ايس ڇاٿي اسان جو ڇا؟ هنهي جو ڀاڱ ۾ گهرو ناتو آهي. پر سائين منهنجا اسين اهو تہ ضرور ٻڌائينداسين تہ ايم ايس جي نظر ڪرم سان چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج ۾ جيڪي چور پيدا ٿيا آهن تن بہ پنهنجو نالو خوب ڪڍيو آهي ڇو تہ چانڊڪا جي اهڙن چورن ٽئين سال جي داخلا پاليسيءَ ۾ بيقاعدگيون ڪري ضلعي شڪارپور ۽ ضلعي گهوٽڪي جي غريب شاگردن جي حقن تي ڌاڙو هڻي، معصوم دلين جي اميدن تي راتاهو هنيو آهي. ان سلسلي ۾ تعليمي بورڊ لاڙڪاڻي جو ذڪر نہ ڪرڻ بہ بيواجبي ٿيندي ڇو تہ اهڙي عمل ۾ هنهي جي ڳٽ جوڙ مسڪينن جا لاهہ ڪڍي ڇڏيا. ڏڙو دادا اها ڳالهہ بہ پنهنجي دل ۾ رکي آهي ۽ ڪنهن کي ڪونہ ٻڌائي آهي تہ بورڊ جي چيئرمن پنهنجي ڪراچيءَ ۾ نوڪري دوران پنهنجي پٽ جو امتحاني سينٽر ميمڻ ڳوٺ ۾ ڇو ڪرايو آهي ۽ نہ وري ڪنهن کي اهو ٻڌائبو تہ ڪراچيءَ جي بورڊ ۾ بيقاعدگين سبب مٿس حملو ڪيئن ٿيو هو پر تنهن هوندي بہ اهو ضرور چونداسين تہ لاڙڪاڻي بورڊ جي واڳ سنڀالڻ سان شڪارپور ضلعي جي غريب ۽ محنتي شاگردن جي اميد تي پاڻي ڪيئن ڦيري ڇڏيو تسبيح ڪئي!

ڪهڙي نہ عجب جهڙي ڳالهہ آهي تہ سال 1997ع جي رزلٽ ۾ ضلعي شڪارپور جا ڪل 22 شاگرد اي ـ گريڊ ۾ پاس ٿين ٿا پر چانڊڪا ۾ سواءِ ٻن ٽن شاگرن جي باقي سي گريڊ جا شاگرد چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج ۾ اي گريڊ مٿان برتري حاصل ٿا ڪن. هوئڻ بہ تہ داخلا پاليسي جي طئہ ٿيل پروگرام بعد بہ داخلائن جو سلسلو صحت ڪاتي ۾ برابر جاري رهيو جيڪو ڏڙو دادا پنهنجن نمائين اکين سان ڏسندو رهيو آهي. سو سائين ڏنو وجي تہ وجي تہ چانڊڪا جي انتظاميا جي ڪڌن ڪرتوتن جتي لاڙڪاڻي ۾ پورو شور مچايو آهي تہ اتي وري تعليمي بورڊ جو قيام بہ ٻين ضلعن لاءِ هڪ عذاب کان گهٽ ناهي ڇو

تہ شڪارپور جو ماڻهو تہ بورڊ ۾ وقت سان پهچي ٿو وڃي پر ضلعي جيڪب آباد جو ماڻهو يا ڪشمور ڪان هلندڙ هزار ڪوشش جي باوجود بہ وقت تي پهچي ڪونہ ٿو سگهي. ان لاءِ هن کي بہ ٽي ڏينهن لڳي ٿا وڃن. جڏهن سکر بورڊ هوندو هو تہ هڪ ئي ڏينهن ۾ اچي وڃي سگهيو پئي. انهيءَ لاءِ سنڌ سرڪار مان چڱائي جي ڪا اميد تہ ناهي پر پوءِ بہ مجبورن عرض ڪجي ٿو تہ ماڻهن جي مشڪلاتن کي مدنظر رکندي تعليمي سيڪنڊري بورڊ کي لاڙڪاڻي مان بدلائي شڪارپور ۾ آندو وڃي تہ جيئن بورڊ وچ تي هئڻ سبب ٽنهي ضلعن جي ماڻهن جي مشڪل ڪشائي ٿي ويندي. باقي چانڊڪا انتظاميا اگر ڪوڙن بلن سان فنڊ هڙپ پئي ڪري تہ پوءِ ڊاڪٽر امتياز کي گهبرائڻ نہ گهرجي نہ شور ڪرڻ گهرجي تہ توهان کان وڏيڪ پڪا ۽ چٽا ثبوت دڙو دادا وٽ بہ آهن پر هو نٽو ظاهر ڪري چاڪاڻ تہ ان عمل سان ڪرپٽ گروپ وڏيڪ سگهارو ٿيندو. هاڻي توهين پاڻ ڏسو غلام حيدر شيخ سوناري جي دڪان مان 20 لکن جي چوريءَ بہ تہ چڱو خاصو شور مچايو آهي پر ان سان گڏ روزاني زندگيءَ جي ڪيترن مسئلن ايترو شور مچايو آهي جو لاڙڪاڻي جي عام ماڻهو کي فائدو پهچائڻ ۽ گند گٽر جي صفائي جو جوڳو بندوبست ڪرڻ لاءِ ميان صاحب جي نئين ماڊل خدمت ڪميٽيءَ جي چيئرمن پنهنجي اجلاس ۾ آفيسرن کي هدايت ڪئي آهي. سو هاڻي ڏسجي تہ چيئرمن صاحب جي خدمت ڪميٽي هدايت تي ڪهڙو عمل ٿي ڪري. الله خير ڪندو. پر ٽنهن هوندي بہ لاڙڪاڻي جي اهڙين افسوسناڪ حالتن کي ڏسندي دڙو دادا چوي ٿو تہ

لاڙڪاڻي ۾ شور آهن چانڊڪا ۾ چور،
منشيات جو زور آهي هن شهر ۾.

25 اپريل 1998ع
روزانو هلال پاڪستان

محرم ۽ معاشرو

هونءَ تہ اسلامي سال جا ٻارنهن ئي مهينا برڪت رحمتن ۽ مختلف فضيلتن سان ٽمٽار آهن. جڏهن تہ انهن مان چار پاڪ مهينا رجب، ذوالقعد، ذوالحج ۽ محرم اهڙا مهينا آهن جن ۾ اجايو رت وهائڻ يعني خون خرابو قتل وغيره ڪرڻ جي سخت منع ٿيل آهي. سال جي آخري مهيني يعني ذوالحج ۾ حضرت ابراهيم عليہ السلام جي خدا جي راهہ ۾ هڪ بي مثال قرباني تاريخ ۾ پنهنجو اچ سوڌو تہ ڇا پر قيامت تائين پنهنجي فضيلت ۾ مقام رکي ٿي. سو ان مهيني ۾ اسين جانورن جي قرباني ڏئي ڪري پنهنجي سچي مسلمان هئڻ جو ثبوت ڏيڻ سان ائين سمجهندا آهيون تہ سنت ابراهيمي تي عمل ڪري اسان الله تعاليٰ کي راضي ڪري ڇڏيو، پر جڏهن تہ قربانيءَ جو گوشت کائڻ کان پوءِ وري ساڳيا لاٽو ساڳيا ڇگهہ. مثل ٺڳيءَ جي ناهن واري زندگي ۾ مست ٿيو وڃون ۽ دل ئي دل ۾ خوش بہ ٿيون. جڏهن تہ قرباني جي اصل مقصد ۽ فسلفي کي سمجهڻ لاءِ سڀ جو ڀلو سڀ جو خير! پر سائين

منهنجا جڏهن وري نئون هجري سال اچي ٿو تہ محرم الحرام جي حوالي سان حضرت امام حسين رضي الله تعاليٰ عنه جي عظيم قرباني واري شهادت ياد ٿي اچي، حقيقت ۾ ڏٺو وڃي تہ دين اسلام خاطر پنهنجو گهر ٻار ۽ جنم ڀومي ۽ ڪي ڇڏڻ وقت خود پاڻ سڳورن صلعم جن جي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا هئا جڏهن مڪي شريف کان مديني ڏانهن هجرت ڪئي پئي وئي تڏهن محرم الحرام جي پهرين تاريخ هئي ۽ اهڙي طرح سان اسلامي سال جو بنياد ٻئي خليفي حضرت عمر رضہ جي دور ۾ پيو ۽ سال جي شروعات هجرت واري ڏينهن کان ٿي ۽ اسلامي سال کي هجري سال جو نالو ڏنو ويو پر جڏهن تہ عشره محرم جون ٻيون بہ ڪجهہ تاريخي فضيلتون آهن، جيئن هجرت کان سواءِ پهرين محرم تي حضرت ذڪريا عليہ السلام روزو رکيو، پٽ جي پيدائش لاءِ دعا گهري ۽ نتيجي ۾ حضرت يحيٰ عليہ السلام پيدا ٿيو جڏهن تہ حضرت عمر فاروق رضي الله تعاليٰ عنه جن جي وفات ٿي. ٻي محرم تي حضرت امام حسين رضہ ميدان ڪربلا ۾ پهتا ساٿين ۽ اهلبيتن سان گڏ. جڏهن ٽين محرم تي حضرت يوسف عليہ السلام کي کوهہ مان ڪڍيو ويو. پنجين محرم تي حضرت موسيٰ عليہ السلام الله تعاليٰ جي حڪم سان درياءِ نيل پار ڪيو جڏهن تہ فرعون ساٿين سميت درياه نيل ۾ غرق ٿي ويو. ڇهين محرم تي عمر بن سعد چار هزار يزيدي فوج سان ميدان ڪربلا ۾ پهتو ۽ ستين محرم تي حضرت امام حسين رضي الله تعاليٰ عنه جي اهلبيت ۽ ساٿين لاءِ فرات نديءَ جو پاڻي بند ڪيو ويو. اٺين ۽ نائين محرم کان باقاعدي جنگ شروع ٿيندي وئي ۽ امام رضہ جا ساٿي جام شهادت نوش ڪندا رهيا ايستائين جو ڏهين محرم جي ڏينهن جي حوالي سان نہ صرف امام پاڪ رضہ جن جي شهادت ٿي پر ان حوالي سان ٻيون بہ ڪيتريون ئي تاريخي حقيقتون آهن جن جو اسلامي تاريخ ۾ پنهنجو مقام آهي.

سو سائين منهنجا يوم عاشور اهو خاص ڏينهن آهي، جنهن ڏينهن خالق برحق هن ساري ڪائنات کي خلقيو ۽ انهيءَ ڏينهن تي

حضرت آدم عليہ السلام کي پيدا ڪيو ۽ ان ساڳئي ڏينهن يعني يوم عاشور تي حضرت بي بي حوا کي پيدا ڪيو ويو نہ صرف ايترو پر ان ڏينهن تي الله تعاليٰ حضرت آدم عليہ السلام جي توبھ قبول فرمائي. ان ئي ڏينهن حضرت نوح عليہ السلام جي ٻيڙيءَ کي ڇوٽڪارو مليو. اجان بہ ڏسجي تہ ان ئي يوم عاشور واري ڏينهن تي حضرت ايوب عليہ السلام کي ڏکهي بيماريءَ مان شفا ملي تہ وري انهيءَ ساڳئي ڏينهن تي حضرت ابراهيم عليہ السلام کي "خليل الله" جو لقب مليو. الله تعاليٰ حضرت يونس عليہ السلام کي مڇيءَ جي پيٽ مان ان ئي ڏينهن تي ٻاهر ڪڍيو. جڏهن تہ حضرت سليمان عليہ السلام جي وڃايل منڊيءَ تخت بہ يوم عاشور واري ڏينهن واپس مليو. اجا بہ ڏسجي تہ حضرت عيسيٰ عليہ السلام جي پيدائش ۽ آسمان ڏانهن روانگي بہ يوم عاشور واري ڏينهن تي ٿي آهي ۽ اهوئي پاڪ ۽ معتبر ڏينهن آهي جڏهن پاڻ سڳورن صلعم جن جو نڪاح حضرت بيبي خديجہ الڪبريٰ سان ٿيو ۽ اهو ئي پاڪ مهينو ۽ يوم عاشور آهي جنهن ڏينهن تي سيد الشهداءَ جي هي قرباني دنيا جي تاريخ ۾ اها قرباني آهي جنهن پوري انسان ذات ڪانسواءِ عرش کي بہ لوڏي ڇڏيو. ڪربلا جي ميدان تي ڪوڙ ۽ سچ حق ۽ باطل جي جنگ تاريخ ۾ پاڻ محفوظ ڪري هر ايندڙ نسلن لاءِ هڪ سبق آموز يادگار ڇڏي، فاجر ۽ ظالم حاڪم، ڊڪٽيٽر بادشاهہ ۽ لاديني نظامِ جي خلاف جهاد ڪرڻ جو سبق ڏنو. ائين ڪٿي چئجي ٻي دين وارن سان هيءَ اسلامي تحريڪ جي شروعات هئي. پر سائين منهنجا ان عظيم ڏينهن تي اسان جي معاشري ۾ وري هيئن بہ ٿئي ٿو. هڪ پاسي تہ اسين يوم عاشور کي عقيدت و احترام سانْ ملهايون ٿا يعني خير خيرات نذر نياز ۽ مجلس واعظ ڪري پاڻ کي شهداءِ ڪربلا جو گهڻ گهرو يا حبدار سمجهون ٿا تہ ٻئي طرف وري ان ڏينهن تي جيڪي ڪجهہ ٿئي ٿو تنهن کي ڇا چئجي؟

سائين منهنجا يوم عاشور تي ڪيترا ماڻهو وري خاص وقتن تي نهي سنهيري هار سينگار ڪري گهمندا يا وري چوندا تہ اسين محرم

گهمڻ ٿا وڃون يا وري ڪيترا ماڻهو ان ڏينهن تي پنهنجن ٻارن کي ساڻ ڪري يا ڪلهن تي ڪٽي چوندا تہ ٻارن کي امامن جا تابوت ڏيکاري اچون ۽ جڏهن وري اهي واپس ٿيندا تہ ٻارن جي هٿن ۾ رانديڪا ٺوڪٿا ۽ ڪاغذن جون ٺهيل ڦرٽيون وغيره هونديون ۽ ٻار انهن شين کي لوڏيندا خوش نظر ايندا! جڏهن تہ ڳوناٺا ماڻهو وري ان ڏينهن تي شهر ۾ مارو رکندا جلبين، نڪتي داڻن ۽ لڏن وغيره تي. گهر واپسيءَ تي اها ئي ڳڙ مان ٺهيل مٺائي گهر ورتيون ويندا. سو سائين معاف ڪجهو ائين ڪرڻ سان لڳي ٿو تہ ماڻهو يوم عاشور نہ پر هڪ ميلو گهمڻ اچن ٿا يا گهمن ٿا. ان سلسلي ۾ اجان بہ وڏيڪ ڏسجي تہ وڏن شهرن جي تہ وري ڳالهہ ئي نرالي آهي ماڻهو روڊ رستن تي خاص ڪري نوجوان من مستيون ڪندا وتندا ۽ پيا متي گهرن جي بالڪونين يا گئلرين ڏانهن واجهائيندا جتان وري عورتون هيٺ محرم جي جلوسن کي بلڪل پنهنجي انداز سان ڏسنديون. جڏهن تہ سياسي ماڻهو ان ڏينهن تي خاص خاص خبرون شايع ڪرائي قربانيءَ جو سبق ياد ڏياريندا جڏهن تہ پاڻ سندن جو عمل ابتڙ هوندو آهي. سو سائين منهنجا اسان جو معاشرو ڪيترو نہ بي حِس ٿي چڪو آهي جو محرم الحرام جي فضيلت کان واقف هوندي بہ جڻ ناواقف آهي. اها نڳي اسين محرم الحرام جي مهيني سان ڪونہ پر پنهنجو پاڻ سان ڪري رهيا آهيون. اسان کي گهرجي تہ شهادت ڪربلا مان سبق پرائي اها سچ جي واٽ وٺون جيڪا سچ جي راهہ آهي ۽ پڻ اهي اصول ٻڌايون جن تي عمل ڪرڻ سان الله سائين جو راضپو حاصل ٿئي ۽ دنيا جو معاشرو بہ سڌري وڃي ۽ هن مهيني جي تقدس جي مانَ مٿانهين ڪرڻ جي الله تعاليٰ توفيق عطا فرمائي.

آمين.

ڇنڇر 9 مئي 1998ع

روزانو هلال پاڪستان

وهنواري تعاون

سو سائين منهنجي ڪي چوان، ويهين صديءَ جي انسان پنهنجي محنت ۽ اڻٿڪ ڪوششن وسيلي پنهنجي خدا دادصلاحيتن سان سائنسي دنيا ۾ فتح ماڻي زندگيءَ کي بي پناهہ آسائشون بخشڻ سان گڏ جتي هزارين مسرتون بخشيون آهن تہ ان سان گڏ اهڙي ترقيءَ، انساني روين جي ٽوڙ ڦوڙ اعليٰ قدرن جو نہ صرف ڪنڌ زيل ڪري وڌو آهي پر اُن سان گڏوگڏ سائنسي ترقي انساني زندگيءَ کي بيحد سستيءَ ۾ مفلوج ڪر ڇڏيو آهي. ايستائين جو "سوير اٿجي سوير سمجهي وارو" بيت بہ درسي ڪتابن مان ڇڻ ڇومنتر ٿي ويو، پر جيستائين سوير اٿڻ ۽ سمهڻ جي ڳالهہ آهي سا تہ ٺهيو پر هاڻي تہ مورڳو پنڌ ڪرڻ بہ مشڪل ۽ مهڻو تو لڳي ڇاڪاڻ تہ سڏ پنڌ لاءِ بہ ڪيتري دير تائين سواريءَ جو انتظار ڪرڻو تو پوي، ڇو تہ وڏن شهرن جو رواج ئي اهو آهي، انهيءَ ڪري رواجي سفر واريءَ اهڙي سواريءَ پاڻ جهڙن جا حال هيڻا، درد ڀيڻا ۽ سور ٽيڻا ڪري ڇڏيا آهن ڇو تہ اڄڪلهہ منهنجا سائين، بسن، ڪوچن ۽ ويگنن وغيره ۾ سفر ڪرڻ تہ ڪنهن دل ڏاريندڙ عذاب ڪان گهٽ ناهي. سائين هيءَ بہ ڪا ڳالهہ آهي جو ڀاڙو ڏيڻ جي باوجود بہ مسافر ويچارو ڪنڊيڪٽر جي رحم ڪرم سان اڪثي پوئتي، هيڏي هوڏي هيڻن هونئہ. ٿي بيهڻ واري ورتاءَ جو محتاج آهي. هڪڙي ڳالهہ آهي سائين تہ روزمره جي زندگيءَ واري اهڙي بي ڍنگي سفري روين سبب مجبورن ماڻهو پاڻمرادو سهپ واري مادي سان بُردبار ضرور ٿي پيو آهي. ايستائين جو مسافر، پوليس انتظاميا هوندي بہ ٽرانسپورٽرن لاءِ دانهين نٿو ٿئي، ها پر هڪ ڳالهہ آهي جڏهن هن جي صبر جو پيالو پرجي ٻاهر وهڻ ٿو لڳي تہ پوءِ ڪاوڙ ۾ اچي بہ چار گاڏيون ساڙڻ انهن لاءِ ڪو ڏکيو مسئلو ئي ناهي، پر تنهن هوندي بہ آخر اهو ڪهڙو مسئلو يا سبب آهي جنهن ڪري ٽرانسپورٽر عملو ماڻهن مٿان بي خوف خطر، بي ڌڙڪ بي واجبيون پيو ڪري!؟

اڙي يار، تون به ڏاڍو اياڻو آهين، جنهن لڏي وارن ڪي اسان جي پوليس جو وهنواري تعاون حاصل هجي ته اهو ايترو به بدمستي نه ڪندو ته ٻيو ڇا ڪندو!؟ نه ـ نه ـ تون پاڻ ٽڏو ٿي سوچ ته جيڪو ادارو پنهنجي فرض شناسي واري ڪم ۾ رک رکاءُ، اقربا پروري مُڪ مڪاءُ وغيره ڪندو ته پوءِ ائين ته ٿيندو نه سائين. اهو ئي وڏو ڪارڻ آهي جو ڊرائيونگ لائسنس جاري ڪري پوليس ٻين وانگر مالا مال ۽ سدائين خوشحال نظر ايندي ڇاڪاڻ ته نالي ماتر سرڪاري في جي بجاءِ جڏهن لرننگ لائسنس 2 سو روپيا، موٽر سائيڪل جو لائسنس ڏيڍ هزار، ڪار موٽر سائيڪل 3 هزار ايل ٽي وي 5 هزار، ايچ ٽي وي 8 هزار روپين ۾ بنا ڪنهن رنڊڪ جي اڌ ڪلاڪ ۾ تيار ٿي ملن ته پوءِ ڇا ٿو سمجهين سهڻا!

سو بقول دڙو دادا جي، اگر ڪوئي ان سلسلي ۾ مقرر داڻو پاڻي نه ٿو ڏي ته پوءِ ان ڪي ٽيسٽ ۾ زبردستي فيل ڪيو ٿو وڃي. باقي ٻين لاءِ ڇا جي ٽيسٽ، مورڳو انهن ماڻهن ڪي عزت سان ويهاري چانهه وغيره به پياري هميشه تعاون ڪرڻ جو يقين ٿو ڏياريو وڃي ۽ اهڙي طرح سان لائسنس برانچ جو هيٺيون عملو 5 ڪان 8 هزار روپيا روزانو ڪمائي ٻيو جڏهن ته مٿيون عملو 40 ڪان 60 هزار روپيا روزانو مڙيئي ڪمائي ٿو. وڏي ڳالهه ته هر روٽ تي هلندڙ ڪيترين گاڏين ته پوليس اهلڪارن جون هونديون آهن تنهن ڪري قائدو قانون جڻ انهن جي گهر جو نوڪر هوندو آهي. سو اهڙي صورت ۾ ٽريفڪ اصولن جون ڀڃڪڙيون لازمي آهن نه سائين!؟ پر اهڙين ڀڃڪڙين ڪان رڪشن ۽ ٽيڪسين وارا به ڪنهن ڪا گهٽ ناهن ڇو ته سرڪاريميٽر ريٽ مقرر هوندي به ڪڏهن ان تي عمل بلڪل نه ڪندا، پر پنهنجي طرفان پوليس جي تعاون سان ميٽرن ۾ غير قانوني تبديلي ڪرائبي آهي جڏهن ته ڪراچيءَ ۾ گارڊن ۽ نيو ڪراچيءَ ۾ اهڙي ڪم جي تبديلي لا قائم ڪيل دڪانن ما ڪرائي ويندي آهي. عام ميٽر تبديلي واسطي دڪاندار 120 روپيا وٺندو آهي، جڏهن ته ڊيجيٽل ميٽر جي تبديلي جا

5 سو رپيا ورتا ويندا آهن. سو هانو جي ساڳ کان اگر ڪوئي ڪڏهن رڪشي ٽيڪسي واري جي شڪايت ٽريفڪ پوليس سان ڪندو ۽ ته ان معاملي ۾ ڪڏهن ۽ ان جي داد رسي نه ٿيندي ڇاڪاڻ ته انهن کي هر ڇهين مهيني فٽنس سرٽيفڪيٽ جيڪو وٺڻو پوندو آهي تنهن جي هونئن ته سرڪاري في 30 روپيه آهي پر پوليس جي تعاون سان انهن کان 6 سئو روپيا وصول ڪري سرٽيفڪيٽ ڏنو ويندو آهي، پر جي اگر ڪوئي صرف سرڪاري في ڀرڻ تي زور ڀريندو ته پوءِ ان جي گاڏيءَ مان ڪو نه ڪو نقص ڪڍي فٽنس سرٽيفڪيٽ کان محروم ڪيو ويندو آهي. تنهن ڪري توهين پاڻ سوچيو ته اهو تعاون بعد قانون ڪيئن حرڪت ۾ ايندو؟

سو سائين منهنجا پوليس جو اهڙو تعاون نه صرف ٽريفڪ جي معاملي ۾ ضروري آهي، پر انساني زندگيءَ جي هر مسئلي جي هر موڙ تي ڇا! پر، حڪومتي معاملن تي ۽ پوليس جو تعاون ضروري آهي. ڏنو وڃي ته سپريم ڪورٽ تي حملو ۽ مخالف ڌر تي عورتن يا مردن تي لٺبازي وغيره جو مظاهرو ۽ ته اهائي ڏيک ٿو ڏي. پر انهيءَ سان گڏ ڏٺو وڃي ته پوليس جي هفتيوار ڀتي خوريءَ جي تعاون، فٽ پاٿين تان هلندڙ ماڻهن کي آزار پنهنجي جاءِ تي، جڏهن ته پڻ فٽ پاٿين تي غير قانوني گاڏين جي ورڪشاپن ۽ هر ايندڙ ويندڙ جي زندگي مشڪل ڪري ڇڏي آهي. سو بقول دڙو دادا جي ته مشڪل زندگي جي مشڪلاتن کي ۽ جڏهن تعاون وسيلي دور ڪري سگهجي ٿو ته پوءِ ڇو نه پنهنجا سڀ ويڇا وساري پنهنجي يقيني ۽ مثبت تعاون سان سنڌ ڌرتيءَ جي سورن کي دور ڪري پاڻ ۽ پنهنجي مٺي هاڻن ماڻهن لاءِ خوشحاليءَ جا دروازا کولي سگهون جو ڪو ساهه کڻون.

تعاون جي تعلقات سان سڀ ڪم ٿين سولا،
ڏتڙيل منهنجي ڏيهه تي ڪر ڪرم مولا. (آمين)

ڇنڇر 16 مئي 1998ع
روزانو هلال پاڪستان

گُل جو سفر

ڪوهمري جي پهاڙن تي ورتل يادگار تصوير 1967

مظهر الحق صديقي ۽ اسپيڪر سنڌ اسيمبلي عبدالله شاهه گلاب هڪڙي کي ايوارڊ ڏيئي رهيا آهن.

مَڪ مڪاءُ ڪاميٽي

اها قوم ڪيتري نه بدنصيب آهي جتي قانون جي بالادستي هوندي به هر ايندڙ حاڪم پاڻ کي غير محفوظ سمجهندي ،قانون مٿان قانون ۽ آئين منجهان آئين ٺاهي هٿ ٺوڪين مسئلن ۾ هترادو سبٻن ڪري هر ڏهاڙي نئين رنگ ڍنگ سان قانون وجود ۾ آڻڻ جي باوجود به حالتون سندس ئي جڪڙ هٿ وس نه رهن ته پوءِ عوام ته ڇا پر وقت جو حاڪم به چڻ پنهنجي ئي اٽيل چار ۾ پاڻ ڦاسي پوي ٿو. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته اسان جو ميان صاحب پنهنجي خداداد صلاحيتن ۽ بهادريءَ سان هر هڪ ڳالهه ۽ مسئلي سان مڙس ٿي منهن ڏيئي بيٺو آهي، پر اها ٻي ڳالهه آهي ته پنهنجي اعتماد جوڳن يارن جي ڀروسن تي اعتماد ڪندي شايد دل ۾ پڪ سان سمجهي ويو آهي ته سندس هٿ هيٺ ڪم ڪندڙ انتظامي ادارا حڪمن ڪان ڪن لاٿار ڪندي ڪيس راهن ۾ روڙها وجهي رهيا اٿس، نه صرف ايترو پر اهو به سمجهي ويو آهي ته ايتري ساري عوامي مقبوليت ماڻڻ بعد به سندس جا ساٿي عوام جون اهنجون ڏک درد ۽ مسئلا دور ڪرڻ بدران پنهنجي زندگيءَ جي سنهنجن کي سرخرو ڪرڻ جي وٽ سٽ ۾ لڳا پيا آهن ۽

هزار دفعا ميان صاحب جي واعدن ۽ اقرارن هوندي به جڏهن غريب عوام کي سستو انصاف ملڻ ته پنهنجي جاء تي پر هاڻي ته هر هڪ ادارو ڪرپشن جي ڪنَ ۾ اهڙو ڦاسجي پيو آهي تنهن جو ذڪر ڪرڻ ته ائين آهي جيئن سج اڳيان ڏيئو رکڻ.

سو سائين اهڙن سمورين ڳالهين کي نظر ۾ رکندي ميان صاحب ملڪ و قوم جي خدمت ڪرڻ جي سرشار جذبي سان احتساب ڪميٽي وغيره ٺاهڻ جي باوجود به جڏهن ڪيس مثبت لاڀ نه مليو ته پوءِ ميان صاحب خالص خدمت ڪميٽي جو وجود آڻي عوام ۽ پنهنجي هنيانءَ کي ڏڍ ڏيڻ جي سٽي ۽ ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي. اسين ان باري ۾ اهو ته ڪونه ٻڌندا سين ته تازو قرباني واري عيد تي خدمت ڪميٽي وارن ڪيتريون قربانيءَ جون کلون گڏ ڪري ڪيترن ۽ ڪهڙي نموني ماڻهن جي خدمت ڪئي. خدمت جي نيڪ جذبي جي حوالي سان ميان صاحب کي ياد هوندو ته سندس جي آقا ۽ سياسي رهبر به پنهنجي ساک جي مقبوليت کي چار چنڊ بخشڻ لاءِ ڪيتريون ئي ڪميٽيون ٺاهيون هيون جنهن ۾. شورا ڪاميٽي، صلواة ڪاميٽي، زڪوات ڪاميٽي، پنچائت ڪميٽي وغيره قابل ذڪر آهن. سو اهڙي صورتحال ۾ پيو ڪجهه ٿيو نه ٿيو پر ڪرپشن جو وهنوار، اڃا به عام جام ٿي ويو. جنهن ڪري ڪاميٽين جي روح روان سرپرستن غريب ابوجهه ماڻهن جي خدمت ڪرڻ بدران پنهنجي پاڻ جي اهڙي خدمت ڪئي جو جنهن جي ناني ڪڏهن گڏهه تي به ڪونه چڙهي سي پيجرو گاڏين ۾ اوچو ڳاٽ ڪري معتبر ٿي گهمڻ ڦرڻ لڳا آهن. تنهن ڪري هاڻ به ڏسڻ ۾ ائين پيو اچي ته پتا مافيا خلاف ڪم ڪندڙ خدمت ڪميٽي پاڻ پٽي جي ديڻ ۾ ڦاسي مُڪ مُڪاءَ ڪاميٽي بڻجي ويئي آهي پر ڪٽي ڪٽي ته ويهه ئي آڱريون گيهه ۾ ته سر ڪڙائي ۾ پيو تري چو ته سانگهڙ سب ڊويزن جي ڪميٽي ميمبر 13 اپريل تي جامع مسجد ۾ عوام جي خدمت ڪرڻ جو قسم کڻي، ان ئي رات جو پنهنجي گهر اڳيان قائم گورنمنٽ ٽريننگ ڪمرشل ڪاليج جي پلاٽ تي سرون لهرائي راتو

رات چؤديوار ٺهرائي قبضو ڪري ورتو. جڏهن ته مختلف ادارن ۾ پسند ناپسند ماڻهن تي ڇاپا هڻڻ سان خدمت ڪميٽين وسيلي جتي ڏيتي ليتي جو وهنوار چوٽ چڙهيل ٿو ڏسجي ته ڪٿي وري خدمت جي سرشار جذبي سان اسان جي ننڍي واري دوست گل محمد خشڪ اهڙو وارو وڇايو آهي جو ڪنهن ڳوٺ ۾ ڪنهن جي مينهن ٿي مري ته همراهه سنگت سوڊو اتي دادرسي لاءِ ٿو پهچي نه صرف ايترو پر پنهنجي خاص ڪيسي مان ڪجهه مدد ڪري باقي آسري تي رکيو ٿو اچي. بس ڇاپن تي ڇاپا ڪچهرين تي ڪچهريون به اهڙيون جو ويهه ٿي آگريون گيهه ۾ ته وري ڪڏهن ٿالهي تي يار ڪالر ڇنڊي بيٺو آهي. - سو وٽ سٽ جي اهڙي ماحول ۾ اڪثر ته صرف بيانن سان اخبارون ڀريون پيون هونديون هيون سو هاڻي ته خير سان سندس جا سٽيائتا فوٽوز پيا ڇپجن سو دوست جي اهڙي سخت محنت ما لڳي ائين ٿو ته ايندڙ وقت جي اليڪشن ۾ قومي سيٽ نه سهي ته به صوبائي سيٽ تي يار آوي آوي.

پر ان سلسلي ۾سائين ننڍي جي شاهجان مسجد جي جناب پيش امام صاحب ڪي ڪير سمجهائي ته، بابلا مسجد ۾ ٿي وي تي حلف کڻائڻ ناقابل معافي ڏوهه ڪير سمجهندو؟ سو امام صاحب طرفان ان سلسلي ۾ هزارين ماڻهن ڪان ان عمل خلاف قرارداون پاس ڪرائڻ ته پنهنجي جاءِ تي، پر، شڪارپورين ته ٻارنهن ٿي وڃائي ڇڏيا آهن، ڇو ته هن جڻ جڻ وشنوءَ ڪي کهڙي مسجد ۾ ۽ ڪيئن قسم کڻايو آهي. سمجهه ۾ نٿو اچي ته هيتري ساري شڪارپور ۾ آڙي ڪاپ سياستڪارن هوندي جڻ جڻ وشنو ڪيئن خدمت ڪميٽيءَ جو چيئرمن بڻيو آهي. وڏي ڳالهه ته آغا ثناءُ الله جيڪو مشهور صحافي آهي، سو وري خير سان ٻانهن ٻيلي طور ساڻ اٿس. صحافي ته معاشري جو آئينو ۽ رهبر هوندا آهن. سو آغا به شايد اڄ جي ترقيءَ پسند دور جي روين ڪي چڱيءَ طرح سمجهي ويو آهي. خير! پر ٺنهن هوندي به ٻنهي دوستن ڪي عرضڙو آهي ته شهر جي قبيلائي جهيڙن ڪي ختم ڪرائڻ سڀ ڪان

وڏي خدمت ٿيندي، نہ ڪي ڇاپا هٽي پنهنجي مليل پاور سان ڏاڍ مڙسيءَ جو داٻو ڄمائي شهر واسين کي پريشان حال ڪجي، ڇو تہ اهڙين روين جي سبب ميان صاحب شايد مڪاني چونڊن ۾ پنهنجو مقصد حاصل ڪري نہ سگهي.

سو بقول دڙو دادا جي ميان صاحب کي مفت جو مشورو آهي تہ خدمت ڪميٽي وسيلي عوام ۾ مقبوليت ۽ واقفيت وڌائڻ تہ پنهنجي جاءِ تي، پر ادارن تي ڇاپا هڻڻ ۽ آفيسرن کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ ۽ بيعزتو ڪرڻ ستوعمل بلڪل ناهي. سو، ڇڙواڳ ڪميٽي وارن کي اگر خدمت واقعي ڪرڻي آهي تہ پوءِ هر ضلعي انتظاميہ سان پاڻهن ٻيلي ٿي. ڏوهن ۽ ڪرپشن تي ڪنٽرول ڪرڻ ۾ مددگار ٿين تہ بهتر ٿيندو نہ تہ ٻي صورت ۾ ائين نہ ٿئي جو جيالن وانگر - تنهنجا ليڳڙا ٻہ بدمست هاٿين وانگر عوامي امنگن کي پيرن هيٺان لتاڙي ميان صاحب جي شڪست ۽ بدناميءَ جو ڪٿي سبب نہ بڻجن. سو جيڪڏهن هاٿي خدمت ڪميٽين تان ٻہ عام ماڻهوءَ جو اگر ويساهہ کڄي ويو تہ پوءِ سياڻي جو الله خير ڪري.

سو دلبر سائين خدمت ڪميٽيءَ جو هر اهو ڪم ايستائين ڪاميابي ماڻي نہ سگهندو. جيستائين ان ۾ خالص عوام الناس جي فلاح و بهبود حقوق العباد وارو جذبو ۽ خوف خدا وارو عمل شامل نہ هوندو ڇو تہ:

سچائي جي اڳيان ڪوڙ نہ رهندو.
پڙاڏو سدائين سچ جو ئي رهندو.
غريبن جي خدمت تون ڪرين جي.
روشن ناءُ تنهنجو سدائين رهندو.
ڪميٽيون سدائين ڏهي پڻ ٺهن ٿيون.
چڱائي جو هر ڪم سِر نام رهندو.

ڇنڇر 23 مئي 1998ع
روزانو هلال پاڪستان

ڪر ڌماڪو، رک مولا تي

سو سائين منهنجي چوان، چوندا آهن تہ نانگ وچي نڪري پوءِ پيٽي پٽي مار، سو هندستاني ڌماڪي کان پوءِ پاڻ وٽ بہ موجوده صورتحال اهڙي ڏيک پئي ڏي. جڏهن هندستان کي پنهنجي ايٽمي صلاحيت کي دنيا آڏو ظاهر ڪري ڏيکارڻو هو جيڪو هن ڪري ڏيکاريو، جڏهن تہ اسين صرف مصلحت جو شڪار ٿيندي مختلف خدشن جي ڪشمڪش ۾ مبتلا هئڻ سبب جڻ ذهني بيمار ٿي پيا آهيون ۽ اهڙي بيماري جي دوا درمل جو دارون صرف ئي صرف اسين نامدار آمريڪا کي پئي سمجهيو آهي.

سو بقول دڙو دادا جي تہ اسين بہ ان جي دوا درمل تي اهڙا هيراڪ بنجي ويو آهيون جيئن انگريزي پاڻ تي زمين ۾ هيروئن جي پڙي تي موالي. ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ 50 سالن جي مضبوط سودخور دوست پنهنجي ڀهروپي عمل دخل سان، اسان جي هر هڪ پاليسي عمل کي ڳوهہ جي مضبوط چنبن وانگر جهلي ورتو آهي. اهوئي سبب آهي جو اسان جي علمي فڪر جي شعوري سگهہ بہ صرف ان جي خوشنودي حاصل هئڻ ڪري زنگجي ويئي آهي ۽ هر زنگيل شئي هڪ ڪوٺي سڪي وانگر ٿيندي آهي. هندستان پُر امن ايٽمي ڌماڪن جي بهاني سان حقيقت ۾ دنيا آڏو پنهنجي فڪري ۽ حقيقي صلاحيتن جو واضح ثبوت ڏنو آهي ۽ ان چوڻ ۾ بہ ڪو وڌاءُ نہ ٿيندو تہ ڪشميري معاملي جي خواريءَ کان پاڻ بچائڻ جو اهو هڪ واحد رستو بہ تہ ٿي سگهي ٿو تہ وري ايٽمي طاقت جي حيثيت سان دنيا جي نقشي تي نروار ٿيڻ جو خواب پڻ، جڏهن تہ سندس جي ان خواب واضح ڪري ڇڏيو تہ هو

ايٽمي طاقت جي اعتبار ڪان دنيا جي ڪنهن به وڏي طاقت ڪان گهٽ ناهي.

سو بقول ڏڙو دادا جي ته هو هميشه پنهنجي چالبازي سان پاڻ کي خطرو محسوس ڪرائيندي هڪ طرف آمريڪا ڪان همدرديون به حاصل ڪري ٿو وٺي ته ٻي طرف وري پاڪستان کي ڪمزور ڏيکاري پنهنجو پاڻ کي برصغير جو ٺاٺيدار به سمجهڻ لڳوآهي. دغا دوکو، مڪرو فريب، منافقت ۽ چالبازين وسيلي ابوجهه ۽ پرمٽڙين مسلم ملڪن جي عياش حڪمرانن جي ٽڪرن تي پلجنندڙ پاڻ کي سپر طاقت سڏائڻ وارو پٽاريدار-شايد ويٽ نام واري ڏکهي جنگ جي هارائڻ سان گڏ ايران هٿان تڏا ويڙهه وارو داغ به پنهنجي چهري تان اڃ سوڌو ڌاهي نه سگهيو آهي. ان هوندي به ڏنو وڃي ته هندستان جي پنجن ڏماڪن سان سندس ڪي ڪابه حيرت نه ٿي ٿئي. پر جڏهن ته غوري جي سلسلي ڪيس پيٽ ۾ زهري مروڙ ٿا پونس، جنهن ڪري پاڻ کي سخت پابندين ۾ جڪڙيو ٿو وڃي. سائين معاف ڪجو اهو صرف به انهيءَ لاءِ ٿئي ٿو ته جو هو پاڙين کي چڱيءَ طرح سڃاڻي ويٺو آهي. هونءَ اسين به، پنهنجو پاڻ سان سچا ڪونه آهيون، ايستائين جو گرين ڪارڊ جي گرين سحر ڪيف ڊفلي جي آواز تي پنهنجي (عراق - فلسطين وغيره) سان ٿيندڙ زيادتين ڪان به منهن موڙي ۽ اکيون ڦيري ٿا ڇڏيون جڏهن ته عام ۽ خاص پنهنجي مفادن خاطر آمريڪي، اسرائيلي ۽ روس وغيره سڀ هڪ آهن اهوئي سبب آهي جو انهن هندو سامراج جي هميشه سڏي ۽ اڻ سڏي غير مشروط طور تي پنيرائي ڪئي اهي، سو اهڙي ڏماڪي جي بهاني سان حقيقت ۾ ڏنو وڃي ته ايندڙ سيپٽمبر 1998ع ۾ اقوام متحده جي نئين سرجوڙ جڪ جي ٿيڻ واري اجلاس ۾ هندستان کي ايٽمي طاقت جي حيثيت سان سلامتي ڪائونسل جي مستقل ميمبرشپ ڏني ويندي. جڏهن ته سندس پاران ڏنل بيانن جي ڀهروڀي مان ائين ٿو لڳي جڻ چور ڪي چئجي ته ڪِهرُ ڪهر ۾، ۽ ڪهر ڌڻيءَ کي چئجي ته اٿ چور آيا ٿي! سو سائين منهنجا جيڪڏهن هاڻي به ڏماڪي ڪرڻ جو موقعو هٿان وڃايو ته پوءِ چا اسين پنهنجي ايٽمي

طاقت برقرار رکي سگهنداسين. پر جي ڏماڪو ڪيوسين ته ته ڇا پوءِ ان بعد وارن نتيجن ڪي قوم منهن ڏيڻ لاءِ تيار آهي!؟

اڙي يار، تون به صفا اياڻو پوڪ بصر آهين، ڏسين نٿو ته ايٽمي ڏماڪي ڪرائڻ جي پٺڀرائي ۾ هترادو جلسا جلوس ڪيرايا پيا وڃن، هوندئه ته عوامي راءِ جو وڏو خيال رکيو ويو آهي جو هاڻي اهو ڪم به عوامي راءِ سان پيو سلهاڙجي، يار ڇڏ ان ڳالهه کي، بس موقعو سٺو آهي، ڪڪڙ ڪوريءَ جو، نانءُ وڏيري جو باقي قوم ته شروع کان ئي هر مشڪل کان مشڪل وقت سان منهن پئي ڏي. دنيا جي اهڙي عظيم قوم ٻي ڪا آهي، جيڪا پنهنجي حڪمرانن جي عياشين لاءِ ورتل سودي قرض اڃ سوڌو ادا پئي ڪري. سا باقي ايٽمي طاقت بڻجڻ لاءِ قرباني نه ڏيندي اهو ٿي نٿو سگهي. ها باقي ان معاملي ۾ هڪ ڳالهه ضرور آهي ته غريب ملڪ جي ارب پتي واپارين، سرمائيدارن، جاگيردارن، چوڌرين، سياستدانن يا وري مختلف بهانن سان ملڪي قرض هڙپ ڪندڙ ڪامورن کان پڇيو وڃي ته هو اهڙي مشڪل وقت ۾ ساٿ ڏيندا؟ ڇا هو پنهنجو سرمايو جيڪو ٻاهرين بينڪن ۾ جمع اٿن پوءِ چو نه ڪٿي اهو اڃو هجي يا ڪارو، واپس گهرائڻ جي قرباني ڏيندا!؟ باقي مسلم ملڪن جي مدد جهڙي اسان ڪئي آهي آمريڪا جي چوڻ تي سا اهي به ڪندا، تڏهن به باقي رک مولا تي بقول دڙو دادا جي ته ازل کان وٺي ابد تائين قرباني ڏيندڙ اپوجهه بيوس غريب ماڻهو تي هن وقت به ان بهاني سان ايندڙ ساليانی بجيٽ جو جيڪو بوجهه پوڻو آهي سو به پنهنجن ڏبرن سڪل هيٺن هڏن ۾ طاقت نه هوندي به ڪينجهي ڪرڪي به کڻڻ لاءِ تيار ٿا ڏسجن. تنهن ڪري گهرائڻ جي ڪا ڳالهه ناهي بسم الله ڪري ڪر ڏماڪو. رک مولا تي، الله سائين خير ڪندو .

آمين.

چنڇر 30 مئي 1998ع

روزانو هلال پاڪستان

محبتن جو پيرم

سو سائين منهنجي ڪي چوان، حقيقت ۾ ڏٺو وڃي تہ مالڪ ڪائنات طرفان، ڪائنات جي تخليق بہ سموري رنگا رنگي جي بي پناهہ خوبصورتي جو اڻ کٽ ۽ لازوال محبتن جو مظهر آهي، اهوئي سبب آهي جو هر هڪ شيء ۾ پنهنجو پنهنجو محبت ڀريو سڳند موجود آهي، بين ڳالهين کي ڇڏي جيڪڏهن صرف انساني محبتن جو ذڪر ڪجي تہ پوءِ صاف ظاهر ظهور اهڙي محبتن جي سڳند جي لازوال سرهاڻ عالم دنيا کي معطر ڪري ڇڻ هڪ موتين جي خوبصورت مالها ۾ پوئي راس ڪيو آهي. پر بقول دڙو دادا جي جڏهن ڪنهن شيء جي پرک سندس جي گڻ مان ڪبي تہ پوءِ بہ ڳڻن واري محبت دنيا ۽ معاشري کي ڇٽڪ گل گلزار بنائيو ڇڏي ٿي، پر جي اوگڻ تي نظر رکبي تہ پوءِ محبتن ۾ مکر و فريب جي ملاوٽ سان صرف نفرتن جي باهہ ۾ پڙڪيل سماج صرف سڙيل ئي نظر ايندو. سو اهوئي سبب آهي جو الله لوڪ درويشن صفت ماڻهن ۽ چڱن انسانن سماج ۾ ماڻهن ۾ ماڻهپي واري زندگي گذارڻ جا مول متا مقصد ڀڌائي صَرف ۽ صرف محبتن جي مٺاس سان ماحول کي مانائتو ڪري ديس کي سک شانتي امن وامان وارو بڻايو آهي پر سائين منهنجا افسوس آهي جو اهڙن مٺن ۽ محبتن جي پرچارڪ الله لوڪ ماڻهن جي ديس ۾ مکر و فريب جي نفرتن واري باهہ پڙڪائي ماڻهپي کي داغدار بنائڻ جي اڻ وٽندڙ ڪوشش ڪئي پئي وڃي، سو ڏسجي تہ لشڪري زبان جي نرم گرم جي مانائتي ليکڪا جي مضمونن جي محبتن جو بہ پنهنجو هڪ منفرد انداز آهي، سو محترمہ "مسلم ليگ جي حڪومت جڙندي ئي ميان صاحب جي سياسي بصيرت جي

واڪاڻ ۽ محترمہ بينظير جي سياسي ساک تي چوهہ چنبڊيندي چيو تہ مِيان صاحب بيشڪ مبارڪ باد جي لائق آهي جو ايتري ساري عوام حمايت هوندي بہ شهري آبادي جي اڪثريت پارٽي کي پاڻ سان ساڻ ڪري شهر (ڪراچي) ۾ امن امان پيدا ڪرڻ لاءِ سٺو ماحول پيدا ڪيو آهي. جڏهن تہ اڳ واري حڪومت يعني پي پي پي، شهري قيادت سان بي واجبيون ڪندي شهر ۾ افراتفري وارو ماحول پيدا ڪري ماڻهن جون ننڊون حرام ڪيون هيون."

سو سائين آمريت جي چانو ۾ پيدا ٿيندڙ پن جاڙن پائرن جو پاڻ ۾ نهڻ ڪا تعجب جي ڳالهہ ناهي، تنهن هوندي بہ بقول ڏڙو دادا جي سائين منهنجا راءِ جو اظهار ڪرڻ تہ انسان جو بنيادي حق آهي جڏهن تہ ڪيس ڪنهن سان محبت ۽ نفرت ڪرڻ بہ سندس جو ذاتي ۽ بنيادي فعل ۽ حق آهي جيڪو ڪنهن بہ صورت ۾ جابر ڪان جابر حاڪم بہ ڪيس جو اهو اهڙو حق ختم نٿو ڪري سگهي. چو تہ مثبت نفرت بہ هڪ سٺو عمل آهي جنهن سان هر ڳالهہ جي چند ڇاڻ ٿئي ٿي، پر جڏهن وري نفرت ۾ مڪر و فريب ۽ بغض جي ملاوت ٿنبي ٿي وڃي تہ پوءِ اهڙي نفرت مان صرف باهہ جا شعلا پڙڪي محبت ڀري ماحول کي منجهائي ساڙي رک ڪريو ڇڏي، سو هاڻي بہ ڏسڻ ۾ ائين پيو اچي تہ نرم گرم جي محبتن واري پيرم کي بہ شهري قيادت جڻ ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو آهي. چو تہ بليڪ ميلنگ جي سٽيءَ پيل پناهہ گير قيادت، حڪومت ۾ شامل ۽ ڀاڱي ڀائيوار هوندي بہ پنهنجي روين ۾ ڪا چڱي تبديلي تہ نہ آندي آهي پر سندن جي ڀهروپي عمل سان سيني وسيلن تي قابض هجڻ جي باوجود بہ پاڻ کي ابوجهہ ۽ مظلوم سڏائڻ سان گڏوگڏ سندن جي دهشتگرديءَ ۾ بہ ڪا ماٺار تہ نہ آئي آهي!؟ موريڪو روزمره جي قتل وغارت سان گڏ وري ڀيهر بورين ۾ بند لاش ملڻ شروع ٿي ويا آهن. دولت جي بدلي اصولن جي سودي بازي ڪري پنهنجي جوان رت جي لاشن جي بي حرمتي تہ پنهنجي جاءِ تي اڄ سوڏو موجود آهي تنهن هوندي بہ بقول ڏڙو دادا جي جنهن قيادت جي شروعات بشريٰ زيدي

جي حادثي واري بهاني ڏاڍ ڏهڪاءُ سان ٿي، جنهن پنهنجي معصوم جوان هٿن ڪي قلم ڏيڻ بجاءِ هٿن ۾ ڪلاشنڪوف سان سينگاري سنواري ميدان ۾ جنگجو بڻائي موڪليو تن لکين بي ڏوهه بيگناهن جو رت وهائي ۽ پنهنجي پٽ خوري جي داڀي جو دهشت اختيار ڪري زندگيءَ جي هر وهنوار کي مفلوج ڪري ڇڏيو ۽ جڏهن ته پاڻ بهادر ڪلاشنڪوف ڪلچر کي متعارف ڪرائڻ وارو خوف واري ڪيفيت ۾ پنهنجي جان بخشي لاءِ ديار غير ۾ حياتي جا ڏينهن پٽي خوري واري رقم تي گذاري پيو. سو سائين منهنجا هلاڪو ۽ چنگيزين جيان انساني کوپڙين جي تخت تي ويهي پاڻ پڏائڻ، تباهي ڪان سواءِ ڀي ڪاٻه راهه نٿو ڏيکاري، سو ڏسجي ته نالي متائڻ سان ٻه فطرت ۾ ڦيرو نٿو اچي جو ته وڇون، وڇون آهي وڇون ڪڏهن ڪرڙي ٿي نٿو سگهي. چور، چور آهي پاڳيو، پاڳيو آهي، سو اچو ته سڀ ٽپتائي وارا گس ڇڏي،جيئو ۽ جيئڻ واري صفت سان سڀ نفرتون ويڇا وساري ماڻهپي واري محبتن جو ماندڻ مچائي هن ديس ۾ امن وامان جو ماحول جوڙي خوشحالي سان گڏ 21 هين صديءَ ۾ سهڻي نموني سرخرو ٿي قدم رکجي نه ته،

" وقت چوي آءُ بادشاهه آهيان واري سدا حيات چوٽي قائم دائم برابر رهي آهي ۽ رهندي. سو اچو ته پاڻ ۾ ڪنڊ ڪير ٿي ميزباني جي تقدس جو مان متانهون رکندي سنڌ ۽ سنڌواسين جي ايندڙ نسلن لاءِ محبتن ڀريو پيغام ڏيون چو ته:

اڃان ٻه وقت ناهي ويو.
ويل ناهي ٽري
اچو گڏجي وري
سنڌ ٺاهي وٺون.
باقي الله خير ڪندو - آمين.

چنچر 6 جون 1998ع
روزانو هلال پاڪستان

هڪ تقريب ۾ گلاب هڪڙو رئيس امروهي ۽ ڊاڪٽر بقائي سان گڏ

سنڌ منهنجي امان، سونهن تنهنجي متان ڇا لکي ڇا لکان!؟
تاجل بيوس جي ڪتاب "جڏهن ٻوءِ ٻٽي" جي موقعي تي 1982

ڏيهي اديب ولي محمد روشن، عابد مظهر، تاجل بيوس، هدايت بلوچ ۽
پرڏيهي اديب هري موٽواڻي سان گڏ گلاب هڪڙو ۽ تاج جوئي جي يادگار تصوير

سنڌي ادبي سنگت گلشن حديد پاران سنڌي ٻولي جو آئيندو ليڪچر پروگرام ۾
اعزازي مهمان گلاب هڪڙو، ڪامريڊ محمد بخش سومرو ۽ تاجل بيوس سان گڏ

ولائتي ڪتن جا ٿاٽ

سو سائين منهنجي کي چوان، هڪ طرف ايٽمي طاقت بنجي دنيا جي نقشي تي ايري اچڻ وارو شوق تہ پنهنجي جاءِ تي، تہ ٻئي طرف وري اهڙي معتبري ماڻن جي خوشيءَ ۾ ريليون ڪڍي، ڪيرائي خوشيون ملهائڻ ۽ مبارڪن ڏيڻ وٺڻ جو سلسلو بہ جاري آهي. جڏهن تہ ٻئين طرف نئين مالي سال جي بجيٽ واري ڌماڪي ڪان اڳ خيبر ميل واري ڌماڪي سان پنهنجا لڱ ڪاندارجي ويا ۽ اکيون رت جا ڳوڙها ڳاڙهڻ لڳيون آهن. سو اهڙي صورتحال ۾ ظاهري ڏسڻ ۾ ائين ٿو اچي تہ اقتدار جي خماريل نشي ايترو تہ بي حس ڪري ڇڏيو آهي جو اکين هوندي بہ انڌيان ڪجهہ ڏسڻ ۾ نٿو اچي ۽ نہ وري ڪنن هوندي ڪجهہ ٻڌڻ ۾ ٿو اچي، جڏهن تہ عقل دماغ هوندي سوچڻ سمجهڻ جي صلاحيت بہ جڻ پاڻمرادو ختم ٿي ويئي آهي. سو سائين اهڙي پيدا ڪيل عجيب صورتحال ۾ ماڻهو وڃي تہ ڪيڏانهن وڃي ڇو تہ جاءِ واردات تي حاڪم زادن جو پهچي ۽ دل کي ڏڍ ۽ آٿت ڏيڻ وارن بيانن مان هاڻي تہ بلڪل ويساهہ ئي کڄي ويو آهي ڇو تہ هر دفعي اهوئي پراڻي رڪارڊ ٿيل بيان يعني ملڪ دشمن عناصرن تي ڪرڙي نظر رکڻ وارو عمل ۽ "دهشتگرد را تنظيم" تي الزام مڙهڻ وارو ڪيسٽي بيان

ٻڌي ٻڌي پنهنجا ڪن ٿي پوڙا ٿي پيا آهن پر هاڻي ماڻهو به اهڙي ڪيسٽ تي اعتبار ڪونه ٿا ڪن.

سو بقول دڙو دادا جي گذريل رات بي بي سي جي نمائندي اسان جي خفيه ادارن جي زيرو ميٽر ڪارڪردگيءَ بابت ٻڌائي ڪهڙي نه مهذبانه چماٽ اسان جي چهري تي وهائي رکي ۽ جنهن جو آواز ان وقت پوري دنيا ۾ ٻڌو ويو. پر پوءِ به چماٽ جي زيپٽ واري اثر هوندي به نڪ جي پڪائي سان ماٺواري مشاهد حسين صاحب فرمايو ته ان سلسلي ۾ ماڻهو ته برابر جهليا آهن پر اجا تائين پيچا ڳاڇا پئي هلي. واهه سهڻا سائين واهه! توهان جي ڪارڪردگي، هت ڏينهون ڏينهن ماڻهو پيا مرن بم ڌماڪن ۾. ۽ توهان جي اجا پيچا ڳاڇا پئي هلي. پلا پوتار سائين هڪ ڳالهه ته ٻڌاءِ؟

ملڪ اندر اڳ ٿيل بم ڌماڪن ۾ ملوث قومي سلامتي سان واڳيل اداري جو مک عملدار ۽ حساس اداري جو اعليٰ آفيسر بشير جيڪو اٽڪ مان، ملڪ اندر جي سموري دهشتگردي واري نيٽ ورڪ سميت هٿيڪو ٿيو هو ان جو ڇا ٿيو؟ شايد 10 اپريل کان وٺي اجا ان جي به پيچا ڳاڇا پئي هلي. سو دلبر معاف ڪجانءِ اوهان جي اهڙي ڍڳو پير پيران واري زيرو ميٽر ڪارڪردگي ته ميان صاحب ڪي لوڏي وڌو آهي تڏهن ته حڪومت ريل گاڏين جي مسافرن جي جان بخشي ۽ بي خوف خطر سفر ڪرڻ لاءِ ريل جي گاڏن مان آتشي مادو وغيره جي تلاش ڪرڻ لاءِ دنيا جي نئين سائنسي ٽيڪنالاجي تي عمل ڪرڻ بدران، افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته ان سلسلي ۾ ٻاهرين ملڪ مان ولائتي ڪتا گهرائي ريلوي انتظاميه ۽ پوليس وغيره جي ڪارڪردگي تي سرعام ٿڪ وهائي ڪئي آهي. ناراض نه ٿجو سائين، جيئڻ حق ته سڀ ڪي آهي، سو پلا ڪنهن ڪي ڪهڙي پئي جو آتشي مادو ڳولي پاڻ مارين، پلا مادو ڦاٽي پوي ته پوءِ!؟ هڻ ڪي ته پنهنجي حصي جو مال ڳولڻو آهي نه! تنهن ڪري اهو ڪم ڪتا ئي ڪن ته بهتر چو ته هونئن به جان جوکي جو ڪم ڪرڻ مان ڪهڙو فائدو؟ چو ته انساني چاهتون

بہ تہ نانگ جي ڪل وانگر پيون ٿيون بدلجن تنهن ڪري ڪنهن جي چاهت ۽ وفاداري تي ڪو ڀروسو ئي نہ رهيو آهي جڏهن تہ ڪتن جون وفاداريون هڪ اڻ مٽ مثال آهن. پر ان سلسلي ۾ بہ ڏڙو دادا ڪي هڪ ڳالهہ جو ڏک ضرور ٿيو آهي ڇو تہ ملڪ اندر انساني حقن جي لتاڙ تہ پنهنجي جاء تي پر هاڻي ولائتي ڪتن جي سار سنڀال ناز نخرن ۽ ٽهل ٽڪور تي ايترو سارو ملڪي ناڻو خرچ ڪري پنهنجي ديسي ڪتن جو بہ حق ماريو ويو آهي. سو اهڙي عمل سان پنهنجي مسڪين غريب ديسي ڪتن جي بہ دل آزاري ضرور ٿي آهي ۽ هو ولائتي انگريزي ڪتن جا اهڙا ناٽ ٺاٽ ڏسي ڪري پاڻ کان رٺل رٺل تا رهن پر پيچ پنهنجو وري بہ لوڏين ٿا. سو سائين اگر ڪتن تي اعتبار ڪرڻو ئي هو تہ پنهنجي ديسي ڪتن سان ڀلائي ڪندي ڪين اهڙي قسم جي ٽريننگ ڏياري سندن جو مان وڌائڻ سان گڏ، ڪتن جو پولٽري فارم ڪولي مال تيار ڪري ولائتين وانگر پنهنجي ديسي ڪتن کي ٻاهر موڪلي ناڻو ڪمائجي. هونئن بہ ڏسجي تہ اسان جو غريب ماڻهو هر وقت پاڪ صاف وطن لاء هر طرح جي قرباني ڏين پيا، اتي ڪتا بہ پنهنجي وسان ڪين ٿا گهٽائين. حقيقت ۾ ديسي ڪتا پنهنجي ديسي ماڻهن کي چڱيءَ طرح سان ٿا سڃاڻين چاهي هو کهڙي بہ پارٽيءَ سان تعلق رکندو هجي تنهن ڪري اعليٰ قسم جي ٽريننگ ڏيارڻ سان سندن جي قسمت ضرور چمڪندي.

سو سائين منهنجا ڏسجي تہ هن وقت تائين ولائتي ڪتن بہ ڪا چڱي ۽ متاثر ڪندڙ ڪارڪردگي ڪونہ ڏيکاري آهي. سواء اتي تي چٽي جي. ڇا ڳالهہ آهي! پنهنجي ديسي ڪتن جي، بڪ تي رهندي بہ ساري رات جاڳي ڪري وري بہ پنهنجي وفاداري ۽ حب الوطني جو ثبوت ڏيندي سامهون واري کي هوشياري ڏيارين ٿا تہ سهڻا اک پٽ، اسين جاڳون پيا تنهن ڪري واردات جو خيال دل مان ڪڍي ڇڏ، وڃ ٽري، اسان مسڪين کان پاسو ڪر دلبر پيارا. ان سلسلي ۾ اڄ مون کي ڏڙو دادا وارو ڪتو ٽو ياد اچي سائين، جنهن کي ڏسندي واٽ ويندي

وڏيري چيو هو تہ منهنجي ڳوٺ هل ۾ منهنجي واڙي مان سوئا يا ڍڪي مينهن وغيره جهڙي وٺين تون ڪڻ پر هي ڪتو مون کي ڏي"! وڏيري جي اهڙي خفت کي ڏسي دڙو دادا جي ابي ميان محمد بخش چيو هو تہ وڏيرا تون تہ صرف ڪتو ڏسي ڪري مون کي مينهن ٿو ڏين. اهڙو واڙو تہ مون وٽ بہ آهي پر تون منهنجي شوق جو اندازو نٿو لڳائين. پر تون بہ خفتي ٿو لڳين تنهن ڪري فلاڻي مهيني اچجانءِ تہ توکي هن جو ڦر يعني گلر ڏيندس.

سائين معاف ڪجو. ڳالهہ وڃي الائي ڪٿي پهتي. ها! سو ڳالهہ پٽي کير بر ڏماڪن جي. سائين ناراض نہ ٿجو حقيقت ۾ ڏٺو وڃي تہ توهان جي ولائتي ڪتن بہ ڪو چڱو پوتو نہ پاريو آهي پلا جڏهن ولائتي ماڻهن مان پاڻ کي ڪو فيض حاصل ناهي ٿيو تہ وري انهن جي ڪتن مان ڇا حاصل ٿيندو. تنهن ڪري ان سلسلي ۾ حڪومت مائي باپ کي عرضڙو آهي تہ وڏين ريلوي اسٽيشنن تي اهڙا سائنسي ٽيڪنالاجي وارا اوزار لڳرائي انهن مان ريل گاڏين کي گذاريو وڃي تہ جيئن آتشي وغيره مادي جي خبر پئجي سگهي ۽ پوءِ آهستي آهستي اهڙن دروازن جو سمورين اسٽيشنن وغيره تي چار وڇايو وڃي. باقي ريلوي اسٽيشن تي مسافرن جي سامان کي ڪتن جي سنگهڻ وارو عمل نيڪ ڪونہ ٿو لڳي خاص ڪري ڪاڏي جي ذہن کي سنگهڻ وارو عمل! سو ٿلن بيانن ۾ آسرن اميدن ڪان هاڻي ڳالهہ چڙهي ويئي آ بابن - ملڪ جو غريب عوام قربانيون ڏيندو رهي ۽ ولائتي ڪتا ٿڌي ڪمرن ۾ مزا ماڻين. ايئن ٿو لڳي ڄڻ "ماءُ مري رڪاڻي ۽ پٽ جو نالو ڏهي." سو پوتار دل ۾ چڱائي رک تہ مولا پاڪ پلي ڪندو. باقي رک مولا تي. علي سخي آ - ڏنڊي تي منزل آ. حاڪم عيش آرام ۾ غريب پيرين پنڌ آ.

ڇنڇر 13 جون 1998ع
روزانو هلال پاڪستان

ٻاڙو نہ ٻول - واعدا نہ ٽوڙ

سو سائين منهنجي کي چوان جهڙي طرح جبل ٽڪر گهڻو پري کان تمام سهڻا ۽ خوبصورت ڏسڻ ۾ ايندا آهن ۽ انهن تي چڙهڻ بہ بلڪل آسان نظر ايندو آهي. بلڪل اهڙي طرح واعدو ڪرڻ ۽ ان کي نڀائڻ بہ ڏاڍو آسان نظر ايندو آهي پر جڏهن جبل ٽڪر جي طرف وک وڌائبي تہ اهي پري پري ڏسڻ ۾ ايندا ۽ وڏي ڳالهہ تہ انهن تي چڙهڻ تہ اڃا بہ مشڪل ٿيو پوي. سو بقول دڙو دادا بلڪل اهڙي نموني سان واعدو نڀائڻ بہ مشڪل ٿي پوندو آهي: ڪڏهن ڪڏهن تہ ساري عمر گذري ويندي آهي پر واعدو وفا ٿي نہ سگهندو آهي. ان لاءِ ضروري آهي تہ انسان هميشہ واعدو ڪرڻ کان اڳ سوچي پر هزار ڀيرا سوچي، ڇو تہ زندگي جو هڪ پل بہ گهڻو آهي. اگر اهو ڪنهن چڱي ڪم ۾ گذارجي تہ اهو بهتر کان بهتر انساني زندگيءَ جو خوبصورت ثمر آهي، هونئہ بہ حقيقت ۾ ڏٺو وڃي تہ باغ جي خوبصورتي ۽ دل کي فرحت بخشيندڙ وڻندڙ ان جا گل ٿي هوندا آهن سو بلڪل اهڙي نموني سان هن دنيا جي زينت ۽ خوبصورتي بہ صرف انسان جي دم سان آهي. وڻ

ٽڻ، گل ڦل، دل وٺندڙ ۽ خوش رنگ آهن تہ پوءِ باغ جي رونق ۾ چڻ چار چنڊ لڳي ٿا وڃن، پر جي گل ٻوٽا مرجهايل هوندا، تہ پوءِ باغ جي رونق تہ ڇا، چڻ باغ اجڙيل اجڙيل نظر ايندو.

سو سائين منهنجا بلڪل اهڙي نموني سان اگر انسان، انسان هجن ۽ نيڪ هجن ۽ سڀ جو ڀلو سوچڻ وارا هجن تہ پوءِ هي دنيا بہ هڪ جنت جو نمونو بڻجي پوي، پر هت تہ سائين، پير منهنجي پڇاءِ، باقي سامهون واري جو ڏينگو ڏيري ٿئي تہ پرواهہ ناهي. سو انسان جي اهڙي حرص حوس ۽ لالچي روپ ڌارڻ سان هي دنيا دوزخ کان گهٽ تہ ناهي سائين. بقول دڙو دادا جي ياد رکڻ گهرجي تہ وڏين ڪائين کي باهہ ڏيڻ لاءِ هميشہ ننڍڙِن سنهڙين ڪاٺڙين کي باهہ ڏبي آهي سو ڪٿي ائين نہ ٿئي تہ غريب مسڪين اٻوجهہ بي ٻهچ ڌتڙيل ماڻهن جي اندر جي باهہ ڪٿي وڏ ماڻهپي کي ساڙي رک نہ ڪري ڇڏي!؟

سو سائين منهنجا مون کي ميان صاحب جا اهي واعدا ۽ اهي لفظ بلڪل ياد آهن جيڪي هن پنهنجي حڪومت جي پهرين سالگره جي خوشي ملهائڻ وقت پنهنجي جماعتي ليگڙن کي هڪ فاتحانہ انداز ۾ خوش ٿيندي چيا ۽ ڪيا هئا تہ نظام حڪومت جي ٽوڙ ڦوڙ حڪومت جي مشينري جي تباهي ۽ بربادي ۽ پڻ قومي معيشت جي شڪست حالي جي باوجود اسان "موٽر وي" تعمير ڪري ڏيکاريو. انشاء الله انهن ئي حالتن ۾ اسان اسلام آباد کان پشاور، لاهور کان ڪراچي موٽر وي جي تعمير بہ مڪمل ڪنداسين ۽ جنهن سبب اسان جا آئينده چار سال خوشحالي تعميرو ترقي ۽ آسودگي جا هوندا." سو سائين ڳالهہ بلڪل صحي آهي تہ ميان ۽ سندس ساٿي تہ برابر خير سان مڪمل خوشحال ٿي ويا آهن جڏهن تہ ميان صاحب جي صنعت ۾ بہ نوٽ ڇپڻ شروع ٿي ويا آهن. پر عوام سان ڪيل واعدو "قرض لاهيو - ملڪ سنواريو" جي بهاني مسڪين غريب ماڻهن کان رقمون گڏ ڪري قرض وٺي ملڪ ۾ ٻائيتال مچايو آهي جڏهن تہ هاڻي وري بلڪل نئين نڪور انداز سان ملڪي انحصاري فنڊ جي بهاني سان نئون کيل شروع ڪري غريبن کان

اٿيو گره بہ ڪسيو پيو وڃي. معاف ڪجو سائين اهومان نٿو چوان پر اهي غريب فٽ پاٿين تي روزگار جي اوسيئڙي ۾ ويٺل مزدوري ڪرڻ وارا مسڪين ماڻهو ٿا چون.

دلبر - سائين معاف ڪجو پاڻ وڃي الائي ڪٿي پهتاسين، سو ڳالهہ پئي ڪئي سون موٽر وي جي ٻهاني سان ملڪي خوش حالي جي - سو ناراض نہ ٿجانءِ دلبر تون پاڻ ٻڌاءِ اچي تي ڪٿي نظر خوشحالي!؟ ها هڪ شيءِ نظر ضرور اچي ٿي سا آهي موٽر وي جي بدحالي، چو تہ ان مان آمدنيءَ جي ڪاٿي پوري نہ ٿيڻ سبب گهر جي سڀ سامان وڪڻڻ مان چٽو ۽ صاف تہ نظر ايئن پيو اچي تہ پنهنجا ٽيڙ ٽيشن تي ۽ پاڻ آهيون پيرين پنڌ دلبر - بقول دڙو دادا جي ڏني ٻازين ڪي ڇڏي ڏاهو ٿي يار - ها هوئہ تہ توکي الله سائين نوازيو آهي ميان نواز! تنهن ڪري پيو نہ تہ بہ پنهنجي زندگيءَ سان ٿي انصاف ڪر. ڪٿي ايئن نہ ٿئي جو تنهنجي اندر جو انسان جاڳي پوي ۽ پوءِ توکي مهٽا ڏيڻ شروع ڪري تہ پوءِ ڇا ٿيندو سهٽا؟ تنهن ڪري اگر زندگيءَ ۾ ڪجهہ حاصل ڪرڻ چاهين ٿو تہ پوءِ پوري ملڪ جي ماڻهن جي خدمت بنا ڪنهن متڀيد جي ڪر، نہ ڪي صرف پنجاب جي دلبر سهٽا. زندگيءَ هوئہ بہ هڪ اهڙو ڏيئو آهي جيڪو بغير هوا جي وسامي ويندو آهي. تنهن ڪري پنهنجي پيرن ڪي زمين تي اهڙي طرح سان نہ رک جو ڪٿي تنهنجي پيرن مان اٿندڙ مٽيءَ جي دز سان ڪنهن غريب جي آس اميدن جي منزل نہ وڃائجي وڃي. باقي تنهنجي ڏاڍ مڙسي ڪي آهي سلام - پر پوءِ بہ واعدا نہ ٽوڙ تون، ٻاڙو نہ ٻول سهٽا، بنيادي حقن ڪي نہ پوڙ باقي دلبر رک مولا تي، علي سخي آ - ڏنڊي تي منزل آ، عيش ۾ حاڪم آ. عوا پيرين پنڌ آ. الله خير ڪندو - آمين.

ڇنڇر 20 جون 1998ع

روزانو هلال پاڪستان

گورنر ڇو آهين مجبور

سو سائين منهنجي ڪي چوان، مولا جي مهربانيءَ سان اسان جو پيارو ملڪ قدرت جي هر نعمت سان مالا مال آهي جڏهن ته ملڪ جو هر هڪ ماڻهو به بي انتها صلاحيتن جو مالڪ آهي. اگر ڏسجي ته سياسي ۽ قوم پرستي فيڪٽر ۾ به قدرت اسان جي مٿان ايتري مهربان آهي جو ان مَدَ ۾ به پاڻ وٽ ڪپت کان وڌيڪ هردم خام مال تيار آهي. ان ڪري ٻاهريون واپاري منهنجي پيو آهي ته ڪهڙو مال خريد ڪري، پر تنهن هوندي به ڏسجي ته پناهہ گير لابي پنهنجي دڪانداري کي چڱو چوکو مظبوط ڪري سنڌ صوبي جي سمورن وڙن وسيلن تي وارثي حق جمايون ويٺا آهن جڏهن ته وارث نڌڻڪا پتڪن پيا. صوبي جي بي يقيني صورت حال مَنَ ۾ دل اندر آسيبي خوف پيدا ڪري اسان جي حاڪم برادري کي به ڇڻ بي وس ڪري ڇڏيو آهي جو سندس هر حڪم منزل تي پهچڻ کان اڳ ئي پنهنجو اثر وڃائي ٿو ويهي. سو سمجهہ ۾ نٿو اچي ته ميان صاحب جي دليرانہ قيادت سان صنعتڪارن جي ٻيگهي برابر ڇو متل آهي، پر تڏهن به انتظامي طورتي وايون بتال آهن ان ڪري ملڪ جون اندريون حالتون اڄ سوڏيون نيڪ ناهن ٿيون. اها ٻي ڳالهہ آهي ته ميان صاحب ملڪ جو وزيراعظم هوندي به ڪليل

ڪچهريون صرف پنهنجي ماڊل ٽائون لاهور ۾ لڳائي پنهنجي شفقتي مهربانين کي لاهور ٽائين الائي ڇو محدود رکيو آهي!؟ سو ان جي ڪيس کي خبر - پيو خدا کي خبر - باقي سچ پڇو ته دڙو دادا کي ڪجهه به ناهي خبر - سو اسين ڇا ٽا چئي سگهون بابلا.

نه سائين نه - ان باري ۾ اسين ميان صاحب کي اهو ضرور چونداسين ته هو سنڌ جي ٻرندڙ مسئلن اندر سڙندڙ ماڻهن جي جان بچائڻ لاءِ به اهڙيون ڪچهريون لڳائي، ماڻهن جون خوشيون واپس ورائي جن سندس ساٿ ڏيئي هڪ ڀيرو وري مسلم ليگ جي جهنڊي کي مانُ بخشيو. ها سچ! اها ڳالهه به نوٽ ڪرڻ جي اٿئي ته متان مشاهد حسين جي ڪنهن چوڻ تي لڳين ڇو ته سنڌ جي مسئلن تي ان جو ڀهروپي عمل هاڻي صاف ظاهر ٿي پيو آهي ۽ نه وري عليم عادل شيخ کي هاڻي ڪو چڱيءَ نظر سان ٿو ڏسي. پر جيستائين وري ڪچهرين جو سوال آهي سو به تازين تازين خبرن موجب ته انهن ۾ به هاڻي مانار اچي ويئي آهي جنهن سبب ان ۾ ڪو چڱو مثبت پهلو ڏسڻ ۾ ڪونه ٿو اچي. پر پوءِ به ڇا ڳالهه آهي پنهنجي گورنر معين الدين حيدر صاحب جي جو صرف گورنر لفظ ۽ گورنر هائوس ڪانسواءِ پيو ڪجهه به هٿ وس اٿس ئي ڪونه! پر تنهن هوندي به وري لک دفعا شاباس اٿس جو سنڌ صوبي جي ڏکين حالتن تي هانءُ ڪَر ڪيس ٿو. اهوئي سبب آهي جو ڪٿي واردات يا ٻر ڌماڪو ٿيو ناهي ۽ همراه پنهنجي فوٽوگرافر عملي سان نڪ پهتو ناهي. بس دير آهي صرف وٽ پڪڙجي. باقي سڀ جو يلو ۽ خير - پر تنهن هوندي به آخر دل ٻڌي گذريل هفتي جي تمام بگڙيل صورتحال پٽاندر اهو چيائين ته جتوئي صاحب لنڊن کان واپس اچي ته چوندو مانس ته حالتن تي ڪنٽرول ڪري. واهه سائين وا! جتوئي صاحب هوندي به ته سدائين اها ڪار آهي، پر پوءِ جيستائين اهو قسط جمع ڪرائي پنهنجي حاڪميت بحالي جو سرٽيفڪيٽ وٺي اچي تيستائين توهان ئي ڪجهه ڪري ڏيکاريو بابلا.

سائين منهنجا توهان جي پُر اميد، آئتي بيان جي باوجود به دڙو

دادا ڪي ڏاڍو صدمو رسيو. تنهن ڏينهن، جنهن ڏينهن خير سان جتوئي صاحب ته چا پر ميان صاحب جي خير سان ڪراچيءَ ۾ حاضر ناظر هئڻ جي باوجود به لاشن جا ڍير لڳي ويا، ۽ سرڪار خاموش رهي ان مان لڳي ٿو ته لنڊن ٺاهه ۾ ائين ڪرڻ خاموش اکيون پوٽڻ به شامل هئڻ ته پنهنجي جاءِ تي پر پوءِ به گورنر صاحب جي گذريل مهيني واري فيصلي تي دڙو دادا حيران آهي. سائين منهنجا ڳالهه هن طرح آهي ته گذريل مهيني ڪير وارن ڪير جي اڳهه وڌائڻ لاءِ هڙتال ڪري حڪومت تي دٻاءُ وڌو. ۽ اهڙي دٻاءُ جي موٽ ۾ ڪير وارن جي من مستيءَ ڪي منهن ڏيڻ واسطي گورنر صاحب عوام کي اپيل ڪئي ته ماٺهو ڪجهه ڏينهن لاءِ ڪير پيئڻ ڇڏي ڏين ته ڪير وارن جا پاٺهي هوش ٺڪاڻي اچي ٽيندا.

واهه سائين واهه! ڇا ڳالهه آهي تنهنجي، تنهنجي اهڙي تجويز تي هڪ طرف عمل ڪندڙ عوامي ٻڌي ۽ ڀائيچارو ته پيدا ٿي سگهي ٿو. جڏهن ته ٻي طرف وري پاڻ وس هوندي به بلڪل بي وس نظر ٿو اچي ۽ سندس جي حڪومت به بلڪل ڪمزور پئي لڳي ته پوءِ دڙو دادا ائين چوڻ ۾ حق بجانب آهي ته اڄ ڪير نه وٺڻ جي هدايت ٿي ڪجي. سياڻي وري بجلي گئس جا اگهه وڌڻ سبب انهن جي استعمال کان منع ڪئي ويندي. جڏهن وري اٽو مهانگو ڪري ماني نه کائڻ لاءِ چيو ويندو، پاڻي جي قلت ڪري وري پاڻي نه پيئڻ جي صلاح ڏني ويندي. پوءِ پوتار سائين توهان صرف ايترو ٻڌايو ته توهان ۽ توهان جي حڪومت خير سان ڪهڙا ڦاڙها پئي ماري!؟ معاشري ۽ سماجي زندگيءَ جي بگاڙ جي نقصان لاءِ آخر ڪير ذميوار آهي، سرڪاري انگن اکرن موجب سوا ڪروڙ رپيا روزانو رينجرس تي خرچ ڪرڻ جي باوجود به ڏينهون ڏينهن حالتون سڌرڻ بجاءِ بدتر ٿينديون پيون وڃن ته پوءِ اهڙي پهاج کي گهر نيڪالي ڏني وڃي ته بهتر. باقي عجيب اتفاق آهي ته هڪ معين الدين انتظامي امور ۾ ناڪام ته ٻيو معين الدين سي بي آر جو چيئرمن آهي سو وري ماليات جي وصولي بابت حدف پورا ڪرڻ کان لاچار ٿي پيو آهي. اهو چڱو ٿيو جو چيئرمن صاحب جو ٻاهران

ايندڙ پنهنجي ذاتي سامان سان گڏ 2 سئو شراب جي بوتلن وارو ڪارٽون واپس ڪري مولائي پنهنجي عزت بچائي ورتي، پر سائين منهنجا سنڌ ڌرتيءَ جي لٽيل عزت کي ڪير بچائيندو؟ هو آخر ڪنهن درد ڏيئي دانهڙي. سو ڪتيو ڪائي فقير ۽ ڏک جهلي پولڙي واري ڪار جيان عوام به ڏک جهلي جهلي ساٿو ٿي پيو آهي. عوام انصاف گهري ته ڪنهن کان گهري؟ ڪير آهي جيڪو سندس جي زخمن تي مرهم رکي ڦٽ ڇتائيندو؟ ڪرپشن جي ڪَنَ ۾ قاتل عوام جي ڏکن سورن، جو دادا ڪير ڪندو؟

بقول دڙو دادا جي ته حڪومت مهانگائي تي ڪنٽرول نٿي ڪري سگهي. دهشتگردي تي ڪنٽرول ڪرڻ ۾ مجبور آهي، ملازمن جون پگهارون وڌائڻ ۾ حڪومت مجبور ـ گورنر سنڌ ڪراچي ۾ مڪين، مجرن وانگر ماڻهن کي مارڻ لاءِ چوڻ تي مجبور ـ پيٽ خوري، بدمعاشي، غنڊاگردي جو عروج، هر ڏوهه سان گڏ ڏوهاري وٽ اسلحو موجود، پڪڙيل ڏوهارين جي سلسلي ۾ ڪورٽن جا چڪر ڪاٽڻ کان پوليس خوفزده ۽ مجبور!، غنڊن کي اسلحي جو لائسن ڏيڻ لاءِ شرافت جو سرٽيفڪيٽ ٻن ٽن سو رپين تي ڏيڻ لاءِ ٿاڻيدار مجبور! بقول گورنر صاحب جي ته پاڪستان ۾ سڀ کان وڌيڪ سنڌ ٽئڪس ڏيڻ تي مجبور! سو صاحب وس هوندي به بي وس آهين. آخر ٻيلي ڪجهه ته ٻڌاءِ.

1- ساندي سيني ۾ سور،
2- گونر چو آهين مجبور،
3- جت انسانيت چڪنا چور
4- اتي ڪيستائين هلندي صاحبي
سو دلبر گهماءِ ڏنڊو ـ باقي رک مولا تي الله خير ڪندو.

27 جون 1998ع
روزانو هلال پاڪستان

ڇا ڪانو مري ويا!؟

سو سائين منهنجي کي چوان، هڪ دفعي دڙو دادا جي پنهنجي بالا آفيسر سان ڪنهن ڳالهہ تي تون چا، ماڻ چا تي پئي، آفيس جو هر ماڻهو حيران پريشان پر دڙو دادا پنهنجي ايمان جي سلامتي سان پر عزم ۽ جوان، سائين آخر زيادتي بہ تہ دڙو دادا سان تي هُئي ڇا ڪاڻ تہ هن جي حقن تي ظاهر ظهور ڌاڙو هنيو تي ويو. سو قصو ڪوتاهہ، ڇڏ ڇڏاء بعد آخر دڙو دادا کي سندس آفيسر مهڻو ۽ ڏوراپو ڏيندي چيو تہ يار واهہ، تون تہ گريڊ جو بہ خيال نٿو ڪرين؟ ان تي دڙو دادا چيو تہ هل ڙي مهاندا جهيڙي ۾ گريڊن کي ڏسبو آهي ڇا!؟ بس اهڙي وقت پنهنجي عزت ۽ غيرت جو سوال هوندو آهي.

سو دلبر سائين حقيقت ۾ ڏسجي تہ وڏ ماڻهپي جي منافقي واري مغروري پنجاب پنهنجو پاڻي هندستان کي وڪڻڻ بعد غنڊا گردي ڏاڍ مڙسي جي بيحيائي سان سنڌوءَ تي سوئر واريون اکيون وجهيون پئي آيو آهي. اهوئي سبب آهي جو تربيلا ڊيم ـ منگلا ڊيم ـ راول ڊيم ـ چشما ڊيم ـ چشما بئراج ـ چشما جهلم ـ لنڪ واهہ، تونسہ بئراج، تونسہ

پنجند لنڪ واهه ۾ چشمه رائيٽ بيڪ ڪئنال سنڌوءَ تي ناهي سنڌ درياهه کي سڪائي رکڻ ته پنهنجي جاءِ تي پر جي هاٿي جيڪو تورو گهٽو تري ۾ پاٿي بچيو آهي ان تي ڪالاباغ ڊئم جي بهاني سان کسڻ جي ڪوشش ۾ آهي، سو ڪالاباغ جي باري ۾ مون کي گهٽي ڊيگهه ته ناهي ڪرڻي ڇو ته روزاني اخبارن وغيره جي وسيلن، انگن اکرن ۾ ٺوس ثبوتن سان اصولي واعدن ناهن جي ڀڪڙي جي حوالن سان مضمون ڇپجي رهيا آهن. پر تنهن هوندي به ايترو ضرور چئبو ته ملڪ نهڻ کان اڳ به پنجاب سنڌوءَ جي سرهاڻ کي دل سڙي نظر سان جڪ ڪائيندو رهيو آهي، جڏهن ته ملڪ نهڻ سان ته وري خير سان اجا بـ ٽوٽل ڪنٽرول ٻٽجي بيپرواهه بادشاهه تي پيو. تنهن ڪري ٻين ڏاڍاين سان گڏ وقت بـ ڊيم جي سرپاٽ کي ڪيندو پئي آيو آهي جڏهن ته سندس جي اهڙي رينگٽ هاٿي تمام گهٽي شدت اختيار ڪري ورتي آهي پنهنجي هوڏ تي سدائين ڪنڌ زيل رکڻ وارو اکين پوٽ، مفاد پرست "پنهنجي ۾ هٽَ ۾ پرائي ۾ اکيون وجهڻ وارو الائي ڇو وساري ويٺو آهي ته سندس جي ڇهري تان سپريم ڪورٽ جي بي حرمتي وارو بدنما داغ اجان تائين صاف چٽو نظر پيو اچي، هاٿي ته وري پياري پاڪستان جي انهي صوبائي اسيمبلين جي وقار تي بـ دانگي ملي ڇڏي اٿس، جنهن جي صدقي هو، پاڻ کي معتبر ٿو سڏائي.

سو سائين، دڙو دادا ائين ته ڪونـه ٿو چوي ته اهو سڀ ڪجهه ميان صاحب ٿو ڪري ڇاڪاڻ ته بابلا هوته هڪ صنعتڪار آهي ان کي سياست جي ڪهڙي خبر هوندي بـ ڏنو ويجي ته لٺ بائي ۾ ڏنڊي جي زور وار ڇانو ۾ پلجندڙ، "جاڳ پنجابي جاڳ،" جي ڊپڙ دونس واري نعري سان پنهنجي جان بخشي سان گڏ هو پنهنجي صنعتن جي قسمت کي بـ چمڪائي ويٺو آهي، سائين اهوئي وڏو سبب آهي جو ائٽمي ڌماڪي ۾ ڊيم جي راڳ سبب انسانيت مار وڌندڙ مهانگائي تان ماڻهن جو توجهه ڦيرائڻ ۾ ميان صاحب ڪامياب ضرور ٿيو آهي پر پوءِ بـ

سندس جي افعالن کي ڏسي ڪري ائين محسوس ٿو ٿئي ته گلشن جو خدا حافظ. هوندئن به ڏٺو وڃي ته جنرل غلام محمد کان پوءِ پنجاب کي شايد ئي ڪو اهڙو مليو هجي، جو ته هو. سدائين بين جي ڪلهن تي بندوق رکي شڪار پٺي ڪيو آهي، بغض ۽ ڪيني سان ٽمٽارو ون يونٽ جي خونخوار نفرتن جي ڪندن واري نوڙ سان جڏهن سنڌ کي جڪڙيو ويو ته تڏهن سنڌ جي سپوتن، ماريءَ جي اهڙي اڏيل ڄار کي ڀاڙون اکيڙي حاڪمن کي گوڏا کوڙڻ تي مجبور ڪيو. پر چوندا آهن ته چور چوريءَ کان وڃي، هيراڦيري کان نه، سو ان دوران به هن اٽڪل بازي ڪري ورتي سائين. ناراض نه ٿجو سائين ون يونٽ تي اسان جا اها تحريڪي همراهه اڄ به بهادريءَ جون ڪهڻيون پيا هڻن پر ڪين شايد اڄ تائين اها خبر ڪين اٿن ته ان دوران ڇا وهيو ڇا واپريو. ڇا وڃايو ۽ ڇا حاصل ڪيو سو سائين ون يونٽ ته برابر ٽٽو پر پنجاب سنڌ جي ماڇي ۽ نور شاهه وارو علائقو ڪسي ورتو. ها سائين، ون يونٽ کان اڳ اهو علائقو سنڌ جو هيو پر ون يونٽ ٽهڻ بعد اوباوڙي جي يونين ڪائونسل ماڇڪو ۽ نور شاهه کي پنجاب جي تعلقي صادق آباد جي انتظاميه جي حوالي ڪري ڇڏيو ۽ اهڙي طرح سان جڏهن ون يونٽ ٽٽو ته ساڳيو علائقو پنجاب وٽ ئي رهجي ويو. مذڪوره علائقي جي چئني طرفن کان سنڌ آهي، جنهن جو حقيقي ثبوت سنڌ حڪومت جي شمارياتي بيورو جي نقشي تي سکر واري آفيس ۾ اڄ به موجود آهي. پر افسوس جو سنڌ حڪومت اجا تائين ڪوبه تحرڪ نه ورتو آهي، اجا به پنجاب جي ديده دليري وارو وڏو عذاب اهو ته اوباڙو تعلقي جي هزارين ايڪڙن تي پکڙيل "چيدڙ ٻيلي" تي به پنجاب سرڪار پنهنجي وارثي ميراثڻ لاءِ سپريم ڪورٽ ۾ ڪيس داخل ڪري چپ چاپ ۾ اهو ٻيلو به پنهنجي قبضي ۾ ڪري ورتو آهي.

سائين منهنجا ڳالهه اجا اتي ختم ڪونه ٿي ٿئي، پر پاڻي جي ناهه وارن سڀ معاهدن کي پٺي ڏيندي پنجاب، سنڌ سرڪار کان

اڳواٽ اجازت وٺڻ بنا تؤنسہ پنجند چشمہ ۽ جهلم ڪئنال کي ويڪرو ڪري هر مُنڍ ۾ چاليهہ هزار ڪيوسڪ پاڻي بغير ڪنهن حجت ۽ چون چران جي 1995ع کان ڇڙڪائي پيو. جڏهن تہ هاڻي وري منافقي چال سان ايمرجنسي جي زور تي ڪالاباغ ڊيم ٺاهڻ تي سندرو ٻڌي بيٺو آهي، سو لڳي ائين پيو تہ وري نئين رنگ ڍنگ سان "موتمار ون يونٽ" لاڳو ڪيو ويو آهي. سندس جي اڳين ۽ موجوده روين مان ائين پيو لڳي تہ پنجاب هميشہ صرف ۽ صرف پنهنجي مفادن لاءِ ڪم پئي ڪيو آهي نہ ڪي ملڪي يڪجهتي لاءِ دلبر سائين!

سو ڏنڍي جي سرڪار ائين سمجهي تہ، ڪو ايمرجنسي لڳائي اهڙو من گهريو مقصد حاصل ڪري وٺندي پر ڪيس اهو بہ چڱيءَ طرح سان ياد رکڻ گهرجي تہ ڪڏهن ڪِولِ بہ هاٿيءَ کي ماري وجهندي آهي، پيو نہ تہ بہ اها ڳالهہ ذهن نشين ڪرڻ جي آهي تہ "ڇا ڪانو مري ويا آهن جو لولو حج تي ويندو!؟" سو آخر ۾ دڙو دادا حمايتي ڪُنڊ ذهن ماڻهن جي منافقت وارن روين کي نندينديءَ پڻ ڊيم جي خلاف گڏيل تحريڪي اتحاد جي ڀرپور حمايت ڪندي هر طرح جي مددي تعاون ڪرڻ جو ساٿ ڏياريندي پڻ چوي ٿو تہ:

گڏجي هلڻ جي پڪ ڏيو، اسان کي
ان ويل تائين ڪڏهن سُک نہ سمهبو.
حق پنهنجا جيسين نہ ملندا او يارو
پنهنجي رت سان هاڻي ٻاري مشعالون
ڪائنر ڪوٽ تنهنجا ڇڏينداسين ڊاهي.

ڇنڇر 18 جولاءِ 1998ع
روزانو هلال پاڪستان

حڪومت جا چار ڌماڪا

سو سائين منهنجي ڪي چوان، اسان جي پياري پاڪستان جي عوام کي ايٽمي ڌماڪن ڪرڻ سبب في الحال تہ اجان تائين اهڙي پريشاني ڪونہ ٿي آهي، جيتري ميان صاحب جي ٻين ٽن ڌماڪن ڪرڻ تي ٿي آهي. پهريون ڌماڪو ٻاهرين ڪرنسي اڪائونٽس تي پابندي جي اعلان وارو هو، جنهن سبب مخالف ڌر جي اڻ وٽندڙ ماڻهن سان گڏ ڪجھہ ٻين تي بہ اثر ضرور پيو جڏهن تہ حاڪم اينڊ پارٽي تي ان جو اثر ائين رهيو جيئن پاڪستان ۾ هندستان جي ايٽمي ڌماڪن ڪرڻ بعد سندن تي آمريڪا جون لڳايل پابنديون بي اثر ٿي ويون، ڇاڪاڻ تہ جنهن ڏينهن صدر ڪلنٽن ڀارت جي خلاف اقتصادي پابندي هنيون

هيون، سو بلڪل ان ئي ڏينهن هڪ آمريڪي ڪمپني آئي بي ايم هندستان ڪي پرٿوي ميزائل جي لاءِ ڪمپيوٽر سافٽ ويئر وڪرو ڪيا ۽ وڏي ڳالهه تہ آئي بي ايم اهڙو سودو وري آمريڪي وزارت تجارت جي منظوريءَ سان ڪيو ۽ حيرت جي ڳالهه اها تہ اهڙي منظوري ڪلنٽن جي طرفان اقتصادي پابندين جي اعلان بعد ڏني ويئي. هاڻي ڏي منهن سائين!

سو بلڪل اهڙي طرح سان ميان صاحب طرفان ايمرجنسي جي بي ڌماڪي ڪرڻ بعد احتساب بيورو جي چيئرمين جناب سيف الرحمان ۽ ان جي ڀاءُ مجيب الرحمان ۽ ٻين ڪيترن ان رات ئي بينڪن مان 60 ارب رپيا ٻاهرين ملڪ موڪلي ڇڏيا. سو اهڙي حقيقت تي مبني سچي تحقيقات ڪرڻ واري ڊائريڪٽر جنرل ايف آئي اي جناب عنايت الله نيازي کي نہ صرف ميان شريف جي حڪم تي گهر ويڙو ڪيو ويو پر ان سان گڏوگڏ حبيب بينڪ جي ايگزيڪيوٽو ميمبر راشد علي کان زبردستي استعيفيٰ وٺرائي ڪيس ملڪ کان ٻاهر لنڊن موڪلي اجان بہ بينڪ مان ناجائز رقم منتقل ڪرڻ جا اهڙا اختيار ماڊل ٽائون لاهوريءَ کي سونپڻ سان گڏ. اصل ڏوهارين کي باعزت آزاد ڪري ميان صاحب ڪهڙو قصور ڪيو سائين؟ ڇو تہ پياري پاڪستان ۾ حاڪمن جا اهڙا حڪم صرف ۽ صرف پنهنجي مخالفن جي آواز کي بند رکڻ لاءِ ڪيا ويندا آهن قانوني شڪل ۾ سائين. نہ ڪي پنهنجي لاءِ. اجان بہ ڏٺو وڃي تہ خير سان ميان صاحب ڪالا باغ ڊيم جو ٽيون ڌماڪو ڪري ملڪ جي قوم کي منتشر ڪري ڇڏيو تہ ڪا وڏي ڳالهه ناهي ڇو تہ سندس جي وڏي شعبده بازي وري اها تہ سرڪاري طرح سان ڊيم لاءِ فنڊ نہ رکي دنيا آڏو پاڻ کي بيقصور ثابت ڪرڻ جي سهٽي ڪوشش سان گڏ اهڙي نازڪ معاملي تي وري خير سان عوام کي خودانحصاري فنڊ جي بهاني سان مقصد حاصل ڪرڻ جو هڪ منفرد طريقو ڪڍيو ويو آهي سائين.

ڇا ٻڌايان سائين وڏي ٽپتائي ته اها جو هڪ طرف خود انحصاري جو راڳ ڳائي قوم اڳيان وري جهولي جهلڻ سان گڏ ڪين سادگي جي ترغيب ڏني تي وڃي. بقول دڙ دادا جي، ته هن ڪان اڳ سڀ ڪجهه "قرض لاهيو ملڪ سنواريو" جي سلسلي ۾ قوم ڏئي ڇڏيو باقي هاڻي ته عوام جون ڦتڪيل اميدن مان صرف رت جا ٻه ٽي قطرا ئي باقي بچيا آهن. جڏهن ته پوتارن جا وري ان سلسلي ۾ جاوائي جا والڳا پيا آهن. ايستائين جو ڊي سي آفيس لاهور جي هارسينگار ۽ شان شوڪت واري ڊهڊهي تي 8 ڪروڙ رپيا خرچ ڪرڻ جي منظوري ڏني ويئي آهي. ميان صاحب جي 80 ڪروڙ رپين جي هوائي جهاز جو شوق الڳ آهي اهڙي اڏام جي هڪ ڪلاڪ واري سفر تي سوا لک رپيا خرچ ٿئي ٿو. باقي سرڪاري خرچ تي سندس ذاتي رائونڊ فارم تي ٺهرايل هيلي پيڊ جي في الهال ڳالهه نٿا ڪريون نه ئي وري ان فارم سان ملندڙ سڙڪ جي ڳالهه ٿا ڪريون جيڪا به سرڪاري رقم سان ٺهرائي پئي وڃي. پر ٽڏهن به اهو ضرور چئبو ته ٽيليويزن تي قوم سان ڪيل واعدي موجب ته ميان صاحب پنهنجا يونٽ قوم حوالي ڪندو سو هن وقت تائين اهڙو ڪوبه قيمتي يونٽ جو اثاثو اچ تائين واپس ته ڪونه ڪيو آهي پر رائونڊ جي فارم تي سندس خاندان پاران خيراتي سرگرمين جي بهاني غريب عوام لاءِ ملندڙ امداد به رائونڊ جي هارسينگار تي خرچ پئي ٿي. سو ميان صاحب ڪوڙن بنيادن تي ورتل بينڪ جي قرض خورن کي دهمان ڀٽيءَ سان پير صاحب وانگر ٻين کي به ميان پنهنجي طرفداري ۾ ڊيم بنائڻ لاءِ هڪ طرف حمائتي بنائڻ جي ڪوشش ته ڪري ٿو جڏهن ته ٻي طرف خود انحصاري بدران 360 ايڪڙن تي پکڙيل رائونڊ فارم تي 74 ڪروڙ رپيا خرچ ڪري پاڻ خود نمائي ۾ نمايان آهي، ته پوءِ تاجر ۽ صنعتڪار هن ملڪ جي جوان عظمت کي چوسيل ڳنديري ٻڻائي ڇڏين. ٽيڪس نه ڏيندڙن جو احتساب ڪندڙ سيف الرحمان پاڻ ڪوبه ٽيڪس نه ٿو ڏي، بر ميان

صاحب 10 ارب رپين جو مقروض هئڻ جيان، سيف الرحمان جي ايڊڪو ٽيڪسٽائل پاڪستاني بينڪن جي هڪ ارب رپين جي مقروض آهي. پر اڃان تہ وڏي شابس آهي چوڌري شير علي کي جيڪو سيف الرحمان جي ڪارن ڪرتوتن جي هيراقيري جا راز دل ۾ رکيو ويٺو آهي. باقي چوڌري نثار علي خان تہ سيف الرحمان کي آسٽريلوي تاجرن جي سامهون منهن تي ٿڦون وهائي پنهنجي دل جي ڀڙاس ڪڍي ڇڏي. پر سائين منهنجا حالتن جي خراب هئڻ ڪري ڪاروبار جو بند هئڻ سبب معاشي نقصان سان گڏ حڪومت جي غلطين سبب سياسي عدم استحڪام ۾ وڌيڪ اضافو ٿيڻ لڳو آهي. سو اقتدار جي نشي ۾ خماريل حاڪم ۽ اينڊ پارٽي پاران پيٽرول جي اڳهہ ۾ واڌ واري چوٿين ڏماڪي سان اهي ليگي صنعتڪار جن جو پيٽرول جي صنعت سان واسطو آهي، انهن کي راتو رات امير بڻائڻ لاءِ پيٽرول جي اگهہ ۾ 25 سيڪڙو واڌارو ڪري ڪين جي صحت کي چار چنڊ بخشي ڇڏيا آهن، پر جڏهن تہ ملڪ ۾ هڪ نئون ہائيتال پيدا ڪري عوامي سمنڊ ۾ زوردار پٿر اڇلائي ماناريل لهرن ۾ نئون ولولو جوش جذبو پيدا ڪرڻ واري هٿرادو سجاڳي آندي پئي وڃي، تنهن ڪري بقول دڙو دادا جي تہ سنڌ سان ڪيل ويساهہ گهاتين جي عمل ۾ شريڪ ليڊرن جي ڪرتوتن سبب ٿياس تي تنگيل قوم کي بہ اگهور نند جي گهيرٽ مان نہ صرف اٿڻو پوندو پر پاڻ سان ٿيل ڏاڍاين ۽ ناانصافين جو حساب ڪتاب بہ چڪتو ڪرائڻو پوندو. باقي رک مولا تي، الله خير ڪندو. هونءَ بہ ڏسجي تہ حڪومت جي تڙ تڪڙ وارن ابهرن قدمن مان لڳي ٿو تہ ڍڳو پير پيران.

چنڇر 25 جولاءِ 1998ع

روزانو هلال پاڪستان

مهراڻ پبليڪيشن ڪراچي طرفان ڇپايل ڪتاب

١) پيڪنگ پڇارون ـ سفرنامون	ختم ٿيل
٢) ڏڙو دادا جون ڳالهيون طنز و مزح ڪالم	ختم ٿيل
٣) سگهڻ سڌ نہ سور جي ـ ڪالم	ختم ٿيل
۴) ينگر فائونڊيشن ٽرسٽ ـ ڪتابچو	50 رپيا
۵) گل ۽ ڪنڊا ـ طنز و مزاح ڪالم	80 روپيا
٦) گل جو سفر سوونيئر	
٧) سو سائين منهنجي کي چوان طنز و مزاح ڪالم	100 روپيا

مهراڻ پبليڪيشن ڪراچي
جا ايندڙ ڪتاب

١) شڪارپور تاريخ جي آئيني ۾ ـ	نقش ناياب منگي
٢) ماستر جي مستي ـ شاگرد جو شان	گلاب هڪڙو
٣) ڪليندر 4000	لطيف ساگر
۴) منهنجي دنيا	ڊاڪٽر سليمان شيخ
۵) سون ورني ڌرتي ـ سفرنامو بيو ڇاپو	ڊاڪٽر سليمان شيخ
٦) سگا جا سور	گلاب هڪڙو
٧) ٻارن جون ڪهاڻيون	پرويز حيدر

ليکڪ سعيد احمد صديقي کان ڊاڪٽر ياسمين شيخ گولڊ ميڊل ۽ اسلم سنجراڻي کان شيلڊ ايوارڊ وٺي رهيو آهي

گلاب هڪڙي جي لکڻين جي خاص ڳالهه انهن جي رواني آهي. پڙهندڙ جڻ انهن سان گڏ سفر ڪري ٿو ۽ هو، انهن بيان ڪيل سيني وارتائن جو ڄڻ پاڻ اکين سان مشاهدو ڪري ٿو ۽ انهن تجربن مان گذري ٿو، ڪالم رڳو هڪ يا ڪجهه موضوعن تائين محدود ناهن پر سندس دائرو پورو سماج آهي.

سماج جي تاجي پيٽي کي برقرار رکڻ ۽ اُن کي مظبوطي ڏيڻ ۾ انهن ماڻهن جو اهم ڪردار هوندو آهي، جيڪي پنهنجي ذاتي مفادن کان مٿيرا ٿي اجتماعي مفادن لاءِ جاکوڙيندا آهن. حيدر بخش گل يا ماستر کي اهڙن ئي ماڻهن ۾ ڳڻي سگهجي ٿو.

رئوف نظاماڻي

دڙُو دادا سنڌ جي شخصيت جو روپ آهي. سنڌ جي ڇهري تي، دل تي ۽ دماغ تي جيڪي به اندريان ۽ ٻاهريان حملا ٿين ٿا، انهن تي احتجاجِ جي صدا بلند ڪري ٿو.

سائين حيدر بخش "گلاب" پنهنجي قلمُ سان سنڌي ٻوليءَ کي هڪ نئون طنزيه انداز ڏنو آهي، جنهن جي جهلڪ هن ڪتاب ۾ عيان آهي.

ڊاڪٽر سليمان شيخ

گلاب هڪڙي جا ڪالم به ادب ۽ صحافت جو هڪ حصو آهن، جن جو سڌو سنئون تعلق زندگي، زندگيءَ جي مسئلن ۽ مسئلن جي حل تلاش ڪرڻ سان آهي.

گلاب هڪڙو هونءَ به سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ ثقافت جو عاشقڙو آهي. سچ پچ هُن پاڻ کي سنڌ امڙ جي سيوا لاءِ اربي ڇڏيو آهي. سندس ڪالمن ۾ ڪيترا ڏاهپ ڀريا نقطا ۽ تاريخي حقيقتون به آهن.

تاجل بيوس

مهراڻ پبليڪيشن ڪراچي جو ڇهون ڪتاب "سو سائين منهنجي ڪي چوان"

پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ”اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، جُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڃوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳَر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نسل (پَـنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪـو بـہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهـڙي دعويٰ ڪري ٿـو تـہ پَڪَ ڄاڻو تـہ اُهو ڪُوڙو آهـي. نـہ ئي وري پَـنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪـڏهن ڪـو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَـرَح وڻـن جا پَـنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آهـن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بـہ ٿـي سگهن ٿا. بيـن لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نـہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تـہ پَـنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتـي بنيـادن تـي بـہ ٿِيـن. اهـڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَـرڻ جـي اُصـولَ هيـٺ ڏي وَٺُ ڪنـدا ۽ غيرتجـارتي -non commercial رهنـدا. پَنَـن پـاران ڪتـابن ڪـي ڊِجيِٽـائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪـو بـہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪـرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ ڪان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪـڏهن ڪـو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ پلي ڪمائي، رُڳو پَنَـن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٺاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکَڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛
... ...
ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........
... ...
هي بيتُ اَٿي، هي بَمر- گولو،
جيڪي بہ ڪٺين، جيڪي بہ ڪٺين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ -

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ جاٽائي کي ڀاڱ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪجي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻچاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **جو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين تا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽتر گهرج necessity unavoidable سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

ون ون کي مون ياڪي پائي چيو تہ "منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)